فائوسٽ

يوحان وولف گوئٽي

چيتمل پرسرام

روشني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فائوسٽ
(Faust)

يوحان وولف گوئٽي

جيٺمل پرسرام

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2002ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Roshni Book No. 212

ڪتاب جو نالو: فائوسٽ
ليکڪ: يوحان وولف گوئٽي
ترجمو: جيٺمل پرسرام

ڇاپو ٽيون: سنواريل © روشني 2002ع
سنواريندڙ: حسين سومرو
ڪمپوزنگ: روشني ڪمپوزرس، حيدر چوڪ، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ
قيمت: [redacted] رپيا

FAUST

(Drama)

by: **Johan Wolfgand von Geothe**
Translated by: **Jethmal Parsram**
Editor: Hussain Soomro.
Roshni Composers, Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro

New Revised Edition © Roshni 2002

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد
سنڌ بڪ ڪلب، رابعه اسڪوائر - حيدرآباد
ڪاٺياواڙ اسٽور - اردو بازار، ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر - لاڙڪاڻو
نيشنل بڪ ڊيپو، بندر روڊ، لاڙڪاڻو
عزيز ڪتاب گهر - بئراج روڊ، سکر
ڪتاب مرڪز - فيريئر روڊ، سکر
يونائيٽيڊ بڪ لينڊ - مهراڻ مرڪز، سکر
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
قاسميه لائبرري - ڪنڊيارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

هن ڪتاب جو رچيندڙ جرمنيءَ جو مشهور شاعر گوئٽي آهي. هن جو سڄو نالو يوحان وولف گينگ گوئٽي آهي. هن جو مشهور ۾ مشهور ڪتاب "فائوسٽ" آهي، هي شخص جرمنيءَ ۾ اهڙو مشهور آهي جهڙو انگلنڊ ۾ شيڪسپيئر. جيئن شيڪسپيئر دنيا جو مشهور شاعر آهي، تيئن گوئٽي به دنيا جو مشهور شاعر آهي. جيئن شيڪسپيئر جي ناٽڪن ۾ مشهور ناٽڪ "هئمليٽ" آهي، تيئن گوئٽي جي ناٽڪن ۾ مشهور ناٽڪ "فائوسٽ" آهي. گوئٽي جرمنيءَ جو هڪ وڏو گُرو آهي.

آمريڪا جو مشهور ليکڪ "ايمرسن" جنهن کي زماني جو هڪ نبي سڏيو آهي، سو هن جرمنيءَ جي شاعر واسطي لکي ٿو: "هو صاحب، اتهاسن، پراڻن، فلاسفين، سائنسن، ۽ قومي ساهتن جو هڪ اعليٰ ڄاڻو هو. هو اُنهن علمن جو پنڊار هو، ساري جهان جي علمن مان واقف هو. هندستان جي، اتروسيا جي، سئڪلوپي وغيره جي، علم ذرتي، علم ڪيميا، تارن جي علم وغيره ۾ هو ماهر هو. انهن سيني تي هن پنهنجو شاعراڻو هٿڙو گهمايو. ڪنهن بادشاهه ڏانهن نظر ڪبي آهي ته عزت سان نهاربو آهي، پر سمجهو ته مجلس هجي، جنهن ۾ ڪيترا بادشاهه اچي ڪٺا ٿيا هجن، ته پوءِ اک، هڪ هڪ جي خاصيتن جانچڻ کي لڳي ويندي! اهو نه سمجهڻ گهرجي ته هن ڪتاب ۾ ڪي ڪرامتي راڳ يا لنبيون مورتون چٽيل آهن، پر انهيءَ ۾ هن پنهنجو اسي ورهين جو آزمودو درج ڪيو آهي. هو هڪ اعليٰ شاعر آهي؛ پنهنجي وقت جي شاعرن جو سرتاج آهي."

ايمرسن صاحب چوي ٿو ته، گوئٽي اهڙو انسان هو جنهن کي سوين هٿ هئا، ۽ سوين اکيون هيون! جيئن نيپولين، اوڻهين صديءَ جي ٻاهرئين دنيا جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سردار هو، تيئن گوئٽي دنيا جي ٻئي اڌ جو (اندرين دنيا جو) سردار شاعر هو. هن سڀ علم ڪنا ڪري هڪ جاءِ تي آندا."

گوئٽي جرمنيءَ لاءِ نہ رڳو شيڪسپيئر آهي، پر هو جرمنيءَ جو بيڪن بہ آهي. جيئن بيڪن ۾ سڀ علم وچي گڏ ٿيا هئا، تيئن گوئٽي ۾ سڀ علم اچي ڪنا ٿيا هئا.

گوئٽي 1749ع ۾ جرمنيءَ جي فرئنڪفرٽ شهر ۾ پيدا ٿيو. سدورو پٽ، پينگهي ۾ پڙرو، سو ٻالڪ جو من نديي هوندي ڪان ئي اپياس ڏي مائل هو. ڪنڊن ۾ پيو گذاريندو هو. مٿي ماڙيءَ تي عمدي ڪوٺي ۾ وچي ويهندو هو، جنهن کي باغ ڪري سڏيندا هئا، ڇو تہ اُتي گلن جون ڪونڊيون رکيل هونديون هيون. فرئنڪفورٽ جو شهر مين نديءَ تي آهي؛ گوئٽي نديءَ جي پل تي وينو نظارا ڏسندو هو. علم بہ قسم قسم جا پڙهيائين. 22 ورهين جي عمر ۾ قانون ۾ بہ ڊاڪٽر جي ڊگري حاصل ڪيائين. جسماني علم، تارن جي علم ۽ ٻين علمن ۾ خوب ٽپيون هنيائين.

هو هڪ طرف دماغي حيرت هو، فيلسوف هو، تہ ٻئي طرف دلي ترقيءَ جو صاحب هو. اعليٰ حسن پرست هو.

گوئٽي پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي آهي، تنهن ۾ هن پنهنجي حياتيءَ جا ڪي واقعا ڏنا آهن. هو پنهنجي پهرين عشق جي تو ڳالهہ ڪري، "هن وقت منهنجو پهريون عاشقاڻو تجربو شروع ٿيو. گريچن نالي هڪڙي سهڻي نينگرِ تي آءٌ موهت ٿي پيس، جا هڪ هوٽل ۾ هئي. جنهن پل مون هن جي صورت ڏٺي، تنهن پل کان پوءِ هن جي صورت جتي ڪٿي مون ساڻ هئي. ديول ۾ ڊگهي عبادت جو سارو وقت منهنجي نگاهہ هن تي هوندي هئي، آءٌ هن کي عشق جا خط لکندو هوس. هن لاءِ اها ڳالهہ اڻ وڻندڙ نہ هئي. جوانيءَ جي پهرئين سمي ۾ جڏهن من ۾ اچا ڪُربت ڪانہ گهڙي آهي، عشق روحاني صورت ٿو وٺي. قدرت جي اها خواهش ٿي ڏسجي تہ عورتون ۽ مرد هڪ ٻئي منجهان نيڪي ۽ حسن پسن. مون لاءِ بہ هن نينگر جي ڏسڻ سان، حسن ۽ نيڪي جي هڪ نئين دنيا کلي پيئي. پر منهنجي پيءُ کي سُڌ پئجي ويئي؛ اسان جي ڪٽنب ۾ اچي رولو پيو. جنهن ڪري آءٌ بيماريءَ جي بستري تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داخل ٿيس. مون کي تاڪيد ڪيو ويو ته ڪتب جي ڪنهن به پاتي ڪان سواءِ بئي ڪنهن سان به رستو نه رکج. مون لاءِ دک وڌندو ويو.“

گوئٽي تي اثر پنهنجي ملڪ جي ٻن اعليٰ انسانن جو هو. هڪڙو سندس دوست هرڊر ۽ ٻيو مشهور شلر.

جرمن ٻوليءَ ۾ شيڪسپيئر جو ڪتاب جرمني جي شيگل ترجمو ڪيو هو. شيڪسپيئر جي ناٽڪ ۽ ويچارن جرمنيءَ ۾ اُٿل پيدا ڪري ڇڏي. شيڪسپيئر جي اثر هيٺ انيڪ جرمن عالم ۽ شاعر آيا. گوئٽي به هن جو هڪ پوئلڳ سمجهڻ گهرجي. مون هي ترجمو ڪندي ڏٺو آهي ته خاص ڪري هن ”فائوسٽ“ جي ناٽڪ ۾ ته شيڪسپيئر جو وڏو اثر ورتو آهي. ڪي گفتا ته شيڪسپيئر تان هوبهو ترجمو آهن. هن فائوسٽ جي ٻئي ڀاڱي ۾ ته شيڪسپيئر جي مشهور ناٽڪ ”طوفان“ مان ايريل ديو ڪي آڻي درج ڪيو اٿس. شيڪسپيئر جي هئمليٽ جي من جي اندر جا بيان؛ ڪنهن قدر فائوسٽ منجهه چٽا ڏسجن ٿا.

گوئٽي پاڻ به ڪو هڪ عجيب ۽ اعليٰ انسان هو، جنهن آڪاٽي ڪي اهڙو ته روپ ڏنو آهي جو ڪيا بات. فائوسٽ جي آڪاٽي ڪا نئين ڪانه جوڙي اٿس. چوڻ ۾ ٿو اچي ته فائوسٽ نالي هڪ انسان ٿي گذريو هو، جنهن جادوءَ جي علم ۾ پاڻ کي وڌو، ۽ جنهن جا سچ پچ ڪيترا تجربا ڪيترن ڪتابن ۾ ڄاڻايل هئا.

شيڪسپيئر جي وقت ۾ انگلنڊ جي مارلو شاعر ۽ ناٽڪ ڪار به هڪ ناٽڪ ”فائوسٽ“ نالي لکيو هو.

گوئٽي جي فائوسٽ ۽ مارلو جي فائوسٽ جي وچ ۾ وڏو تفاوت آهي. مارلو جو ناٽڪ هڪ رواجي ڳالهه آهي، پر گوئٽي جو ڪتاب قدرت جو درياهه آهي، جنهن ۾ هر قسم جون ڇوليون ٿيون لڳن، ڪا ڪهڙي رنگ واري ته ڪا ڪهڙي رنگ واري.

هن ڪتاب پڙهڻ سان، دل تي هڪ عجيب اثر ٿو پيدا ٿئي. مون تي ته اهو اثر پيدا ٿيو آهي ته گوئٽي هڪ اعليٰ انسان آهي. هي ڪتاب ٻاهران ناٽڪ جي صورت ۾ آهي، پر هن ۾ اندر جي وڏي کوج ٿيل آهي. انسان جي اندر جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڙائي، هن ۾ حيرت جي قلم سان چٽيل آهي. آڪاٽي جي آڪاٽي، ۽ سمجهاڻي جي سمجهاڻي! اڄ پڙهندڙ کي صلاح ڏيندس تہ هي ڪتاب پڙهي پوءِ سنڌ جي روحل جو ڪتاب ”من چت واد“ نالي بہ پڙهن. ڪي ٽڪرا تہ هوبهو ساڳيا آهن. سچ پچ تہ هي اعليٰ انسان، جهاد اڪبر يعني ڏرم يڌ مان لنگهي نفس يعني من جي سيني حالتن کان واقف ٿين ٿا ۽ پوءِ شاعراڻي نوع ۾، رنگين عبارت ۾، اهي پنهنجا تجربا پڌرا ڪن ٿا.

هن ڪتاب ۾ ”ميفسٽوفلس“ جي مورت چٽيندي تہ گوئٽي ڪمال ڪري ڇڪو آهي. ميفسٽوفلس هتي ابليس يعني شيطان جي صورت آهي. گوئٽي شيطان واري ڳالهہ قائم رکي آهي، جنهن موجب آهي تہ شيطان ڏٽيءَ جو فرشتو هو، باهہ جي پيدائش هو پر مٽيءَ مان نهيل انسان کي سجدو ڪين ڪيائين. سراب لڳس، ابليس ٿيو ۽ ان ڏينهن کان وٺي انسان کي دق ڪرڻ جو قسم کنيل اٿس. عدن جي باغ ۾ نانگ جي صورت ۾ بيبي حوا کي ميوو ڏيئي گمراهہ ڪيائين. گوئٽي هيءَ ڳالهہ هن ناٽڪ ۾ قائم رکي آهي.

گوئٽي ڀارت جي اُتهاس ۽ روحاني علم جو ڄاڻو ٿو ڏسجي. عالم آشڪار آهي تہ هو اسان جي شاعر ۽ ناٽڪ ڪار ڪاليداس تي عاشق هو، ۽ شڪنتلا تي مست هو، شڪنتلا تي سندس ننڍو شعر دل اُٿاريندڙ آهي. هن فائوسٽ واري ناٽڪ جو پهريون بندوبست اصلوڪي ڪتاب ۽ ناٽڪ ڪار وارو ڪاليداس تان ورتل آهي. هن ترجمي ۾ اهو ٽڪرو ڪونہ ڏنل آهي.

فائوسٽ جي ناٽڪ جا انگريزيءَ ۾ بہ ڪيترائي ترجما آهن، جي ترجما پيئڻ سان، معلوم ٿئي ٿو تہ ڪيئن نہ جدا جدا ترجمانن جي لکڻين ۾ وڏو تفاوت آهي. مون بہ هي ترجمو ڪندي ضروري هنڌن تي ٽي ترجما پئي پيٽيا آهن. هڪڙو جان ائنسٽر جو، بيو لٽنام جو، ٽيون ائناسوانوڪ جو. ائناسوانوڪ جو ترجمو مشهور آهي. ان جي ڪوتا چوٽ آهي، سندس پد سولا ٻڌل آهن، پر خيال جي ڳت منجهس گهٽ آهي. لٽنام جو ترجمو بہ عمدو آهي، پر ان ۾ ڪيترن هنڌن ڪي ڪي ٽڪر ڪڍيل آهن. ائنسٽر جو ترجمو منهنجي نظر ۾ بهتر آهي.

مون هن ترجمي ۾ اڪر بہ اڪر ڪونہ ڏنو آهي؛ ڪي ٽڪرا ڪڍي ڇڏيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿم، ۽ ڪن جو اختصار ڏنو اٿم. پر ڇڱو ڀاڱو، خيال ۽ ٻولي سوڌو، قائم رکيو اٿم. فائوسٽ جي ناٽڪ جا ٻه ڀاڱا آهن، مون فقط هن جو پهريون ڀاڱو ترجمو ڪيو آهي، ٻيو ڀاڱو ٻه وڏو آهي، پر هن پهرين ڀاڱي جي ڪهاڻي جو ٻئي ڀاڱي جي ڳالهه سان خير ڪو لاڳاپو ٿو ڏسڻ ۾ اچي. اُتي ڳالهه ٿي ٻي آهي. اُتي ويس ڏاري ٿي ڪي ٻيا آهن. اُتي مراد ٿي ڪا ٻي آهي، جنهن ۾ فائوسٽ دک جي آزمائش ڪان پوءِ ڪو نئون جامو ٿو پهري. اُنهيءَ ڀاڱي ۾ چوڻ ۾ تو اچي ته باريڪ دماغي ڪوجنا آهي، ڪتابي علمن جا بحر ڪليل آهن: پر ناٽڪ جو مکيه ڀاڱو هيءُ پهريون آهي، جنهن ۾ مارگريٽ جي آکاڻي ٿي هلي. گوئٽي ٻه هي ڀاڱا جدا جدا ڪري ڇڏيا هئا. گوئٽي جڏهن 1769ع ۾ ويهن ورهين جو جوان هو، تڏهن هن فائوسٽ جو ناٽڪ هٿ ۾ ڪنيو. سخت بيمار ٿي يونيورسٽيءَ منجهان اچي، فرئنڪفرٽ ۾ پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ رهيو هو. بيماري ٻه ڳچ وقت هليس. انهيءَ وقت هو ڪيميا ۽ جادوءَ وغيره جا ڪتاب پڙهڻ لڳو. فائوسٽ جو ناٽڪ هن جي من ۾ صورت وٺندو ويو، پر قلم هن وري ٻه ٽن چئن سالن ڪان پوءِ هٿ ۾ ڪنيو. ڪجهه ٿورو لکيائين، پر وري رکي ڇڏيائين. 20 سال پٺي لکيائين، ته ٻه اجا پهرئين ڀاڱي جو فقط هڪڙو ٽڪرو لکيو هئائين جو 1790ع م ڇپائي پڌرو ڪيائين، پوءِ ٻه وڃي وڏين نوڪرين ڪي لڳو. بادشاهه ۽ شهزادا مٿس عاشق هوندا هئا. وري سٺن سالن ڪان پوءِ ناٽڪ هٿ ۾ ڪنيائين، چو ته سندس دوست شلر مٿس زور رکيو. پوءِ ٻه 11 سال رکي ڇڏيائين، آخر 1808ع ۾ ڪتاب جو پهريون ڀاڱو تيار ڪيائين.

ماڻهن ڪونه ڀانيو ته ڪو ٻيو ڀاڱو اچڻو آهي. وري ٻه 20 سالن ڪان پوءِ ٻئي ڀاڱي جو ڪو ٽڪرو ڇپائي پڌرو ڪيائين. آخر 1831ع ۾ يعني شروع ڪرڻ ڪان 60 سال پوءِ اچي سمورو پورو ڪيائين! پوءِ سيل مهر ڪري پيتي ۾ بند ڪري رکي ڇڏيائين. پويان ٿي سال سانده محنت ڪئي هئائين هدايت ڪري ڇڏيائين ته هي سارو ڪتاب سندس مُئي ڪان پوءِ ڇپجي. پر 1832ع ۾ وري ٻه ڪڍي کوليائين، ۽ هڪ ٻن هنڌ ٿوري ڦيرگهير ڪيائين. 20 ورهين جو ڳيرو هو تڏهن ناٽڪ هٿ ۾ ڪنيو هئائين، پر 83 ورهين جو جڏهن جهور بزرگ ٿيو، تڏهن پورو ڪيائين، ۽ سڄو پڌرو ڪيائين. عمر جو تجربو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪتاب ۾ وڌائين. هيءُ اهڙو اعليٰ ڪتاب هڪ اعليٰ اُستاد جو آهي. اهڙي اُستاد جي لکڻي کي هٿ لائڻ شايد بي ادبي آهي. منهنجو ترجمو، جو ترجمن تان ترجمو آهي، تنهن ۾ ڪي ڀُلون هونديون. منهنجي ڪا مراد ڪانه هئي يا آهي ته آءٌ وڏن ترجمانن سان پاڻ برميچيان، منهنجي صرف اها خواهش آهي ته آءٌ سنڌ جي ماڻهن اڳيان، خاص ڪري سنڌي دانن لاءِ هن عجيب مال جو ڪو ماسو سندن خدمت ۾ عرض رکان. جي هيءُ پورهيو قبول پيو ته گوئٽي جي ٻئي ياڳي ء بين ناٽڪن جا ڪي اختصار سنڌين اڳيان رکندس.

– **جيٺمل پرسرام**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوئٽي

جيٺمل پرسرام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌڻيءَ جي دربار

ڌڻيءَ جي دربار ۾ سندس فرشتا ادب سان ويٺا آهن؛ منجهن مکيہ آهن.
رافيل، جبرئيل ۽ ميڪائيل. ڌڻيءَ جي براجمان ٿيڻ تي، سڀ اُٿي کڙا ٿا ٿين،
ڪنڌ نوائي ساراهہ ٿا ڪن. هڪڙي هڪڙي ڪي، پنهنجي پنهنجي فرض
ائگيءَ جي پڌرائيءَ ڪرڻي آهي. ڏيکارڻو آهي تہ سندس ڪاتي ۾ حڪم جي
ميل ڪهڙيءَ ريت ڪئي وئي آهي. اسرافيل سج نسبت، جبرئيل ڌرتيءَ
سبت، ميڪائيل هوا نسبت، بيان ٿا ڪن. انهيءَ وقت ابليس بہ اچي ٿو
ضر ٿئي.

اسرافيل: سورج اصل جي زماني وانگر ٻين ٻيٽرن، تارن منجهہ پنهنجو
رر ڪيل پنڌ ڪري رهيو آهي ۽ اچا تائين، گرجنا ڪندو ڦرندو رهي ٿو.
شتا هن جي روشني مان نئين سگهہ ۽ مڪمل سڪون پائي رهيا آهن؛ سڀ
جهارت آهي. تڏهن بہ سڀ پلائي آهي؛ جنهن وقت روشني شروعات ۾
هر ٿي، تنهن جهڙي ئي سڀ سُندرتا آهي.

جبرئيل: ڌرتي تڪڙي تڪڙي، لاٽونءَ وانگر اهڙو تيز ڦري رهي آهي،
نهن جو خيال ڪري نٿو سگهجي. منجهند جو اُتي جلويدار روشني آهي،
جو شان عجيب آهي؛ رات جو انهيءَ جلوي جي جاءِ تي ڳوڙهي ڪاري
ڀتناڪ رات آهي. غصي ۾ ڀرپل سمنڊ گجي ٿو ۽ گِجي ڪري ٿو؛ لهرون
ڀ ٿيون ڏين، دانهون ٿيون ڪن. جبلن کي عتاب ٿيون ڏين ۽ گهگهي آواز
زور منجهان مٿن ڪاوڙ ٿيون چنڊين. لهرون ۽ پربت، سج ۽ تارا، ٻي انت
ڪر ۾ ڏوڪبا هلن ٿا.

ميڪائيل: طوفان، طوفانن سان، پرجوش جنگ جوٽيندا رهن ٿا. سمنڊ
ن زمين تائين؛ زمين کان سمنڊ تائين؛ ڌرتيءَ جي چوڌاري، هڪ زنده زنجير،
ڙهي ڳتيل، ۽ گهاتي مڙهيل، ويڙهي ڇڏي اٿن. ڦاٽندڙ گجگوڙ جا رهبر، تيز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجون، موتمار چمڪات سان ڪارروايون ڪن ٿيون، ۽ اي ڏٽي اسين تنهنجا نوڪر، توساڻ تنهنجي اصل روشنيءَ ۽ سانت جي ڏارا تا اندر ۾ پانيون.

سڀ: نئين سگهه ۽ مڪمل سڪون، پهتل پانها تنهنجي درشن مان حاصل ڪن ٿا. سڀ ڳجهي ڳجهارت، پر سڀ پلائي آهي. جوت آد ۾ ظاهر ٿي، تنهن جهڙي ئي سَروَ- سُندرتا آهي.

ميفسٽو (ابليس): اي ڏٽي، جيئن تہ تون اسان وٽ ملاقات لاءِ آيو آهين، ۽ جيئن تہ تو مون سان اڳي وانگر ڪيڪار ڪئي آهي، مون کي معاف ڪج، جي آءٌ هنن گوڏا کوڙيندڙ، ڪنڌ نوائيندڙ، درٻارين جيان، نہ ڪريان. هنن جي سنگت منهنجي دائري کان ٻاهر آهي. هي صاحب مون جهڙن کي هتي عرش ۾ ڏسي، ڏڪار جي مُرڪ چپن تي تا آڻين. منهنجا ڏٽي، اوچن گيتن ۽ گنڀير ٻولن مان آءٌ ڪين ڇاٽان. جي آءٌ ڪٽي ڪو درد ڏيکاريان تہ اهو چرچو سمجهڻ ۾ ايندو. قبلا، سجن ۽ ڌرتين بابت مون کي ڪجهه بہ چوڻو نہ آهي، آءٌ تہ رڳو ڏسان ٿو تہ ڪيئن نہ انسانَ پنهنجي زندگي، ماندگيءَ ۾ گهاري رهيا آهن انسان پاڻ کي ڌرتيءَ جو مالڪ ٿو ڀانئي، اڳي جهڙو ئي آهي. جڏهن انسان جي حياتي شروع ٿي، تڏهن هو عجيب غريب چيز هو. جيڪڏهن خدائي روشني هن کي ڏيئي ٻنهه هن کي ڪاري نہ ڇڏجي ها، تہ جيڪر هن جي زندگي بهتر ٿئي ها: هو انهيءَ روشنيءَ کي عقل ٿو سڏي. هاڻي ڏسو تہ ان جو قِلا ڪهڙو نڪتو آهي. انسان حيوان مرونءَ کان بہ بري ۾ برو وحشي حيوان آهي. معافي ملي، جي آءٌ انسان جي مشابهت ڊگهيءَ لنگڙيءَ تڏ سان ٿ ڪريان، جي تِڏيون، هڪڙو ئي سُرُ پيون آلاپين، گاهه ۾ ساڳي ساڳي يکي ٻولي، چين چين ڪيو پيون بي آراميءَ سان ٽپا ڏين. اِهي تِڏيون جي گاهه ۾ پيون هجن ها تہ بہ نهيو، پر هو جنهن ڪِن ڪچري وٽان ٿيون لنگهن، تنهن ڪچري ۾ پنهنجو نڪُ ضرور ٿيون وجهن.

ڏٽي: بس، توکي انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه چوڻو ئي ڪين آهي. ه هميشہ تنهنجي اها ڪُوڪار آهي. بس، تنهنجي نظر ۾ سڀ اوندهه آهي؟ تو ڀانئين تہ ڪابہ شيءِ هن دنيا ۾ سنئون پنڌ نہ ٿي ڪري؟

ميفسٽو: ائين منهنجا ڏٽي، ڪابہ شيءِ نہ- ويچارا انسان، جهڙا آهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوشيلا، تهڙا آهن پُوڪ - مون کي ذري گهٽ متن رحم ٿو اچي.

ڏٽي: تون فائوسٽ کي سڃاڻين؟

ميفسٽو: ڊاڪٽر؟

ڏٽي: هائو، منهنجو خادم.

ميفسٽو: سچ پچ، هو خدمت بہ نمُوني جي ٿو ڪري؛ آهي انساني ٻچو، پر تہ بہ سندس کائڻ پيئڻ، تہ دنيا جهڙو نہ آهي. پوڪ - بلڪ هو وقت تي اهڙيون اُميدون رکڻ کي پوڪپائي ٿو سمجهي - هاڻي هن جي منُ جو گهوڙو ڪيس ڏُور ٿو گهمائي. هُو آسمان کان ٿو متئين پر متيون تارو گهري؛ خود خيالي آهي، چريائيءَ جي ڪمن تان تِڙي پيو آهي، ڌرتيءَ کان، سهٽي پر سهٽي ڦل جي طلب ڪندڙ آهي. پوءِ آسمان ۽ ڌرتي ٻئي ڪٽي ڪيس ڪجهہ بہ ڏين تہ بہ دل ڊاپڻ جي ڪانہ اٿس.

ڏٽي: هائو، چو تہ مونجهہ جي ماڳ پر ٿو خدمت ڪري، انهيءَ ڪري ڪٽر ڪري منجهيل ٿو رهي. تڏهن بہ هن جو ارادو نيڪ آهي. اهو سمو جلد و اچي، جڏهن هن کي روشنائيءَ ڏي وني هلبو: ساوڪ جا پهريان اُهڃاڻ، ور ۽ مکڙيون، بهار جون اُميدون ۽ انجام ٻڌائين ٿا؛ جنهن وڻ پوکيو آهي ۽ نيڪو زمين جو چاتو آهي، سو پنهنجي وقت تي عمدو ميوو ڳوليندو ۽ پائيندو.

ميفسٽو: پل منجهس اُميدون رکو. تہ بہ رکندا شرط تہ اوهين ڪيس ينٽر هينٽر بہ هٽان وڃائيندا؟ رکندا شرط؟ جيڪڏهن مون کي رڳو هن کي هنجي نموني پر لالچائي گمراهہ ڪرڻ جي اجازت ڏيو، تہ مون کي ڪو ڪ ڪونہ آهي، تہ آءٌ شرط ڪٽندس.

ڏٽي: جيسين هو ڌرتيءَ تي جيئرو آهي، تيسين توکي سموري ۽ ڇوٽ ادگي آهي. انسان جو وقت ڌرتيءَ تي هيٺائيءَ، پُل ۽ جهڳڙي جو آهي.

ميفسٽو: خوشيءَ سان مون کي شرط قبول آهي. منهنجي دل مئلن ان ڪانہ آهي؛ جيئرا جوان، ڳاڙهن ڳلن وارا منهنجي ڏند جي چسڪي لاءِ، مدو گرهہ آهن، پر جيڪڏهن مُردو مون کي سڏڻ اچي تہ منهنجي گهر مان ڀاب اهو ملندس، "آهي ٿي ڪونہ." منهنجي راند آهي ٻليءَ ۽ ڪوئي واري.

ڏٽي: توکي موڪل تي ڏجي تہ انهيءَ آتما کي پلي سندس آدي گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان، منهن ڦيرائي، ٻاهر ڪري، تون ٻاڻ وٺ قيدي رک، تان جو تو کي شرم ۾ قبول ڪرڻو پوندو ته. ”نيڪ انسان، پل ڪٽي سندن اندر، اٿڄاٿائيءَ جي ڪري، ڪڪرن هيٺ اچن، ته به دل سان اُن جو ٻانهو نه آهي. ڇا نيڪ انسان ۾ جيڪا نيڪيءَ جي شناس آهي، سا ڪا هن کي ڇڏڻ واري آهي؟- اڙي، بلڪ ٻاري اونده جي سمي ۾، هو تمس (اونده) ۽ اونده جي قوتن سان لڙي ٿو: ڇو ته جيڪا جوت هو اجا ڏسي نٿو سگهي، سا هن کي پاسي پيئي؛ ۽ جيڪڏهن هو آجو نه آهي ته به هو هن اڇرج روبي ٻنڌڻ سان جنگ جوٽي ٿو.

ميفسٽو: آها! اهي رڳو جذبا آهن، جن کي ڪا به دائميت ڪانه آهي، اهي فقط ننڍڙيون جنگيون آهن. منهنجي رهبريءَ هيٺ ڇڏينس. مون کي ته پنهنجو شرط کٽڻ ۾ ڪو شڪ ئي نه آهي. اڙي! آءٌ کٽڻ مهل ڪيئن ۽ ڪيترو نه خوش ٿيندس! هن کي مٽي کائڻي پوندي، ۽ کائيندو به خوشيءَ سان. اُنهيءَ پهرين نانگ (1) جيئن جنهن آد کان وني پٺي مٽي کاڌي آهي.

ڏٺي: اُتي به تون پنهنجي واٽ وٺ. تون هن ڪم ۾ آزاد آهين. آءٌ تو جهڙن ڏانهن نفرت سان ڪين ٿو نهاريان. منهنجي ڪم لاءِ اهڙا نوڪر ضروري آهن، جيڪي به روح جا منڪر آهن، تن مڙني ۾ ’انسان‘ جي ’مقدمي‘ منجهه: وٺندڙ روح جو، انهيءَ مقدمي ۾ بيوقوف جي ويس ۾ ڀهرو ٿو وني، سو آهي ’جهونو گهنگار‘ (2). هن پليت جي ضرورت آهي. ’شيطان‘ کان سواءِ، هيءَ ڳجهارت ٻيهي ڪين سگهندي. ڇو ته ’انسان‘ جلد ئي سست ٿيو پوي، تنهن سست کي ڏنگ ۽ اڙيءَ جي ضرورت آهي. نه ته انسان، بيڪار عيش ۾ گبي ٿو پوي، ۽ هيءُ سنگتي جو آءٌ ڏيانس ٿو، سو ڪيس اُٿاري ٿو، ڏونڌاڙي ٿو، هڪالي ٿو. سو آهي شيطان، جنهن کي آرام نه آهي. (فرشتن کي) پر توهين ڏٺي تعاليٰ جا پاڪ پٽ اوهين هميشه پيا ’سونهن‘ جو ديدار پسو، اوهان سدائين روشن ۽ وڌيڪ روشن ٿيندا وڃو! هيءَ ’جيوت‘ جا چوڌاري ڦهليل آهي. هيٺ به آهي ۽ مٿي به آهي، جيڪا

---

(1) هي اهو پهريون نانگ آهي، جنهن ڏاڏي آدم کي عدن ۾ گمراهه ڪيو، نانگ ابليس جو روپ هو.
(2) جهونو گنهگار ابليس طرف اشارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدائين آهي ۽ چست آهي، 'بي انت' آهي، سا اوهان کي پريم جا پٽا پائي، سدائين خوشي بخشيندي. ۽ سڀ جيڪي وقتي آهي، سڀ جيڪي تاحيات آهي، جيڪو منُ جي اڳيان موهيندڙ مايا پکيڙي وينو آهي، تنهن کي اوهين ويچار جي زنجير سان سدائين قابو ۾ رکو.

(دربار برخواست ٿي ٿئي، ۽ فرشتا هليا وڃن ٿا.)

ميفسٽو: (اڪيلو) مون کي خوشي آهي تہ آءُ هن کي ڪڏهن ڪڏهن ملي سگهان ٿو؛ ڪهڙو نہ فضيلت وارو آهي؛ مون کي هي اسان جو نيڪ ٻڍو سردار ڏاڍو پسند آهي. ڏس تہ شيطان سان بہ پاڻ ويهي ڳالهيون ڪيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات جو سمو

(هڪ اوچي ڪمان واري عمدي ڪوٺي آهي، جنهن ۾ ميز جي اڳيان فائوسٽ ويٺو آهي.)

فائوسٽ: افسوس! ڪهڙو علم مون ڇڏيو فلاسافي، قانون، طب؛ ۽ پڻ ڳوڙهي علم الاهيءَ ۾ پڻي مٿو هڻيو اٿم، ڪيڏا نہ جوش ۾ پرجي پورهيا ڪيا اٿم. نتيجو آخر ڪهڙو آهي! وڏي پوڪ وانگر آهيان- بيهودن ڪتابي بوجن جو پٽ- اجهو آءٌ هتي ويٺو آهيان، هن منهنجي مدرسي ۾ ڪيڏو نہ منهنجو نالو آهي. سڀ مون کي هڪ اچرج تا سمجهن. چون، تون عالم آهين، حڪيم آهين. گذريل ڏهن سالن کان، مون پنهنجي شاگردن کي پڻي پاڙهيو آهي. اٽڪلي اکرن سان پڻي سندن منُ مڙهيا اٿم ۽ هاڻي آءٌ اُنهي منزل تي پهتو آهيان، جتي ايئن ٿو سمجهان تہ ڪنهن بہ ڳالهہ جي ڄاڻ تي نٿو سگهي! هي خيال منهنجي اندر کي ساڙي رهيو آهي. رواجي حڪيمن، مصنفن، مولوين ۽ فيلسوفن کان مون وڌيڪ علم پڙهيو آهي، مون هر ڪنهن علم جون اونهايون ڳولهيون آهن؛ پرم ۽ ٻيا وهم مون کي ڪين تا آزارين، نڪي ڪي مون کي ڪنهن روح يا شيطان جو ڊپ آهي، پر منهنجي دل جو سڀ آرام ڦٽي پيو آهي. جيڪي بہ مون ڄاتو تي، يا پاتيو تي تہ ڄاڻان ٿو، سو مون کي هاڻي بي معنيٰ ۽ ڪوڙو پيو معلوم ٿئي. دل ۾ اِها جيڪا اُميد هيم تہ پنهنجي وقت ۾ آءٌ انسان ذات کي علم بخشيندس ۽ اوچيءَ منزل تي آڻيندس، سا اُميد بہ مري ويئي آهي.

بي تہ دنيا جي مون ڪا بہ خوشي ڪانہ ورتي، نہ اختياري، نہ درجو، نہ خزانو، ڪا هڪڙي خوشي بہ مون ڪانہ ورتي. باقي جيڪا علم جي خوشي، تنهن کان بہ مان هٽي رهيو آهيان. آءٌ جي ڪٿي ڪتو هجان، تہ بہ ڪتو بہ ڪو هيئن رهي سگهي؟ انهيءَ ڪري هاڻي آءٌ جادوءَ کي لڳي ويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان، سخت ۽ تحمل واري همت سان، علم غيب کي جنبي ويو آهيان، انهيءَ لاءِ تہ مون کي ڪنهن روح کان اُهي اونهيون حقيقتون حاصل ٿين جيڪي ٻين کي نامعلوم آهن. جن ڳجهارتن تي مهر لڳل آهي، اُهي ڳجهہ پائي، پوءِ تعليم ڏيڻ شروع ڪندس، جنهن جو مون وٽ حصو هينئر نہ آهي.

اڙي، زمين جي اندر ڇا آهي، تنهن تي هڪ واريءَ رڳو ڪا نظر وجهي سگهان، ۽ سندس اونداهي تري جو پتو لهي سگهان! جيوت جا ڦنڊڙ ٻج ڇم ڪان اڳ ۾ ڏسي سگهان، ۽ قدرت جي مخفي ڪارروائي نيڪ ڪري سگهان! پوءِ هي بي آرامي پيدا ڪندڙ تپ لهي وڃي.

اي سونهن پريا چنڊ! اها، شال تنهنجا وڻندڙ تروورا منهنجي دکي پيشاني تي آخرين دفعو چمڪن! گهٽئي دفعا هن ميز جي پر ۾، اڌ رات جو، مان تنهنجي روشنيءَ خاطر اکيون کٽي وينو هوندس، اڻ ڳڻ دفتر اُٿلائي ٿڪجي پيو هوندس، پوءِ ڪتابن جي ڍِڳن ۾، ڪاغذن منجهہ مايوس ٿي رهيو هوندس. اُن اڪيلائيءَ وقت، تون دوست، جو اواهرن جو واهرو آهين، مشڪندو اندر تو اچين، ۽ پنهنجي منيءَ زبان سان آٿت تو ڏين. اڙي جيڪر ڪنهن اُتاهينءَ چوٽيءَ تي، تنهنجي روشنيءَ ۾ پيو رهان، تہ واهہ واهہ! جبل جي غار چوڌرد، روحن سان گڏ آڪاس ۾ پيو تران، خيال جي پورهيي کان، دل جي مايوسيءَ کان، ۽ اڻ چاڻ کان، آجو ٿي پوان؛ تنهنجي نرم ماڪ ۾ پيو غسل ڪريان، ۽ من جي صحت ۽ آرام حاصل ڪريان.

افسوس! ڇا اجا آءٌ هن موڳيءَ ڪوٺيءَ ۾ آهيان، جيڪا ڇت سوڙي، جهونن ڪتابن سمان پري پئي آهي، جن کي ڪينٽان ٿُڪي ويا آهن. رڳو آهن شيشا، اوزار ۽ ڪچرو. ڇا فائوسٽ، اِها آهي تنهنجي دنيا! اجا پيو تون پڇندين تہ ڇو تنهنجي بيمار دل تي هيئن ڌڪ ڌڪ ڪري، تون زنده دنيا کان پري ٿي هنن مٿلن پرزن ۾ اچي گهاريو؛ وڻندڙ نظارا جي ڏٺيءَ انسان لاءِ جوڙي، انسان کي بخش ڪيا آهن، تن کي ڇڏي، تو اچي، حيوانن ۽ انسانن جي هڏن تي پاڻ پتوڙيو آهي. بس، بس. پري، پري. هن ٿي هڪ ڪتاب "ناسترڊئمر" جي ضرورت آهي، هن ۾ جادوءَ جا ڳجهہ ٻڌايل آهن، هي ٿي منهنجي اوٽ ۽ منهنجو آسرو ٿيندو. اي فائوسٽ، تنهنجي اکيان هينئر تارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا پنڌ بہ ڳجھا ڪين آھن. بس تون ھاڻي قدرت جو ڳجھہ لھي سگھندين، بس بس، تون ھنن جادوئن جي نشانين، اکرن، گولن ۽ ليڪن تي ويھي ويچار ڪر. اچو تڏھن اوھين روحو جي مونکي ٻڌو وينا سي اچو، اچي مونکي جواب ڏيو.

(ناسٽرڊئم جو ڪتاب کولي ٿو ۽ ڪُل عالم جي نشاني ڏسي ٿو تہ سندس ڪپاٽ کُلي پيا آھن.)

حيرت! ڪيئن نہ پل پل ۾ تي منھنجي حواسن ۾ نئين حياتي پوي، مون ۾ وري تي جوانيءَ جي پرھہ ڦٽي، منھنجي رڳ رڳ تي وري موج ۾ اچي. ڇا، جنھن ھي ڪتاب جون نشانيون لکيون، سو ڪو ملائڪن مان ھو ڇا؟ منھنجو روح ھينئر راحت ۾ آھي. منھنجي ڇنل دل ھينئر خوشيءَ ۾ پُر آھي. ھنن جادوءَ جي ليڪن مان، قدرت جون ڳجھيون طاقتون ٿيون پڌريون ٿين. تڏھن ڇا آءٌ بہ ڪو ديو آھيان؟ ڇا، انسان جي فنا نظر بہ، روشنيءَ جو ھمڙو جلوو جھلي سگھي ٿي. ھي مانيٽا اکر ڪھڙا نہ صفا آھن، قدرت پنھنجي ھرڪا ڪارروائي منھنجي اکين اڳيان کولي رھي آھي. ڇا ھي جلويدار ديدار سچو آھي؟ تڏھن سياڻي جا قول پڌرا آھن، جن جي معنيٰ آءٌ ھيترو وقت سمجھي نٿي سگھيس.

روحن جي جھان کي، ڪڪر ڍڪي نٿا سگھن، انسان جي اک جھڪي آھي، ڏسي نٿي سگھي، انسان جي دل مُئل آھي، لکي نٿي سگھي، تون جو ڄاڻو ٿو گھرين تہ ھي ڇا آھي.

"ڌرتيءَ جي دل کي، صبوح جي لالاڻ ۾ ڌوءِ، جيسين ڌرتيءَ جا داغ سڀ غائب ٿي وڃن."

(وري بہ ڪُل عالم جي نشاني کي ڌيان سان جاچي ٿو.)

اچرج! ڪيئن نہ ھي جادو، قدرت جا مخفي طريقا ٿو منھنجي اکين اڳيان پڌر ڪري: ڏس! سڀ شيون، ھڪ ٻئي سان مليون پيون آھن. ھرڪا پنھنجو وجود ٻئي کي ڏئي ٿي، ۽ سڀ واري واري سان ھڪ ٻئي تي آڌار رکن ٿيون. عرش جا ڪاروباري ھيٺ لھن ٿا. وري عرش ڏي ورن ٿا، ترن، ڳُتجن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُٺجن، چڙهن ۽ ٻُڏن ٿا. هرڪو هرڪنهن ڪان وني ٿو، هر ڪنهن کي ڏئي ٻه ٿو، هرڪو سونَ (جوت) سان پرجي ٿو. هوا ۾ زنده لهر جي اُٿل آهي، سُک جو ساهه کڄي ٿو، هر جاءِ تي بي انت سانت آهي!

واهه واهه- ڪهڙو نه ديدار- پر رڳو نماءُ ڇا- انسان جي دل بي حد قدرت کي پاڪر منجهه پري سگهي ٿي؟ پاڻيءَ جو چشمو، پربو پيو آهي؛ هر جاءِ تي ساڳيو آهي؛ ڪشادي آسمان کي، پربور زمين کي، ۽ هرڪو جو منجهس وسي ٿو، تنهنجو آڌار آهي، تنهنجي خوشي آهي.

اڙي! هيءَ مُنل دل جي توکي ڪٿي ويجهو سمجهي! بالڪ جيان هيءَ دل نماڻي توڏانهن وري ٿي؛ مِني آب حيات تڙڦي ٿي، تنهنجي مادري ڇاتيءَ ۾ گذارڻ گهري ٿي. جنهن تسليءَ جي مونکي طلب آهي، سا مونکي تون ڏين ٿو، جنهن ڪاڏي جي مونکي بُک آهي، سو مونکي تون بخشين ٿو.

(بي آرامي ۾، نسترادم جا صفحا ورائي ٿو، تان جو سندس اک، ڌرتي جي روح جي نشانيءَ تي پوي ٿي.)

هن نشانيءَ جو اثر وري منهنجي هِن بُت تي ڪهڙو نه ٿئي ٿو! ڌرتيءَ جو روح. منهنجو سياءُ ٻه ساڳيو آهي. اڙي تو وانگر آهي! ڪهڙو نه بي ڊپائيءَ سان آءٌ هيءَ نشاني تو پڙهان، هينئر ئي پيو پانيان، ته نيون طاقتون حاصل ٿيون اٿم. ائين پيو پانيان ته جڻ شراب سان منهنجو مٿو باهه وانگر ٿو ٻري؛ مونکي ڪپي، هاڻي ڪپي، جوشيلي زندگي؛ پلي دنيا جي چرپائي مونکي وني وڃي. آءٌ پيو پانيان ته منهنجي روح منجهه طاقت پيدا ٿي آهي، مون ۾ هينئر اهڙا خيال اُٿيا آهن، جو آءٌ پانيان پيو ته ڌرتيءَ جا بار ڪٽي سگهندس- گناهه جا توڙي ثواب جا. آءٌ طوفان جي ڦوڪ سان، جنگ جوٽي سگهندس ۽ جتي ٻوڏ پنهنجا ڏند ڪرٽي ٿي، اُتي آءٌ لهرن ۾ گهڙي سگهندس.

ها، پر هي ڇا تو ٿئي، چوڌاري سردي، ۽ ڪارنهن ٿي ويئي آهي. چنڊ پنهنجا تِرورا واپس ورتا آهن! ڏيئي جي ڊِرڪندڙ روشني پئي ڏُٺي؛ جهڪي ٿي ويئي، ۽ مري ويئي. آءٌ پنهنجي مٿان، آسمان مان، ڪا سياتو پيدا ڪندڙ هيبت، هيٺ ايندي تو پانيان؛ جيڪا منهنجي خون کي پگهاري، برف ڪيو ڇڏي؛ تون آهين، ڌرتيءَ جا روح تون ويجهو آيو آهين ۽ منهنجي مٿان، پيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واسو ڪرين. روح! منهنجي اڳين اڳيان پڌرو ٿيءُ- ڪيئن نہ منهنجي دل ڏري ٿي، منهنجا خيال حيرت ۾ ٻُوساتجي رهيا آهن. منهنجو هرڪو حواس ۽ هرڪو جذبو ڇڪيو تاڻيو بينو آهي، تون پڌرو ٿي تہ تنهنجي مرحبا ڪن.

روح، منهنجي دل، منهنجي دل توکي اربيل آهي. تون پڌرو ٿيءُ. انهيءَ پڌرائي جي بدلي تون پل هي ساهہ ونين، پر مون کي تنهنجي شڪل ضرور ڏسڻي آهي.

(ڪتاب جهلي ٿو، ۽ روح جي نشاني اُچاري ٿو؛ ڏسي ٿو تہ هڪ ڳاڙهي روشني ٿي ٻري ۽ ڳاڙهاڻ ۾ روح ٿو ڏسجي.)

روح: ڪير ٿو مونکي سڏي؟

فائوسٽ: (منهن ڦيرائي) هيبت جي شڪل، پري ٿي!

روح: منهنجي ڏورانهين ديس مان تو مونکي پڌرو ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي، تو مونکي چوسي هيٺ آندو آهي؛ مونکي اُتان زبردستيءَ سان گهليو اٿيئي ۽ هاڻ... -

فائوسٽ: مان ڏڪان ٿو، پوءِ ۾ ڏران ٿو.

روح: منهنجي منهن ڏسڻ لاءِ منهنجو آواز ٻڌڻ لاءِ تون ماندو هُئين، آتو هئين، تنهنجي جيءَ جو زور پريو حڪم ٿو مونکي تو وٽ ِنمائي. آءٌ حاضر آهيان- هينئر ۽ هتي. ڪهڙي ڊپ توکي ورتو آهي؟ توکي- جو تون، انسان کان وڌيڪ آهين- اهڙو جبرو جيو ڪهڙو آهي، جنهن کي همت آهي اسان روحن کي سڏ ڪرڻ جي؟ اهڙو جيو ڪٿي آهي، جو ويچاري، رٿي ۽ پنهنجي دنيا پيدا ڪري سگهي. فائوسٽ تون ڪٿي آهين؟ تنهنجا اُچار هئا، جي گهنڊ جيان مون وٽ پهتا؟ ڇا تون اُهو ساڳيو آهين، جنهن جا حواس هينئر اهڙو تہ خطا ٿي ويا آهن جو ساهہ مُنجهي ويو اٿيئي، اڙي خسيس سُرندڙ ڪينئان!

فائوسٽ: ڳاڙها روح، آءٌ تنهنجي پوَ کان ڏڪان ٿو، آءٌ اُهو آهيان، مون توکي سڏيو، آءٌ فائوسٽ آهيان، تنهنجو شريڪ آهيان.

روح: آءٌ اُهو آهيان، جو زندگيءَ جي نهرن ۾، هل چل جي طوفان ۾، ڪم جي جذبي ۾، باهہ ۾، هوا ۾؛ هِتي ۽ هُتي، هلان پيو ۽ رُلان پيو. جم ۽ موت، اپار سمنڊ، جنهن جي موج هميشہ لڳي پيئي؛ انهن مڙني مٿان، ۽ مڙني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هينان، حياتيءَ جا ڦيرا آءٌ ٿو اُٿاريان، آءٌ ٿو اُٿيان.
ڪال جو آڌاٽو، بنا بيهڪ جي، آءٌ ٿو ڦيرايان،
سائينءَ سَندو، جيوت– جبو، آءٌ ٿو اُٿايان.

فائوسٽ: تيز روح، تون سدائين ڪشادي جهان جي چوڌاري ٿو ڦرين، آءٌ پاڻ کي ڪهڙو نه تنهنجي ويجهو ٿو پاتيان.

روح: اي انسان، تون آتما آهين، جنهن کي تون لکين ٿو، نه مان.
(گم ٿي ٿو وڃي.)

فائوسٽ: (مونجهاري وس ٿي) تون نه! تڏهن ڪير؟ آءٌ! ڏٺيءَ جو پاڇو! ۽ بلڪ تو جهڙو نه!
(ڪڙڪو ٿو ٿئي.)

ڪرسٽ جو قسم، هي چوڪر منهنجو شاگرد آهي، اجهو آيو آهي منهنجي هوائي مزمانن کي نيڪالي ڏيڻ. بس هن جي اچڻ تي، منهنجي حواسن اڳيان سڀ غائب ٿي ويو.
(شاگرد ڪجهه ڪانئس پڇي هليو وڃي ٿو.)

اندر جو آزار

فائوسٽ جي اندر ۾ مُونجهه هئي. فائوسٽ ٿڪڪي رهيو هو. ٻه جيوَ فائوسٽ جي منُ کي وڪوڙي رهيا هئا. سندس آتما جو لاڙو چڱائيءَ طرف هو. هو دنيا جا رواجي ڏنڊا ڦٽا ڪري، علم جي پنيان لڳو هو. پر فائوسٽ جي ڳولا منُ جي هئي، هن جي تلاش دماغي هئي. دماغ اُها شيءِ آهي، جنهن جو واڌارو ضروري آهي، پر انهيءَ سان گڏ جڏهن انسان ٻُڌي ڪِلي، هن جي اندرين جوت جاڳي، تڏهن هن کي آرام اچي. اها ٻُڌي، اها اندرين روشني هن کي تڏهن ٿي حاصل ٿئي، جڏهن هو پاڻ پٺي کي ڇڏي، برائيءَ کي تَرڪ ڪري پاڻ کي چڱائيءَ ۾ داخل ڪري ٿو. فائوسٽ رواجي آتما نه هو، پر هو اجا دماغ جي دونهي ۾ داخل هو، هو اجا دل جي درياهه ۾ ڪين گهڙيو هو. دماغ بلڪل ضروري شيءِ آهي، جو نه دماغ خود ارادي، ۽ خود شناس کي ناهي ٿو. پر انهيءَ دماغ کي جڏهن بصيرت (ٻُڌي) حاصل ٿئي، تڏهن انسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهي سگهي. اهڙا نوراني شيءِ جيسين هن کي حاصل نہ ٿي آهي تيسين هو ڪارهن جو پنڌ ڪرڻ ڪري، گمراهہ ٿي وڃي ٿو. علم ٻن قسمن جو آهي، هڪڙو علم سفيد آهي، اهو پنڌ راهہ راست جو آهي. ٻيو علم خوديءَ جو آهي، ڪاري جادوءَ جو آهي. اهي ڪارو ۽ اڇو ٻئي انسان کي لڳل آهن. هرڪو انسان وڏي مقدمي يا آزمائش مان لنگهنو آهي. فائوسٽ جي اندر ۾ بہ اهڙا ٽڪ هئي. ''ڏرتي'' جو روح جنهن جي جزن مان انسان جو جسم ٺهيل آهي، سو فائوسٽ کي هيٺ ڪيرائڻ لاءِ سنيري آيو، پر فائوسٽ ۾ جيڪا ٻي نوراني شيءِ هئي، تنهن کيس آگاهہ ٿي ڪيو تہ متان انهيءَ ڌرتيءَ جي روح جي پٺِ ورتي اٿئي. توکي کپي تہ تو ۾ جيڪو آسماني، نوراني روح آهي تون اُن کي وٺ.

قدرت جو اهو قانون ٿو ڏسجي، تہ هر هڪ انسان، کي آزمائش جي باهہ مان لنگهڻو آهي ۽ پوءِ هو پاڪائيءَ جو پنڌ ڪري ٿو. فائوسٽ کي بہ انهيءَ باهہ مان لنگهڻو هو. هو هاڻي انهيءَ نازڪ منزل تي آيو هو جتي شيطان جو اثر هن تي غالب پوڻ تي هو. فائوسٽ پاڻيو هو تہ بس پاڻ اڇي ڪونيءَ ۾ دنيا کي تَرڪ ڪري وينو، تہ مٿس دنيا جو اثر پوندو ئي ڪين. ''نسترادم'' جي ڪتاب ۾ ڪُل عالم جي نشاني ڏسڻ سان، هن ۾ جيڪا ڦوند پيدا ٿي هئي، تنهن ۾ پاڻيو هٿائين تہ بس مون وڏي وِٿ حاصل ڪئي، پر پوءِ جڏهن ڌرتيءَ جو روح مٿس غالب پئجي ويو تڏهن بيحد پشيمان ٿيو ۽ اڪيلائيءَ ۾ پڪارڻ لڳو.

ڏٺيءَ جو پاڇو! مون پاڻيو هو تہ مٽيءَ جي پيڙي مان ڦري اُتم درجي تي پهتس، ۽ آءٌ مٽيءَ جو پُتلو ڪين آهيان، مون آڪاس جي جوت حاصل ڪئي آهي، مون سچ جو درشن ڪيو آهي، بس آءٌ فرشتن کان مٿي چڙهيو آهيان. قدرت جي لهر مون ۾ جست هلڻ لڳي هئي، تڏهن آءٌ قدرت هلائڻ لڳس.

(اڙي، چو، انسان هر ڳالهہ ۾ اعليٰ ڪين آهي!)

افسوس هڪ پل ۾ اعليٰ، هڪ پل ۾ عبد. آءٌ وري بہ بي آراميءَ جو شڪار ٿي رهيو آهيان. ڪو ڪونہ آهي جو مونکي سمجهائي تہ آءٌ ڪهڙي ڳالهہ کان پاسو ڪريان! اندر ۾ ڇڪ ٿي اُٿي. بس آءٌ پاڻ کي ڇڏي ڏيان؟

افسوس، انسان جي آتما ۾ ڪهڙي نہ پورتائيءَ آهي تہ بہ غير لڳو رهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن اُميد جي تازگي ٿي اُتي، خيال جو پکي پنهنجا پَرَ ڇوڙي ٿو پکيڙي، ائين ٿو ڀانئي ته منهنجي ڪشاديءَ پکيڙ هيٺ سارو جهان سمائجي ويو آهي. پر جڏهن سندس نصيب منهن ٿو موڙي، تڏهن انسان لاءِ ننڍڙي کُنڊ ڪافي آهي. حياتيءَ جي عجيب چڪر ۾ جيڪا به شيءِ اسان کي پياري هئي، سا ٽُٽيو پوي! ڇاتيءَ ۾ ڇننا اچيو پنهنجو آکيرو ڪري، بي آراميءَ سان ونيو جهولي ۽ سڀ آرام نڪريو وڃي. ڳجهو روڳ اندر کي لڳيو وڃي، تان جو سڀ خوشي ۽ آرام گم ٿيو وڃن. هوءَ روز بروز ڪنهن نه ڪنهن نئين ڪيڏ سان طبيعت کي آزمايو وجهي. گهر بار، زال، سڀ باهه، زهر، ۽ خنجر وانگر پيا ڀاسن. ٻيون مصيبتون، جي اچن به ڪين ٿيون، ته به آرام ڦٽايو ڇڏين. نه نه آءٌ ڪو ديوتائن جهڙو ڪين آهيان: نه! نه! آءٌ ته ڏڪان پيو: آءٌ ته سمجهان ٿو ته آءٌ ڪينئن جهڙو ڪينئون آهيان: ڪينئون آهي به مٽي ۽ رهي به مٽيءَ ۾ ٿو: اتفاق سان ڪو پيرُ لڳي ويس ته نابود ٿيو وڃي.

هي مڪان جتي آءٌ رهان ٿو، سو مٽي ڪين آهي؟ هي قيدخانو، مونکي ڪهڙي حياتي يا خوشي بخشيندو؟ هيءَ منهنجي بيمار اک، جيڏانهن ٿي نهاري، تيڏانهن رڳو ڪتابن جا ڍِڳ لڳا پيا آهن، هڪ ٻئي مٿان ڪتاب ڇارن تي چڙهيا پيا آهن، اهي به مٽي آهن. ڇا آهي حياتي، فقط هڪ مرض آهي. هن مٽيءَ ۾ رهي، منهنجو تَنُ ۽ منهنجو منُ، ٻئي ٻرِ ٿيو پون. مونکي علم منجهان وريو ڇا. هي علم جا اوزار سڀ مون تي ٺٺولي ڪين ٿا ڪن!

اوهين وڳيان جون ڪُنجيون، آءٌ قدرت جي دروازي وٽ اوهان جي مدد لاءِ بينو آهيان، پر دروازي تي سنتري بيٺل آهي، ڪُلف اهڙا ته قابو لڳل آهن، جو کُلن نه ٿا. تڏهن هن جفاڪشيءَ جو سود ڪهڙو؟

تڏهن جيڪي مون وٽ وڃي بچيو آهي سو ڇو نه آءٌ اُڏائي موج ڪريان. جيڪي ماٺتن کان ورثو مليئي سو خوب اُڏاءِ: انهيءَ ريت ٿي انسان، ڪنهن به شيءِ کي پنهنجو ڪري ٿو سگهي. جيڪا شيءِ ڪم نٿي آڇي سا اٽڪ ٿيو پوي: جيڪا شيءِ ماڻجي نٿي سا بوجو ٿيو پوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فنا جي شيشي

فائوسٽ وِيچارن ۾ غلطان آهي: ڪڏهن هيٺ ڪڏهن مٿي. منجهس جنگ مَچندي ٿي وڃي. ڪڏهن جوش ٿو اچيس، ته ڪڏهن مايوس ٿو ٿئي. اها ڇتاپيتي سندس اندر کي ماريو ڇڏي. آخر جڏهن بلڪل ڪڪُ ٿو ٿئي، تڏهن نظر وڃيو ننڍيءَ شيشيءَ تي پويس، جنهن شيشيءَ ۾ اُها شيءِ پئي آهي، جيڪا ونڻ سان، بُت جا بند خلاصا ٿي سگهن ٿا، موت جي ملڪ ڏانهن انسان دمُ ۾ روانو ٿي سگهي ٿو. فائوسٽ نااُميديءَ جي اوڙاهه ۾ غرق آهي ۽ ڪنهن وقت انهي شيشيءَ کي هٿ ۾ ٿو کڻي، ۽ چوي ٿو:

”اي شيشي، پياري شيشي! آءٌ تنهنجي مرحبا ٿو ڪريان، آءٌ تنهنجي عزت ٿو ڪريان، تون ئي ڪماليت جي پيدائش آهين. تو ۾ منهنجي آخري اُميد آهي. تون منهنجو واهرو آهين، سچي سنگتڻ ٿي: تون پنهنجي پراڻي خاوند کي انڪار ڪيئن ڪنديندءَ! توتي نهارڻ سان، سور مانو ٿو ٿئي: جنهن جي بار مونکي جهڪائي ڇڏيو هو، سو بار هاڻي گهٽ ٿو ٿئنجي. توکي ٿو هٿ ۾ کڻان: تون ئي وفادار دوسبت آهين. توکي هٿ ۾ کڻڻ سان، اندر جي آنڌ مانڌ جيڪا منهنجي جيوت جي شڪتين کي کائي رهي هئي، تنهن جي جاءِ تي هينئر آرام آهي، منهنجي جيءَ تي جيڪا سورن سوچ چاڙهي ڇڏي هئي، سا سوچ هاڻي لهندي ٿي وڃي. آءٌ پيو پانيان، ته حياتي ۽ سوجهرو منهنجي اڳيان ساگر جيان پاڻُ پکيڙيو بيٺا آهن، ۽ روشنيءَ جي چمڪ سان، مون کي چون ٿا پلي آءُ. منهنجي پيرن جي پر ۾ هيءَ سمنڊ روپي شاندار آرسي لڳي پئي آهي: مون کي مُرڪ سان نيند ٿي ڏئي ته، آءٌ- بيا به ڪنارا آهن، بيا به آسمان آهن.

ڏسو! اڳنيءَ جو رٿ آهي: جيڪو آهستي ٿو هيڏانهن اچي: اندر منجهه اُهي ٿا اُڏامڻ جا اُڏما اُٿن: جيڪي هن مٽيءَ جي بالڪ کي آزاد هوا ۾ ڪنيو ٿا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ِجن. آءُ ائين پيو ڀانيان تہ منهنجا بند اجهو ٽا خلاصا ٿين. اڳتي نوان ديس
ُسو! اڳتيءَ جو رت آهي: جيڪو آهستي تو هيڏانهن اچي، اندر منجهہ اُهي ٽا
ڏامڻ جا ُدما اُٿن: جيڪي هن متيءَ جي ٻالڪ کي آزاد هوا ۾ ڪنيو ٽا وڃن. آءُ
ئين پيو ڀانيان تہ منهنجا بند اجهو ٽا خلاصا ٿين. اڳتي نوان ديس آهن، نوان
ُارڳ آهن جن جي جاڻ اڃا نہ پئي آهي. چوڏاري حياتيءَ جو پنڌار پرپور آهي؛
ِدائي سُک سدائين لاءِ آهي!

جا تون ڪينئون آهين: پوءِ بہ ههڙي فرحت توکي بخش ٿيل آهي! تڏهن
ون رڳو ارادو ڪر، تہ اها فرحت تنهنجي آهي. هاڻي تڏهن موڪلاءِ سڄ کان؛
هرٻان سڄ کان ۽ هن مُرڪندڙ زمين کان؛ رڳو هڪ پل، فقط هڪڙو، پوءِ
چي تو بيو جنم! جتي بيا ٽا موت کان ڊڄن، تون اُتي جيوت کي پاءِ، پنهنجي
لاقت جي ماپ وٺي، پيچ بند، پيچ بند، مڪت جو دوار تون ڪشادو ڪول.
نسان ٿي، عمل سان چٽو ڏيکار، تہ انساني روح ۾ ايڏي ڪشش آهي جو
ٽيءَ جي اک سنمک ٿي سگهي ٿي، ۽ جهَڪي ڪين ٿئي ٿي؛ بيهہ بي ڊپو،
ن جي سڌو سنمک.

•

متان ڏڪيو آهين، هي مرض سڀ من جا آهن، هي ايذاءُ سڀ خيال جا
هن، جو اڻ هوندا اوزاهہ تو پيدا ڪري، جن ۾ پربتن ۽ پوتن جون رڙيون ٿيون
ڏجن: هي جهنم سڀ خيال جو آهي ۽ جنهن جهنم کي ڏسي تو، سو جهنم
ـ ڀاڻ آهي. هاڻي همت ڪر. لنگهي پؤ سوڙهي دروازي مان، جتي نااُميدي
ـنتريءَ جيان بيني آهي: ڪوبہ خوف ڪونہ اٿئي!

ارادو ڪر، هن اعليٰ سمي ۾، خوش مزاج ٿي، فتح جو اُتي قدم کڻ،
ضبوط ٿيءُ. سڀ ڊپ اُجلائي ڇڏ- ۽ پوءِ پلي پاڻ کي چوٽ ڇڏ- ائين جي ٿي
وي تہ- ناه جي درياءَ ۾ پاڻ وهائي ڇڏ!

اي تون صفا چمڪندڙ، پراٽي پيالي، تون پلي آئينءَ! هاڻي ڪاريءَ
ِهڪ سان پاڻ کي پر: اهڙو منهنجو ارادو آهي! هي مون ملايو آهي، ۽ هيءُ آءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيئندس. هيءُ آهي منهنجي پوئين سرڪي هن جهان ۾، اربڻ ٿو ڪريا
(جيءَ سوڏي، جان سوڏي) صبوح جي سج کي.

(پيالي ٿو چپن تي رکي.)

فائوسٽ اجا پنهنجن چپن تي پيالي رکي ڪين تہ گھنڊ وڄندا ٻڌائين فرشتن جي راڳ جا آواز ڪَنن تي پيس، اهو راڳ جو ڪرسٽ جي پوتر ڏينھ ايسٽر تي ٻڌبو آهي. انهيءَ غيبي راڳ فائوسٽ جي تتل هينئين تي ٺارُ وڌو فرشتا جڻ انهيءَ ڪوشش ۾ هئا تہ فائوسٽ جي منُ تان بوجهو لهي. هن کي راڳ ۾ آئت ڏيڻ لڳا تہ تون پاڻ نہ ولوڙ، دل کي همت ۽ تسلي ڏي، ڏک لهي ويندو. ڪرسٽ قبر مان اُٿيو آهي. اپار آنند جو ڀاڳي آهي. هن جي ڪاڻ هينئ ماندي، ڏرتيءَ جو تڪُ ۽ فاني انسان جون ڳَٽيون ناموجود آهن. هن هاٿي قب جا سخت تاڪ پيچي ڦٽا ڪيا آهن.

قبر قيد نہ آهي،
سائين اُٿيو آهي.

فائوسٽ جي دل تي وڏو آئت پيو. هو پاڻ کي چوڻ لڳو: ”اهي ڪھڙا مذرُ آلاپ، جنت جا آواز! ڪھڙو نہ سندس اثر آهي، جو چپن تي پيل پيالي کي بہ پري ڪيو ڇڏين! پلي وڳا هي سياڳا گھنڊ: پوتر ايسٽر جي فرحد ڏيندڙ صبوح جي ٿا مرحبا ڪن. اوهين خوشين ۾ پرپور فرشتا، اوهان جا آلاپ مان آئت جي ڏارا وهڻ لڳي آهي. اُهو راڳ جيڪو ڪنهن وقت فرشتا قبر جي چوڌاري اڌرات جو ڳايو هو، جنهن ۾ هڪ نئين چوتڪاري جو انجا ۽ ثابتي هئي.

(وري ٻول ٿو ٻُڌي. عورتون ٿيون ڳائين.)

عورتون(1): چندن سان هن کي پوريوسين ۽ سندس بالڪن ۽ پوئلڳ پنهنجي مٺل خاوند کي دفن ڪيو، ڪفن ۾ ويڙهي اسان ڪيس اُتي ئي ڇڏيو پوَ منجهہ اسين موتي آيونسين. اڙي ڇا ڪريون! ڪٿي لهون پنهنجي خاو کي، خاوند هتي ڪين آهي.

(فرشتا ٿا ڳائين.)

---

(1) عورتون، جن ڪرسٽ کي قبر ۾ پوريو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرشتا: سائين اُٿي ڪڙو ٿيو، دک وڌيڪ نہ ڪريو. منُ جي ڦندن ڦاسائڻ
ي ڪوشش ڪئي، پر هو آزمائش مان لنگهي پار پيو. اڳي ڪان اڳرو. آنند،
ند، جيءَ! اَنت جي مَها دُک ۾، پريم، غريبي ۽ قرباني منجهس پڌرا هئا.

قبر قيد نہ آهي،
سائين اُٿيو آهي.

فائوسٽ: مِنا ۽ سُندر آلاپ، اوهين هتي ڇا ڳولهڻ آيا آهيو؟ ڇو اوهين ن اونده ۾ ڳنل وٽ آيا آهيو؟ ڇگو آهي تہ اوهين انهن کي آٿت ڏيو. جي ڪنهن نرم قالب جا نهيل هجن! آءٌ اوهان جو سنيهو سُڻان ٿو، پر مون کي ٽيا/ ڳُٺا ڪانہ آهي. ڪرامت پار آهي، مٺيا/ ڳُڻ جو. آءٌ پاڻ کي زوريءَ ميءَ منزل تي نٿو رکي سگهان جتي سُک سُک جون خبرون ٿيون ٻڌجن. ا! ڇوڪراٽي عمر ۾ جڏهن خوشيءَ جو وقت هو، هڪ ڀيري ڏٺي جي پريم ۽ مون تي وسڪارو ٿيو هو. سبات جو پوتر ڏينهن هو، مون ائين ڀانيو تہ ڀارت جي پوتر ڇُمي، ڏٺي مون کي ڏني؛ مون ۾ اُن وقت هڪ تيز ۽ اَڇهل ڪير پيدا ٿي، جنهن جي پروڙ مون کي نہ پئجي سگهي تہ ڇا آهي. گهنڊن ي آلاپن ۾ آءٌ اونهيون معنائون سمجهڻ لڳس. مون ۾ هڪ روحاني جوش ا ٿيو، آءٌ اڪيلو ئي اڪيلو ٻنين مان، ٻيلن مان هلندو رهيس. پوءِ گرم ڙها ڇوٽ وهڻ لڳا. اُن وقت مون لاءِ نئون جنم ۽ نئون جڳت ٻنجي پيا ا: اڄ جي گهنڊن جي آلاپن ۾ ٻہ ٻَهاريءَ جي اُميد هئي ۽ هاڻي آءٌ وري ٻہ ڍي ٻالڪ جيان ۽ جهوني سمرتي منهنجي دل کي ڳرانڙي پائي ويني آهي، ن کي هي ڪم ڪرڻ کان منع ٿي ڪري.

(ٻول وري ٿا ٻرن، جنهن ۾ ٻالڪ ٿا ڳائين.)

ٻالڪ: جيڪو پوريل هو، سو اُٿيو آهي، قبر جا ناڪ کُلي پيا آهن، موت جيوت آهي. اُٿيو آهي خاوند، ڇوٽڪاري ڏيڻ ڪاڻ جاڳيو آهي. اڳتي ۽ ي، مٿي ۽ مٿي، چڙهندو رهي ٿو شڪتي اَپار، آنند اپار. جوت جي تخت تي هينئر براجمان آهي؛ هن جا پورهيا هاڻي سڀ پورا ٿيا. ڌرتيءَ تي هن جا ڪا اڃا آزمائش ۾ آهن، ڏکن ۾ آهن. ٻالڪا ويچارا ڇنل ڇورا، آهون اندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڪڏين ٿا: تون وئين، جوت ڏي، اسين آهيون اُونده ۾.

(فرشتا ٿا ٻول اُچارين.)

فرشتا: ڪرسٽ (1) آهي اُٿيو، سائين آهي چڙهيو: ڪال راڄ- پورو ٿيو، گناهہ هاڻي ختم ٿيو. اوهين بہ هاڻي شرف وٺو. ڪرسٽ جو فرمان مڃو؛ شيطان ۽ گناهہ جي ٻنڌڻ کان آجا ٿيو.

پنهنجي جيوت ۾ هن جا نيم مڃو: پريم کي پنهنجي ڇاتيءَ ۾ ڌاريو غريبن کي دانُ ڏيو، ڏٺيءَ کي ياد ڪيو، نماڻا حليم ٿيو، ماڻهو کي گيان ڏيو اهڙيءَ ريت اوهين ورتو. سائين پيارو، سدا پيارو، حاضران حضور آهي ويجهو آهي آڻ ڏنو.

فائوسٽ جي دل کي آٿت آيو. شيطان ابليس (ميفسٽو) جو مٿس ڇا وجهي رهيو هو ۽ جيڪو ڌرتي جي روح جو روپ وٺي، ڪيس ڌتاري رهيو هو تنهن اثر آڌو ڏٺيءَ جا فرشتا پنهنجي ڪارُ هلائي رهيا هئا. فائوسٽ جو ڳوڙ منُ ڪجهہ مڙيو ئي هلڪو ٿيو. اُن وقت ڪپڙا پائي، ٻاهر نڪتو. سمجهيائين تہ هن ڪونيءَ ۾ اثر اُبنا آهن، جو تہ وڃي ڪا ٻاهر صفا هوا کاوان. ڏينهن هـ ايسٽر جو، شهر جا ماڻهو نوان نوان وڳا ڍڪي خوشين ۾ ٻاهر نڪري آيا هئا فائوسٽ گهمڻ ڦرڻ لڳو. انساني جيوت جو نماءُ پَسڻ لڳو تہ ڪيئن هر ڪ مستُ آهي، نينگريون ۽ نينگر، عاشق ۽ معشوق کي ڪهڙيون پيا ڳالهيو ڪن، ڪي ڪهڙيون پيا رانديون رمن. فائوسٽ گهمندو رهيو، سندس منُ هلڪو ٿيندو رهيو. هن جي دماغ مان جادوءَ جا غبار ڪجهہ قدر نڪرڻ لڳا فائوسٽ اڳيرو هليو. آسمان جي صفائي، ۽ بهار جي هير، ڏينهن جي جوت جو جهلڪو، اهي سندس منُ مان. رات جي سمي وارا ڏڪدائڪ خيال ڪڍ لڳا. سيارو پورو ٿيو هو، بسنت شروع ٿي هئي، نديون ۽ نهرون برف کا آجيون ٿيون هيون. بسنت جي پيار ڀريءَ مرڪ ۾، ساٻون ٻنيون، تازيون

(1) حضرت عيسيٰ عليه السلام ڏانهن اشارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُميد ڀريون ڏسڻ ۾ ٿي آيون. هر شيءِ ۾ حياتي ٻَکڻ لڳي هئي. ڏنائين، تہ ڳوناٺا ۽ ڳوناٺيون ڀيا جهمريون پائي نچن. پاڻ وچي ساٿن رُليو مِليو. ڳوناٺا ڏاڍا خوش ٿيا تہ ڊاڪٽر فائوسٽ اچي اسان سان ڳالهايو، اهو تہ اسان کي شرفُ ڏنائين. سڀئي اچي سندس چوڌاري مِڙيا. هڪ ٻئي کي آسيسون، دعائون ڏيڻ لڳا. فائوسٽ جو منُ ڀرجي آيو، ڏنائين تہ هي انسان کھڙا نہ ابوجهہ ۽ دل وندڙ آهن. وري بہ کين آسيس ڪيائين: ڏٺيءَ جا ٿورا مڃو، اسين تہ سڀ هن جا ٻانها آهيون. سڀ آسيسون انهيءَ کان ٿيون اچن، جيڪو نسان جو دوست آهي.

ماٺهن کان موڪلائي وري بہ فائوسٽ اڪيلائيءَ ۾ گهمڻ لڳو. قدرت جو نظارو ڏسندو رهيو:

واهہ! هي نما شام جو وقت! ڪيئن تہ هلڪي ڳاڙهي روشنيءَ ۾ ڳوناٺيون جهوپڙيون سهٽيون ٿيون ڏسڻ ۾ اچن، چوڌاري ساوا وڻ اٿن، هر ڪ جهوپڙيءَ کي پنهنجو باغيچو آهي. سج هاٺي لهي ٿو وڃي، ڏينهن مري و وڃي ۽ ٻاهران ائين پيو ڏسجي تہ ڏينهن سان گڏ سج بہ ويو. پر نہ، سج ٻي، هينئر بہ پنهنجي جوت ڏئي ٿو. جيڪر مون کي بہ اهڙا پَرَ هجن تہ آءٌ زمين ٿان مٿي کڄي سندس پٺيان ويجهو ويجهو لڳان! پوءِ جيڪر سُتل دنيا کي ٿام جي سرخيءَ ۾ جهلڪندو ڏسان، ٽڪرين جون چوٽيون چمڪنديون ڏسان، ماٿريون آرام ۾، روپي لهر سانت ۾ پَسان؛ آسمان ڏي آءٌ اُڏامندو امندو وڃان، ڪوبہ اُتانهون جبل پنهنجي ڇاتي مٿي ڪڍي، مون کي ٻيهاري سگهي.

ڏس! اجهو هينئر اوچتو سمنڊ تي جوت جهلڪا ٿي ڏئي، ۽ ڏينهن جو وِتا اندر ٿو وڃي. مون ۾ نئين پاونا ٿي پيدا ٿئي، آءٌ اڃا بہ جنت جا پراڻ ٿو ان. اڃا بہ هن جي امر جوت ٿو پيان. ڏينهن مون اڳيان، رات مون پٺيان، سمان مون مٿان. اڙي... پر! ڇا هي سڀ طلسم هو! ٿوري وقت جو ڪو هو! ويو هليو. افسوس! هن بت کي پر ڪونہ آهن، جو اُڏامي ڌرتيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي بند ڪان آجو ٿئي، ۽ پوءِ روح پکيئڙو سير ڪندو رهي. تہ بہ هرڪو ماڻهو قبول ڪندو تہ ڪو پل هيءُ اسان جو روح پکيئڙو بہ اُڏامڻ لڳي ٿو. اسان کي مٿي چاڙهي اڳتي ۽ مٿي ڪٺي هلي ٿو ۽ پوءِ نيري ديس ۾. آڪاس ۾ خوب گيت ٿو ڳائي؛ اُتانهن پربتن جي خوفناڪ چوٽين جي صنوبري وڻن مٿان، عقاب ٿو پَرَ پکيڙي؛ چوٽيءَ تي چڙهي، ڪونج ٿي گهر کي ويجهو ۽ ويجهو پوي. پر... افسوس! هيءُ آڪاسي موج رڳو ڪا ڪن پل جي آهي. افسوس هاڻي ڌرتيءَ جي پاتار ۾ آهيان. ڇا ڪريان! منهنجي دل ۾ اندر بہ جيوَ ٽا وسن. اُتي سڀ بي آرامي آهي. هڪڙو جيوَ ٻئي سان ٿو خاونديءَ لاءِ وڙهي، هرڪو ٻئي جي وس کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ٿو ڇتاپيٽي ڪائي. هڪڙو نيچ ڌرتيءَ جي نفساني خوشين ۾ مگن ٿو رهي، ۽ ڇهتيو پوي. ٻيو ڀانئي تہ پنهنجي سگهہ سان، ڌرتيءَ کان مٿي آسمان ڏي اُڏامان، جو آسمان سندس نج گهر آهي، اباڻو ديس آهي، جنم واري جاءِ آهي. اڙي! سچ پچ وايوءَ ۾ جيڪڏهن اُهي ديوَ آهن جيڪي ڌرتي ۽ آسمان جن وچ ۾ شاندار پرن سان وچڙن ڦرن ٽا تہ اي ديوو! پنهنجي سون ورن سُگنڌ ڀرئي ديس مان اچو، مون کي بہ پاڻ سان نئين جيوت ڏي نيو. اڙي! مون کي بہ ڪو جادوءَ جو جُبو هجي جو پائڻ سان آءٌ ڏورانهن ڏيهن جو سير ڪري سگهان، تہ پوءِ جيڪر ڪٿن تہ آءٌ شهزادن جي شغل کي، شاهن جي دبدبي کي، تِچ ڪري سمجهان."

فائوسٽ پاڻ سان هي ڳالهيون ڪندو گهر وريو. رات ٿي ويئي هئي، فائوسٽ جي منجهيل منُ کي هاڻي ڪو آرام ڪپندو هو، سو موٽڻ لڳو. ڪنهن وقت واٽ تي پريان ٻنين جي ساون ڪانن ۾ ڀانيائين تہ هڪ ڪارو ڪتو آهي. فائوسٽ کي خيال ٿيو تہ هي ڪارو ڪُتو آهي يا ڪا ٻي شيءِ آهي؟ ڪُتي نانگ وانگر ٻئي ڦيرا ڏنا. جيئن ٿي ڦيرا ڏنائين تيئن ڦيري ڦيري سان فائوسٽ کي ويجهو پوندو پئي ويو. فائوسٽ ائين پئي ڏٺو تہ هن ڪُتي جو جنهن هنڌ تي پير لڳو تنهن هنڌ تي ٿي باهہ جون چڻنگون نڪتيون. پ شڪل ۾ تہ ڪُتو هو. فائوسٽ دل تي هٿ رکي چوڻ لڳو: ڀانيان ٿو تہ هي ڪُتو جادوءَ جا سنها ڌاڳا منهنجي چوڌاري ويڙهيندو ٿو وڃي. اجهو پوئين ڦيري سان اچي بيٺو آهي. پر نہ، شايد هي ڪُتو ويچارو ڪو غريب جانو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي، ٻلي مون سان گهر هلي. ڪتو اُهو جانور آهي جيڪو هِري وڃڻ بعد انسان جي دل ڇڪي ٿو وٺي، سياڻا ماڻهو ٻه هن کي پيار ٿا ڪن. فائوسٽ سان گڏ ڪُتو هلندو آيو ۽ فائوسٽ اچي گهر پهتو. ڪتو ٻه ساڻس لنگهي آيو ۽ اچي سندس ڪوٺيءَ ۾ وٺس وينو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتو ۽ فائوسٽ

فائوسٽ ڪوٺيءَ ۾ اچي اندر وينو. ڪجهه مڙيوئي هن جي دل ۾ تار هو. چوڻ لڳو: ”جن بنين مان گهمي آياسون سي هاڻي اونهي رات ۾ جهپي ويون. هن ماڻ جي وقت ماڻهوءَ ۾ جيڪو چڱو جيوَ آهي، سو سجاڳ ٿو ٿئي. اَجهل سنڪلپ جون چاهنائون جهَڪيون ٿيون ٿين ۽ رَجي جو چَوُهو پراڻ سانت ۾ ٿو اچي. پڳتيءَ جو پاوَ اُٿي ٿو، ماڻهوءَ لاءِ پيار، ڌڻيءَ لاءِ پيار جاڳي ٿو.

(فائوسٽ ڳوڙهي ويچار ۾ هو، پر هو ڪتو جو اندر وني آيو هو سو پيو ٽپ ڏيڏي، ماڻ ئي نه ڪري، فائوسٽ ڪُتڙي کي نَيرڻ لڳو: ماڻ ڪتِڙا ماڻ. سانت ڪري ويهه. چو، چوڌاري ڇو پيو ڦيريون پائين؟ ڇو پيو در وٽ سُون سُون ڪري، ڇا آهي جو ڏسين ٿو؟ ڪتڙا ٻاهر نه وٺئين پئي، ٽِپيءَ ڪُڏيءَ پئي، هينئر ڇا ٿيو اٿئي. سمهي پؤ، گديءَ تي سمهي پؤ. هيءَ گدي نرم آڪيري جيان آهي. آرام ڪر، آرام ڪر تون مهمان آهين، پلي آئين، هاڻي پنهنجي مسافرخاني ۾ آرام ڪر.)

هر روز سج لٿي بعد رات جي ماڻ ۾ پنهنجيءَ ننڍيءَ جهوپڙيءَ ۾ ويهجي ٿو ۽ اڪيلو ڏيئو پنهنجي دوستاڻي روشني ڏاري ٿو، تنهن مهل گمان ۽ پوَ جا ڪَڪر نڪريو وڃن، ۽ پوءِ صفائي ٿيو پوي. ... ... پر پوءِ جڏهن ڏينهن ٿو ٿئي، نه وري ٿو جهڳڙو شروع ٿئي. عقل وري ٿو واڳون جهلي، چاهنا وري ٿي منهن ڪڍي ۽ ٻاهرئين گهمسان ۾ سنسار جي لهر تي چَلي، پوءِ افسوس! جيئن وَهندي وڃي، تيئن پنهنجي لڪل چشمي ڪان پري پوندي وڃي.

(ڪتو وري به ماڻ نه ڪري. ڪتو ٻاڻ پؤنڪ پؤنڪ ڪرڻ لڳو.
فائوسٽ جنهن جي مَنُ ۾ سانت هٿڻ ڪري، سڪ ئي سڪ پئي ڪجيو، تنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي هن جانور جي ڀؤنڪ اُگري ٿي لڳي. چيائين، اي ڪتڙا! بند ڪر هيءَ ڀؤنڪ. منهنجي دل ۾ هن وقت سک ۽ پيار ڀنهي، بنا پڇئي، پاڻيهي اچي واسو ڪيو آهي، تنهنجي ڀؤنڪ هينئڙ نہ ٿي نهي. دنيا جي ماڻهن جو سو اهو حال ٿيندو آهي، جو جڏهن ڪا ڳالهہ اعليٰ هوندي آهي، وڏيڪ سهڻي هوندي آهي، جيڪا سندن سمجهہ ۾ نہ ايندي آهي، تڏهن پيا چٽرون ڪندا آهن، اُهي بہ تڏهن هنن نيچ ڪتڙن جهڙا چٽبا؟ هي ڪتڙو بہ جيڪڏهن پاڻ نہ ٿو سمجهي سگهي تہ ونيو ڀؤنڪ ڀؤنڪ ڪري!)

ڇا ڪريان! وريو وريو اهڙا خيال تا اچي ونن جو دل کي نِستو ڪيو ڇڏين، دل جو چشمو برف ٿيو وڃي. ڪيترا ڀيرا نہ مون اِهو اَنيوَ ڪيو آهي! پر انهيءَ ۾ بہ ڀَلو آهي، ڇو تہ جڏهن هن انيو مان لنگهجي ٿو، تڏهن دل ڌرتيءَ جي وسٽن کي ڇڏي، ٻين اُتم وسٽن جو قدر ٿي ڪري ۽ ڏٽيءَ جوت جو آڌار ٿي وني. اهو آڌار ۽ اها جوت... اڙي هيءَ ڳالهہ سواءِ انجيل جي ٻئي ڪنهن ۾ نہ ڏٺل آهي. هن وقت منهنجي منُ ۾ اِڇا اُٿي ٿي تہ اهو وچن وري پڙهان ۽ انهيءَ پوتر شلوڪ جو ترجمو ڪري پنهنجي وطني ٻوليءَ ۾ آڻيان.

(ڪتاب کولي ٿو ۽ لکڻ شروع ٿو ڪري.)

لکيل آهي: ”آد ۾ هو شبد.“ اِتي ٿي بيهي رهيس. اڳتي ڪيئن وڃان؟ ڪير ٿو مدد ڪري؟ رڳو شبد جي ايڏي هلندي! اڻ ٿيڻي آهي، بشرطيڪ آتما جي ڪيس رهبري هجي. تڏهن ڀلا هيئن لکان– ”آد ۾ هو منُ.“ اها پهرين سٽ ويچاري پڙهہ، متان قلم تڪڙو هلائيندي معنيٰ ٿي اُلٽي ڪري وجهين. اهو مَنُ آهي ڇا جو سڀ ۾ ٿو ڪم ڪري ۽ انهيءَ ڪري ٿو سڀ اُتپن ٿئي؟ بهتر جيڪر هيئن ٿئي ”آد ۾ هئي شڪتي“ پر تڏهن بہ هن لکڻ وقت بہ ڪو مونکي مڙيوئي ڇتاوَ ٿو ڪري تہ اِتي ڪين بيهي رهبو. آتما ٿي مونکي سمجهائي، سڀ صفا پيو آهي: بنا ڊپ جي آءٌ لکان ٿو، ”آد ۾ هئي ڀاجهہ.“

(فائوسٽ پنهنجي اپياس کي اونهو لڳي ويو. ان وقت ڪتي ونئي ايڏي تہ رڙ ڪئي جو فائوسٽ جو ڌيان ٽُٽي پيو ۽ ڪتي کي چوڻ لڳو: بس ڪر، شوخ ڪتا، ايڏي رڙ! چپ ڪر ڪتا، نہ تہ مونکي سخت ٽيٽو پوندو، اهڙو گوڙ ڪرڻ آءٌ ڪين ڏيندس. جيڪڏهن تون ماٺ نہ ڪندين ۽ ڀؤنڪندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهندين، ته اسان مان هڪڙي کي ڪوئي ضرور ڇڏڻي پوندي. بس هاڻي اهو فيصلو اٿئي: مزمان سان هھڙي هلت ڪرڻ وٽندڙ ڪم نه آهي، پر ههڙي پؤنڪار جيڪا بندئي نٿي ٿئي، سا ڪير به سهي ڪين سگهندو! پر ڇا! آءُ هي ڇا ٿو ڏسان. هي ڇا آهي. ڪتي جي شڪل ڦري ويئي آهي، ڊيگهہ ۽ ويڪر وڌي ويئي اٿس، وچي وڏو ٿيندو، لنبو ٿيندو. تڏهن هيءَ جو باهران ڪتو ٿو ڏسڻ ۾ اچي، سو تڏهن ڪو ڀوت آهي. اکيون ڪهڙيون نه باهہ وانگر اٿس، ڏند ڀيو ڪُرٽي، جهڙو نه ڪو راڪاس هجي. هن دوزخ جي ڪتي کي آءُ پاڻ وٽ وني آيو آهيان، اڙي هاڻي مون آخر توکي سڃاتو. تو جهڙن، اڌ شيطاني، دوزخين لاءِ، سليمان جي ڪُنجيءَ جهڙو ڪو ٻيو علاج.

فائوسٽ جڏهن اهو ارادو ڪيو ته هاڻي هن ڪتي روپي شيطان کي ٻاهر ڪڍبو. تڏهن هو حضرت سليمان جو منتر اُچارڻ لاءِ سنبريو. اُن وقت هڪدم فائوسٽ اٿين پانيو ته در ڪان ٻاهر ڪي روح بينا آهن: ۽ چون ٿا: "هڪڙو ٻيو آهي قيد ۾. سمجهہ رکو. سمجهہ رکو. مٿان ڪو ٻيو پنيانس اندر وڃي. اسين سنتري ٿيا بيانا آهيون: اسين سڀ ڄاڇيون ٿا. دوزخ جو حيوان، بنا خبر جي وڃي اندر ڦاٿو آهي، جيئن لومڙ ڦاسي ڪوڙڪيءَ ۾: هو اندر آهي، اسين بينا ٻاهر آهيون. اچون ۽ وڃون بيا، هيڏانهن هوڏانهن، پنيان، اڳيان، ڏکڻ اُتر. پنهنجي ساٿيءَ کي واهر ڪريون ٿا. منتر اُچاريون ٿا، ٻنڌڻ چوڙيون ٿا، پيڙ هلڪي ڪريون ٿا. منتر ٻُڌي، ڪريا ڏسي، پاڻ اسان جو خوش ٿئي ٿو. اسان جي خاطر پنهنجي سلامتي کي جوکي ۾ وڌو آهيس، ۽ ڏک سَنو آهيس: اسين آهيون سندس قرضي، اسين بند ٿا خلاص ڪريونس.

فائوسٽ: هن کي جيتڻ لاءِ مون کي اهو منتر اُچارڻو آهي جو ٻڌڻ سان، ڇٽني تَتن جي ڀوتن مان جو ٻُڌندو، سو ڏجندو ۽ حڪم جي تعميل ڪندو.

سالمندر باهہ جا، سَڙ ڙي سَڙ

نمف پاڻيءَ جا، ڦرُ ڙي ڦرُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سِلف هوا جا، ترُڙي ترُ

نوم ڌرتيءَ جا، مَرُڙي مَرُ(1)

باهہ جا سالمنڊر، لال چيچيءَ ۾، وڃ ڪپي، وڃ ڪپي. آبي نمف، لڙ لهرن ۾، وڃ وَهي، وڃ وهي.

بادي (2) سلف، پڇڙ تاري جيان، وڃ تڪو، وڃ تڪو،

نوم مٽيءَ جا، وَهو ڊِگا تون، وَهہ گهٽو وَهہ گهٽو.

۽ ٻڌ تون، روح، جو هن جانورن جي چاتيءَ ۾ قيد آهين، حضرت سليمان سيني جنن جي راجا، جو توکي حڪم آهي، نڪري اَءُ.

جادو ۽ مُهر جو حڪم مڃ، حڪم مڃ.

ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي، تہ هن جانور کي جدا جدا قسمن جا جِن لڳل آهن: منتر جو اثر ئي مٿس نہ ٿو ٿئي، ليٽي پيو آهي، ۽ شوخيءَ منجهان پيو نهاري. اي پوت! ڳري جادوءَ سان ٿو زوريءَ ٻاهر ڪڍانءِ. جيڪڏهن تون شيطان جون ٻانهون آهين، ۽ ابليس جو پوئلڳ آهين، دوزخ مان ڀڄي آيو آهين، تہ آءُ توتي جادو ٿو هڻان، توکي حڪم ٿو ڪريان: قسم آهي توکي هن نشانيءَ جو، هن منتر جو، جنهن جي اڳيان، سارو اونده جو لشڪر ڪنڌ نوائي ٿو. (ڏس تہ ڪيئن نہ هاٿي سُجندو ٿو وڃي، وار بہ ڪڙا ٿي پيا اٿس!) اي اڇوت! ڏس هيءَ نشاني، انساني ۽ نوراني. ڪنڌ نواءِ تون، قديم کي، جنهن کي جهان ڏنو، پر جهان ڏِڪاريو. پڙهي ٿو؟ ڏسي ٿو؟ ڏڪُ ڏڪُ، هن جو تالو ٻڌي ڏڪُ! ساري آسمان ۾ هو موجود آهي. زمين تي هو بي شرمائيءَ سان ماريو ويو. (3)

هاڻ! جانور سچ پچ ڏکي ويو آهي. سِگريءَ جي پنيان وڃي پيو آهي. سهڪي پيو ڦٽڪي پيو، ڦوڪجي پيو آهي، وڏي وڏي هاٿيءَ جيڏو ٿي پيو

---

(1) مر= پورهيو ڪري پيو ڪجَ. اهي چار ئي تَتن جا پوت ۽ ديوَ جن کي اگني (سالمنڊر)، پاڻي (نمف)، پون (سلف) بئسنتر، (نوم) ٿو چئجي، جن تي فائوسٽ ٿو چئي تہ اپياسي وس هلائي سگهن ٿا. مٿيون هڪ منتر آهي ساڏنا جو.

(2) بادي= هوا جو.

(3) ڪرسٽ: حضرت عيسيٰ عليه السلام طرف اشارو، جنهن کي جهان ڏِڪاريو ۽ صليب تي چاڙهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، اجا تو وجي پڪڙندو، هاڻي ڪَڪرن ۾ غائب ٿي ويندو. اڙي سنڀال ڪج، چت جو بچاءُ ڪج، سمهي پؤ سمهي پؤ، استاد جي قدمن ۾ سمهي پؤ. اجائي ڌمڪي نہ ياڻءِ اجا توکي وڏيڪ ايذاءُ سَهڻو آهي. اجا نٿو سمجهين؟ هاڻي ياد رک، جيڪڏهن نہ سمجهندين تہ لاچار مون کي وڏي ۾ وڏو منتر هلائڻو پوندو.

(انهيءَ گهڙي، ميفسٽو (ابليس) سِگريءَ جي پٺيان، دونهي منجهان، پيدا ٿي، ٻاهر ٿو نڪري اچي. وڏي عالم جهڙا ڪپڙا پيا اٿس جڻ تہ ڪنهن مسافريءَ تي نڪتو آهي.)

ميفسٽو: هيڏي رڙ ڇو ڪٽي مچائي اٿيئي؟ ٻڌاءِ آءٌ پنهنجي غريباڻيءَ طاقت آهر تنهنجي ڪهڙي خدمت ڪريان؟

فائوسٽ: ڪتڙي جي اندر روح تڏهن هي هو! هينئر تہ پنڊت ٿي ٻاهر آيو آهي: ڇِهہ! عجب ڇڻبو، ڪلڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان.

ميفسٽو: سياڻا سائين، آءٌ تنهنجو نِماڻو نوڪر آهيان. مون کي جنسي پٺي ڪاڙهيو اٿئي. مون کان ڇڳو وير ورتو اٿئي، مون کي پگهاري پورو ڪيو اٿئي.

فائوسٽ: تنهنجو نالو؟

ميفسٽو: هي ڪهڙو هلڪڙائيءَ جو سوال آهي. اهو سوال تون پلي پڇين! تون تہ ٻاهرئين لفظ کي تِڇ سمجهندو آهين، ٻاهرئين ڏيک کي ڇڏي اندرينءَ معنيٰ کي سمجهڻ گهرندو آهين.

فائوسٽ: تولاءِ لفظ ء معنيٰ ٻئي ساڳيا، تنهنجي نظر ۾ سب هڪجهڙا، مثلاً هڪڙي کي سڏجي ٿو: مکين جو ديوگ، هڪڙو لالچائيندڙ- هڪڙو ڪوڙو- هاڻي يار ٻُڌ، نالو ٻڌاءِ.

ميفسٽو: آءٌ اُن طاقت جو ڀاڱو آهيان، جيڪا اجا ياڻي ٿي تہ برائي ڪريان، پر تڏهن بہ ڪري چڱائي ٿي.

فائوسٽ: اها ڪهڙي پرولي؟

ميفسٽو: آءٌ اهو روح آهيان، جيڪو سدائين مُنڪر آهي، انڪار ڪندڙ آهي. انهيءَ ۾ هو صحيح آهي، ڇو تہ جيڪي بہ ظاهر ٿئي ٿو، سو نابوديءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو لائق آهي. مان هيءَ ڳالهه چڱي طرح ڏسان ٿو، تنهن ڪري هر چيز جا هستيءَ ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، تنهن کي آءٌ نه، چوان ٿو. نه! منهنجو مول اُهو آهي، جنهن کي توهين، گناهه ۽ نابودي ٿا سڏيو- هڪ لفظ ۾ بد.

فائوسٽ: تون پاڻ کي ڀاڱو ٿو سڏين، پر منهنجي اڳيان ته سڄو بيٺو آهين.

ميفسٽو: انهيءَ ۾ آءٌ سچ ٿو ڳالهايان، نماڻو سچ ٿو ڳالهايان. پل 'انسان' (ويچارو پوڪ انسان) پيو موج مستيءَ منجهه ڦوڪجي پاڻ کي 'سڄو' سمجهي، 'سڄو' آءٌ ڪين آهيان. آءٌ آهيان ڀاڱو، اُن ڀاڱي جو، جيڪو ڀاڱو اوائل ۾ 'ڪُل' هو. اُن اونده جو ڀاڱو، جنهن پيدا ڪيو 'روشنيءَ' کي. مغرور روشني، جيڪا هاڻي پانئي ته پنهنجي 'مادري رات' کي سندس درجي تان لاهي ڦِٽو ڪريان. هن سان جنگ جوٽي ٿي انهيءَ ڪاڻ نه پاڻ پکيڙي، پر فتح مند ڪين ٿي ٿئي، ڇو ته پلي ڪهڙو به ڪٽي پاڻ ڪتوڙي، ته به روشني، قيدي غلام جيان، مادي جي بُتن کي چهٽي رهي ٿي. روشني ڍري ٿي بتن منجهان، بتن کي روشن ڪري ٿي. بُت ٿو سندس پنڌ ۾ ڪيس آڏو اچي. انهيءَ مان اُميد رکجي ٿي ته ڪنهن وقت جڏهن بت نابود ٿي ويندا، تنهن وقت روشني اصل وسامي ويندي.

فائوسٽ: واهه، هي چڱو ڌنڌو. تُنهنجيءَ 'ڪين' ڪنهن کي به، ڪين، نه ڪيو آهي. هاڻي جڏهن ڏسي ٿو ته وڏي شيءِ هٿ ڪين آئي، تڏهن ننڍيءَ لاءِ ٿو هٿ وجهي.

ميفسٽو: پر انهيءَ دستور موجب ته مون کي ڪجهه به حاصل ڪين ٿو ٿئي. انهيءَ 'ڪين' جي آڏو 'ڪُجهه' اچيو مٿو ڪڍي. هيءَ بي فضيلت ڌرتي مون کي سامهون ٿي پوي. هي گند جو ڳوڙهو، مغروريءَ ۾ ٿو منهنجي مخالفت ڪري، ۽ پنهنجي هستي ڄمائي. مون ته اجايو پٺي ڪيس پيريو آهي. هرڪو جتن ڪيو اٿم. ٻوڏون، طوفان، ڳجگوڙون ۽ وڄليون، سڀ ڪيو اٿم. پر ڏس ته به آرام ۾ آهي. وار به وِنگو نه ٿيو آهي. سمنڊ ۽ زمين ٻئي اڳي جهڙا ساڳيا بيٺا آهن. انسان ۽ حيوان جي پليت اولاد تي به نشان آءٌ ڪونه ٿو ڇڏي سگهان، اصل ذرو به نه. ڪئين انبوهه مون زمين جي هيٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوري ڇڏيا آهن، پر فائدو ڪهڙو، پاڻ نئون رت. اڳي ڪان اڳرا، نوَبنا. آءُ هي واڌارو ڏسي چريو ٿيو پوان، پاڻي، هوا، زمين مان جيوت جا ٻج، سوڪ ۾ يا پوسل ۾، گرميءَ ۾ يا سرديءَ ۾ پيا ڦٽن. باهه سا منهنجي آهي، اها سا مون رکي آهي- رکو باهه. نه ته جيڪر ڪا به شيءِ خاص منهنجي ڪانه هجي.

فائوسٽ: سو تون آهين؟ تون اِتي بيٺو آهين؟ تون سامهون پوندو آهين، تنهن حقيقي طاقت ڪي، جيڪو هلي ٿو، ۽ ناهي ٿو ۽ جيڪو پيدا ڪندڙ آهي؟ اجايو ٿو اُن جي آڏو پنهنجو شيطاني نؤنشو اولارين. اي اند ڏنڌ جا عجيب غريب پُٽ، تنهنجي اها ڪار ته ڪِل جهڙي آهي.

ميفسٽو: خير، اها ڳالهه پوءِ ڪنداسين، پر هاڻي آءُ موڪلايان ٿو.

فائوسٽ: تون آپي شاهه آهي. منهنجي موڪل وهيٽو ته تون آهين ڪونه. مون ڪان ڇو ٿو پڇين؟ هاڻي جنهن دستور تو اندر اچڻ جو رستو ڳولي لڌو آهي. تنهن صورت ۾ آءُ اُميد ٿو ڪريان: ته تون پيو منهن ڏيکاريندين. هاڻي ڀلا موڪلايون ٿا! هيءَ اٿئي دري. هو اٿئي دروازو ۽ پريان اٿئي بخاري. ڇو، اڪيون ڦاڙي ڇو بيٺو آهين، ڪهڙي خيال ۾ آهين؟

ميفسٽو: ڇتل ڪين آهيان: وات ۾ اٽڪ اٿم، مون ڏني ڪانه هئي، پر اها اٽڪ مون کي تنهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪيو ويني آهي.

فائوسٽ: پنج ڪُنڊي؟ ڇا. اها توکي ڀانءِ ڪين پوي ڇا؟ پر دوزخ جا پُٽ، جيڪڏهن اِئين سچ پچ آهي، ته ٻڌاءِ تون اندر ڪيئن آئين؟ مون کي ٻڌاءِ ته اڳي ڇو نه توتي اثر ٿي سگهيو؟

ميفسٽو: لِيڪون جهڙيون ٻوَريون هئڻ کپنديون هيون، تهڙين ڪين هيون، ٻاهرين ڪنڊاڻ پوري آهيس. ڪتو اندر ٽپي آيو. نيڏي مهل ڪل ئي ڪانه پيس، هاڻي شيطان کي پروڙ پيئي آهي. نه هيءَ شيءِ هن گهر ۾ آهي. هاڻي ڇا ڪري، ٻاهر نڪري نٿو سگهي.

فائوسٽ: ڀلا دريءَ مان ڇو نه؟

ميفسٽو: ڇو؟ ڇاڪاڻ ته اسان شيطانن ۽ شرن جي قانون ۾ آهي- جنهن پٺاندر اسين ٻڌل آهيون- ته "جنهن نقطي ڪان اندر گهڙون، تنهن نقطي ڪان اسين ٻاهر نڪرون." اهڙيءَ ريت پهرئين ارادي وقت اسين سدا آزاد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيون، پر هڪ پيرو اِرادو هلائي ويناسون، ته اهو حق پوءِ وڃايوسين. اسين جيڪي چٽل هئاسين، هاڻ چٽل ڪين آهيون.

فائوسٽ: تڏهن دوزخ کي به پنهنجا قانون آهن! جي ائين آهي، ته هاڻ آءٌ دوزخ کي آئنده بهتر سمجهندس. جيڪڏهن اهي قانون ٻڌل تا رکن، ۽ مڃجن تا، ته پوءِ توسان به شرط نامون لاڳو ڪري سگهبو.

ميفستو: ڪتي به اسان کان بهتر انجام جي پوئواري ڪين ٿيندي هوندي، شرطنامي جو اکر اکر اسين مڃڻ وارا آهيون. رڳو ايترو آهي، قانون جي ههڙن نقطن، وقت ۽ ويچار لهڻو. ٽڪو آهين، ۽ آءٌ به تڪڙو آهيان، وري جڏهن گڏباسين، تڏهن فرصت جي وقت اهي شرط ويچاريندا سين، پر هاڻي آءٌ موڪلايان ٿو.

فائوسٽ: هڪ پَلُ. اهڙيون چڱيون وڻندڙ خبرون جنهن پڇايون آهن، تنهن کان مونکي وڏيڪ پڇڻو آهي.

ميفستو: چڏ ته آءٌ وڃان، آءٌ وري موٽي ايندس، پوءِ اوهين ڪهڙو به سوال پڇجو.

فائوسٽ: هلا لومڙ، اڇجانءِ، اڇي مون کي پڪڙجانءِ. مون ته ڪا جاري ڪانه پڪيڙي هئي، مون ته ڪو منڍُ ڪونه مَنڊيو هو. تون جي اندر لنگهي آئين، ته اهو تنهنجو ڪم ۽ منهنجو چڱو نصيب هو؛ پر اهڙو نصيب جتاءَ وارو نه آهي، شيطان کي پڪڙي رکجي سوگهو. اهڙي شيءِ هٿان ڪيئن ڇڏجي؟ هڪ وجهه ويو ته ٻيو وجهه ڪير ڏيندو؟

ميفستو: جي اوهين زور تا رکو، ته آءٌ ترسان ٿو: وقت گهارڻ لاءِ آءٌ تو ويهي توهان کي وندرايان، مون وٽ به گهڻي ئي هنر آهن.

فائوسٽ: چڱو ڀلا، تون هنر ڏيکارڻ وارو، آءٌ ٻڌڻ وارو.

ميفستو: هڪڙي ڪلاڪ جي اندر، تنهنجي هڪڙي هڪڙي حواس ۾ اهڙي آنند جي وهڪ وهندي، جيڪا سڄي سال ۾ تو ڪين ڏٺي هوندي، ڏس ته روح ڪهڙا راڳ تا توکي ٻڌائين، ڪهڙيون صورتون تا تو اڳيان آڻين. نه پائنج ته ڪي خالي نماءَ آهن، جيڪي ڪنهن جادوگر پيدا ڪيا آهن! سُندر مورتون، وڻندڙ راڳ، ريجهائين تا رڳو اکيون ۽ ڪَنُ. پر مني سڱنڌ توکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَرهو ڪندي. ڏس تہ ڪھڙا نہ عمدا چشڪا ٿا تنھنجي جيءَ کي فرحتون ڏين. دل خوب خوش، موج مستيءَ ۾، اندريون سڀ ڀوڳ آنند ۾. شروع ڪريو، اي روح! شروع ڪريو راڳ کي.

روحن راڳ شروع ڪيو. فائوسٽ جي اکين اڳيان، عجيب ديدار کُلڻ لڳا. فائوسٽ جي ڪنن ۾ مڌر سُر پوڻ لڳا. مِنيون لوليون هيون. ڪارن ڪڪرن جون ڪمانون، اوھين سڀ گم ٿي ويو، تہ نيلو آسمان، وري پنھنجي سوڀيا ۾ مهربان دوست وانگر نھاري. شال ھي ڪارا ڪڪر پرزا پرزا ٿي وڃن، تہ ننڍڙن ٽمڪ ٽمڪ ڪندڙ تارن سان آسمان سمورو ڇائنجي وڃي. نِکت وڏيڪ نرمائيءَ سان ۽ سانت سان جلوو ڪندا رھن. آسمان جا ٻار، نوراني حسن ۾ ھيٺ لھن ۽ نئوڙي نھارين. پريم پريون دليون، تڏا ساھہ کٽي سندن آجيان ڪن. ٻنين ۽ باغن ۾، ندين جي پر ۾، گلن جي منھن ۾، رنگين وڻن ۾، منين ھيرن ۾، عشق جي خوابن ۾، خوش رھن. گل ڦل باغ بھار! ڍڳ ڍاڪن جا، دنگ دارن جا! پريون پريزادا، ندين جي موج وٺي، خوشين جا پاٽي پي، اُڏامندا وڃن ٿا. اڳتي اڃا اڳتي، جتي سورج آھي. جتي چمڪندڙ ٻيٽن تي گجندڙ سمنڊ جون لھرون لڳن ٿيون. اُتي ڪئين تہ پريون پريزادا، خوب ڳائين ٿا، سائي ميدان تي ناچ نچن ٿا، پاٽيءَ تي يا زمين تي، ڪي ڪٿي ڪي ڪٿي. ڪي ڏوراھين ٽڪرين تي چمڪات ڪن ٿا؛ ڪي روشن ڍنڍين تي ترندا رھن ٿا. ڪي وچ ھوا ۾ ڦيريون پائين ٿا. خوب خوشي، موج مستي، آنند ھستي. تارا آسمان ۾، عشق دلين ۾.

ميفسٽو: ھاڻي ننڊ اچي ويئي اٿس. شاباس اٿوَ منھنجا ننڍڙا روحو، شاباس، گيت ڳائڻ سان، حواس گُم.

سو ھن ڀانيو تي شيطان کي پڪڙي سوگھو رکي ڇڏيندس! سمھيو رھہ، سمھيو رھہ. روحو طلسم ۾ ويڙھيندا اچوس. ننڊ ۾ خواب ڏيندا اچوس. چوڌاري ڦرندا رھوس. ڀلي پيو ڀانئي تہ آءٌ سندس پنج کُنديءَ ۾ قيد آھيان! ڏندُ ڪوئي جو، ... ڪائي ڇڏي ٿو... ڪُتريندو ڪَپيندو، آھستي آھستي، ڏيري ڏيري، نشان نہ رھي. اجھو ڪوئو پٽ تي، منھنجو سڌ ضرور ٻڌي.

ڪوئن جو، مکين ڏيڏرن جو، مڇرن ۽ چمڙن جو، خاوند حڪم ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري: آءُ هليو! هي ٻُنيو ڪُتري ڇڏ. سُرهو تيل هتي ڇٽڪاريو اٿس.
ڪوئي جو ڏند لڳي وڃي، جيسين سڀ ڳُم ٽي وڃي. ڪوئي سائينءَ سڏ
.و آهي، ڏس ڪيئن ڪم کي لڳي ويو آهي. شاباش، پنج ڪُنڊي ڇڻ
ڪُتري! او هوءَ ڪُنڊ بہ کپائي ڇڏ. لِيڪون بہ ڪُتري ڇڏ. باقي در جي
ٻجهو ڪُنڊ رهي، اها بہ هڪ ڇَڪ سان پوري ڪر. بس هاڻي قيدي بہ ڇُٽو،
ج ڪُنڊي بہ ڇُٽي.

فائوسٽ سُتو رهہ، سُتو رهہ، خواب پيو خوب لهہ. وري ٿا ڳَڌجون.

فائوسٽ جاڳي ٿو. ڇا! تڏهن هي بہ طلسم هو! تڏهن هي رنگ روپ،
ٻ ڪوڙا خواب هئا. تڏهن شيطان هو ئي ڪونہ. پائنجي ٿو تہ رڳو ڪُتو
، جو ڀڄي ويو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيطان ۽ انسان

فائوسٽ پنهنجي ڪمري ۾ وينو آهي. ڪڙڪو ٿئي ٿو.

فائوسٽ: ڪڙڪو! اندر اچ. ڪير ٿو مون کي هاڻي آزارڻ اچي؟

ميفسٽو: آءٌ آهيان.

فائوسٽ: اندر اچ.

ميفسٽو: ٽي دفعا حڪم ڪر تہ پوءِ اچان.

فائوسٽ: اچ ٽئين.

ميفسٽو: هاڻي بس. هاڻي آءٌ راضي آهيان. اسين ٻئي جلد ئي گ
دوست ٿي وينداسين.

(ميفسٽو اندر ٿو اچي.)

هاڻي آءٌ تنهنجي منُ مان، ڏک جا سڀ دونهان ڪڍڻ آيو آهيان. هينئ
جوان امير جي ويس ۾ آيو آهيان. منهنجي سونهري پوشاڪ ڏس، ڪ
پٽي جهلڪا ڏئي. ڏس منهنجو ريشمي چوغو ۽ منهنجي ڏگهي لٽڪندڙ تر
ڏس منهنجي ٽوپلي تي، ڪُڪڙ جو مغرور ڪنڀ. آءٌ بيشڪ عمدو ج
آهيان. هاڻي منهنجا دوست، بنا ڪنهن دير جي، تون بہ اُٿي تياري ڪر، د
جهڙي پوشاڪ پاءِ، جڏ ڳٽيون، هلڪو ٿي. هل تہ هلي حياتيءَ جا مزا ماڻيو

فائوسٽ: آءٌ ڇا جي پوشاڪ پايان. پوشاڪ ڪهڙي بہ هوندي، تہ د
لاءِ ساڳيو آزار، ساڳيو قيد. منهنجي عمر ايڏي آهي جو مون لاءِ ٿو وار
لذتون آهن ئي ڪين. پر ايڏي نہ آهي، جو ڪامنا جو ڏنگ اصل مري ويو آ
هيءَ دنيا. مونکي ڇا ڏيندي؟ منهنجي ڪن ۾ هڪڙو ئي سُر پيو پري، "
روڪ، پاڻ روڪ." ڪلاڪ ڪلاڪ ۾ اهو گهنڊ پيو وڄي. روز صبوح
اُٿڻ سان منُ تي ڪنهن اينڌڙ هيبت جو خوف وينو ئي آهي. جاڳڻ سـ
منهنجي آزاريل دل، اهڙو ڏک ۾ پرجيو اچي، جو جيڪر ڳوڙها ڳڙي پ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ري نئون ڏينهن شروع، پر منهنجي هڪڙي بہ آس پوري ڪانہ ٿئي. هڪ بہ
. ! ننڍيون ننڍيون ڳٽڻيون، ولر ڪيو اچن، سڀ خوشي مٽيءَ ۾ ملايو
ڏين؛ تان جو خوشيءَ جي اُميد ٿي دل مان نڪريو وڃي. پوءِ هيءَ حياتي
ڪوڙو کيل پيئي پائنجي، ۽ ڏُکئي انسان جا منُ گهڙت آڏاٽا ڍاهيو ڇڏي؛ وري
ڏهن رات اچي، تڏهن بوجن پريل ڇاتيءَ سان بستري تي پئجيو رهان؛ جتي
اِمر نہ مون لاءِ آهي ئي ڪونہ، پر خوفناڪ، شوخ خواب اچيو ديڄارين.
نهنجو اندريون جيوَ، جنهن جو مندرُ آهي منهنجي دل، جنهن جيوَ جو مٿس
ڪمر ٿو هلي، سو هن اندر کي تري تائين ولوڙيو ڇڏي؛ پر ٻاهر تي سندس
ڪوبہ اثر نہ ٿو هلي سگهي، تنهنڪري جيوت بوجو ٿي پيئي آهي. انهيءَ
ا ن موت چڱو، حياتي زهر آهي.

ميفسٽو: ها، پر تڏهن بہ موت مزمان، جڏهن اچي ٿو، تڏهن اُن جي آجيان
ڪانہ ٿي ٿئي.

فائوسٽ: اڙي، اهو خوش نصيب انسان چئبو، جنهن کي فتح جي
قت، موت ٿو رت رڱيل ڇٽ پهرائي؛ خوش نصيب اُهو انسان آهي، جنهن
شق جي مستي ماٽي آهي، پوءِ پل موت کيس اچي محبوب جي پاڪرُ مان ڪڍي.
منهنجو بہ جيڪڏهن اهڙو نصيب ٿئي، جو منهنجو وجود موڄ جي بي
ٻريءَ ۾، داخل ٿئي؛ پوءِ ملڪ الموت جي حضوريءَ ۾ پل ڳري وڃي،
واسن ڪان ٻري، منُ ڪان ٻري، سدائين لاءِ سمائجي وڃي.

ميفسٽو: ها، پر تنهن رات هڪڙو شخص ڏٺم، هٿ ۾ شيشي ڪنيائين،
جهس ڪاري پاٽياني شيءِ هئي، مڙس دهلجي ويو، ڪين پيتائين.

فائوسٽ: ڇا، تون بہ تڏهن جاسوسي ڪندو آهين. ليٽا پائيندو آهين؟
ن نہ؟

ميفسٽو: سرو (مذ) ڄاڻو آءٌ ڪين آهيان، پر گهڻين ڳالهين جو ڄاڻو آهيان.

فائوسٽ: اُن وقت ايسٽر جي راڳ مونکي موهي وڌو. منهنجي دل ۾
يون سُر آلاپڻ لڳو. منهنجي من ۾ پُراڻي روش اثر ڏيکارڻ لڳي، منهنجي
در ۾ اڳين ٻالڪ پڻيءَ جي خوشي آئي. پر هاڻي ائين ٿو ڀانيان، تہ اهو بہ
للسمر هو! اسين آهيون ڇا؟ رڳو حواسي مايا! پڻ پوي انهيءَ مايا تي، جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گمراهه ٿي ڪري، دل تي ڄاريون ٿي مڙهي، غلاميءَ جي زنجيرن سا
جڪڙي جادوءَ جو طلسم ٿي پيدا ڪري، جنهن ڪري موڙهل جيوَ ڦاسي
وڃي ۽ مايا جا ڪَکرُ ويڙهيو وڃنس.

پهرين پهرين پِٽَ پوي خيالن تي، جي ماڻهو تو گرهڻ ڪري؛ ۽ پِٽَ پو
هن جي مايا وارن پاڇن تي، جي رڳو شين جا طلسمي روپ آهن. جيڪ
حواسن کي مُنجهائي، ٻانهو ڪيو ڇڏين.

پِٽَ پوي هن پاڪندي سپنن تي، جيڪي ناءُ ناموس جا نشا تا چاڙهين
پِٽَ پوي سيني تي، جن کي اسين پاڻ کي خوش ڪرڻ لاءِ پنهنجو تا سڏيون
زال، ٻار، نوڪر ۽ هَرُ؛ پِٽَ پوي فلوس تي، جيڪو موهيندڙ سون سان ت
ماڻهن کان بي رحميءَ جا ڪم ڪرائي، يا عيش جي پلنگ کي تو ناهي لس
ڪري. پِٽَ پوي مٺي داک جي دل ٺاريندڙ رس، ۽ عشق جي خوشين ۽ انسا
جي لذتن تي. پِٽَ پوي سڀ ڪنهن اُميد تي، ۽ اعتقاد تي؛ ۽ پِٽَ پوي، سه
کان وڌيڪ انسان جي محبتا واري سُياوَ تي، جيڪو موڳو تي پيو سهي.

ميفسٽو: ڇڏ فائوسٽ هن خيال کي، وِماسين چو ويٺو، ترڪ ڪر ه
مايوسيءَ کي، جيڪا تنهنجي حياتيءَ تي ڳجهه وانگر ٿي وِهي، اُتي تو
سنگت ڪر. خبر پونديئي تہ تون بہ ماڻهن ۾ هڪڙو ماڻهو آهين. تنهنج
معنيٰ اها نہ آهي تہ تون بہ ڪو عام خلق مان آهين، آءٌ پڻ ڪو اعليٰ خلق ما
ڪين آهيان؛ پر تون جي مون سان گڏجي حياتيءَ جو ڏوُرو ڏسڻ هلندين تہ
تولاءِ ڏسڻ جون سهوليتون ميسر ڪندس. آءٌ هن پل کان وٺي تنهنجو همراه
آهيان، جي آءٌ توکي پسند پوان تہ آءٌ تنهنجو نوڪر آهيان، پر جي تون چوين
آءٌ تنهنجو ٻانهو آهيان.

فائوسٽ: پوءِ پلا انهيءَ جي بدلي مون کي ڇا ڏيڻو پوندو؟

ميفسٽو: انهيءَ کي ڏسي ونبو، تڪڙ ڪانہ پيئي آهي.

فائوسٽ: نہ نہ! شيطان آهي خود مطلبي- بلڪل خود مطلبي
شيطان، ڏٺيءَ ارٿ؛ يا نيڪ سياوَ ڪري ڪجهه بہ ڪندڙ ڪين آهي: بڌ
تنهنجا شرط ڪهڙا آهن ۽ صفا ڳالهاءِ. تو جهڙي سان هٿ ملائڻ ۾ پلائ
ڪانہ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميفسٽو: آءٌ پاڻ کي بدل تو رکان، تہ هتي آءٌ تنهنجو خادم آهيان. تنهنجي خدمت ڪندي آرام مون کي حرام آهي. تنهنجي حڪم جو بندو آهيان. تنهنجي ڏک ڏور ۾ آءٌ هڪيو حاضر رهندس، پر جڏهن اسين ٻئي جهان ۾ هُتي گڏباسين تہ ساڳي ريت تون منهنجو خادم ٿيندين.

فائوسٽ: اهو جهان مون کي ڪين ٿو مُنجهائي، جڏهن تو ڀرينءَ دنيا کي پيچي اٿو اٿو ڪري ڇڏيو، پوءِ ڀيا جهان هجن يا نہ هجن، مون ڪي اُنهن جي رتي پرواهہ ڪين آهي. سڀ جيڪي خوشيون ماٺي سگجن ٿيون سي هن جهان مان ٿيون حاصل ٿين، ۽ ڏکن تي پڻ هيءُ سجُ تو چمڪي! هتي کان پوءِ ڇا ٿئي، تنهن بابت مون کي ڪجهہ بہ ٻڌڻو ڪين آهي. آءٌ انهيءَ ڄاڻ جي ڳولا ۾ ڪين آهيان، تہ انسان آئنده جي جيوت ۾ ڌڪار تو رکي، يا پيار تو ڪري، يا انهن لوڪن ۾ هتي جهڙا ڏک ۽ سک، نيچپائي يا اوچپائي آهن.

ميفسٽو: جي اهي تنهنجا ويچار آهن، تہ تون تيار ٿيبين. بس هاٺي رڳو شرط نامو بحال ڪريون، پوءِ بندو تيار آهي. مون وٽ رنگ بہ عجيب آهن، ۽ تنهنجي کيل جا جادو توکي جهجها ڏيکاريندس. حيرت ۽ مؤج جا نماءَ آءٌ تنهنجي اڳيان کولي ڇڏيندس. تون اُهي رنگ ڏسندين، جي انسان ڪڏهن ڳي ڪونہ ڏٺا.

فائوسٽ: تون! تون وٽ آهي ڇا، غريب ابليس؟ تو جهڙن کي ڇا علوم تہ انسان ڇا جي ڳولا ۾ آهي، ڇا لاءِ تو پاڻ پتوڙي، تہ هن جون ميدون، آسون بي انت آهن؟ تہ بہ شيطان تو وٽ اُهو ڪي موجود آهي جو تون اسان کي گمراهہ ڪري، هٿ ڪيو وجهين! تو وٽ اُهي چشڪا آهن، تن مان حاصلات ڪي ڪين آهي. تنهنجو ڳاڙهو سون، پاري وانگر ترڪٽي ٿيءِ آهي. هي راند نالي جي آهي، جنهن ۾ کٽڻو تہ آهي ئي ڪين. ڪامٽيءَ تنهن جون ٻانهون منهنجي ڇاتيءَ کي ياکر منجهہ ٿيون جهلين، تنهن تون اکيون اُن وقت ئي ٻئي کي پيون ڪنيين. يلا شان تو وٽ ڪهڙو آهي؟ تن ڪهڙو مون کي درجو وني ڏيندين؟ طمع جي آسمان ۾ ڪن پل جا پچڙ را؟ ها! يلا ڏيکار پنهنجا ميوا، جي هٿ لائڻ جهڙا ٿين ئي ڪين، تنهن کان ۾ رجهي وڃن! ڏيکار پنهنجا وڻ جي روز ٿا مُڪڙيون ڪڍن، روز ٿا ٻُور جهلين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميفسٽو: گهڙ جيڪي گهرڻو هجيئي، جو خيال ۾ اچيئي، مون لاءِ ڪي بہ ڏکيو ڪين آهي. ڊاڪٽر صاحب جي دل جي خبر پئجي ويندي. آرام گاهہ ۽ وندر وِلاس، ۽ پڙ موڄ جون محفلون، منهنجو توکي انجام آهي، فرحت ڇا آهي، سا توکي پروڙ ضرور پوندي.

فائوسٽ: فرحت ۽ آرام! نہ، نہ! اهي مون لاءِ آهن ئي ڪين، آءٌ انهن جي طلب ڪين ٿو ڪريان، انهيءَ جي ڳولا ۾ آءٌ ڪين آهيان. آءٌ جي سستيءَ جي هنڌ تي ڪڏهن ليٽان تہ شال منهنجو پساهہ بہ پويون ٿئي. تون پائئين ٿو تہ تنهنجي ڪوڙ بدوڙ ۽ خوشامد ڪرڻ واري تنهنجي موهہ سان مون کي آٿت اچي ويندو. تڏهن حياتيءَ جو پويون ڏينهن پل اچي. مون کي شرط قبول آهي.

ميفسٽو: قبول.

فائوسٽ: آءٌ بہ چوان ٿو قبول، سودو بحال.

ميفسٽو: غور ڪر. اسين وسارڻ وارا ڪين آهيون.

فائوسٽ: ياد ڪرين يا وسارين، سا تنهنجي مرضي. مون اِرادو ڪيو، ۽ نہ تڪڙ پڪڙ ۾: هتي جيسين آءٌ آهيان، تيسين ضرور مون کي ٻانهو ئي ٿي رهڻو آهي. پوءِ، ڇا جي تنهنجو، يا ٻئي ڪنهن جو.

ميفسٽو: تڏهن اڄ ئي آءٌ ڊاڪٽر صاحب جن جي دعوت مهل، اوهان جو نماڻو دوست ۽ خادم ٿي اچي بيهندس. هاڻي رڳي هڪڙي ڳالهہ. جنهن صورت ۾ حياتي يا موت تي پروسو ڪونہ آهي، تنهن صورت منجهہ آءٌ جيڪر پانيان، تہ هڪ بہ سٽون لکت جون هجن.

فائوسٽ: سو توکي بہ لکت کپي، مڪريل! تون انسان کي ۽ انسان جي سياءَ کي ڄاڻين نٿو؟ اهو ڪافي نہ آهي تہ مون توکي پنهنجي زبان ڏني؛ منهنجي حياتي، مون وٽ جيڪي آهي، ۽ جيڪي مان آهيان، سي ڇا آهن؛ منهنجي زبان جو فقط پڙاڏو آهن، اِرادي جو انجام آهن. جي زبان ڪجهہ بہ نہ آهي، تہ تڏهن لکت وري ڇا آهي؟ ڇا هي جهان جو دؤرو، فقط طوفاني چرپائيءَ جو بحر آهي؟ ڇا هي هزارين درياهہ، دائمي چٽاپيٽيءَ ۾ رڳو ديوانن وانگر پيا بيهودو لُڙڪن؟ هي سڀ چڪر ۾ هلن ڪين پيا؟ هلندا ڪين پيا؟ ڇ تون پائين ٿو، تہ هن سنسار جي سدا وهندڙ وهڪ ۾، رڳو آءٌ ئي هڪ هنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي انجام جو پانهوءَ قيدي ٿي، پُٺ تي جهلجي بيهندس؟

عجب آهي ته هرڪو هن وهم ۾ وڪوڙيل آهي. جو پاڻئي ته انهيءَ ڪان آجو ٿيان. تنهن کي سمجهڻ کپي ته دل جو تت آهي، سچائي ۽ ايمانداري. جنهن وقت اُهي ٿيون سڌ ڪن، تنهن وقت ڪابه قرباني ڳري ڪين آهي.

سياڻو آهي اُهو انسان، سچ جنهن جو سدائين ساٿي آهي، جو ٻاهرين ٻنڌڻ کان ڇُٽل آهي، بي داغ آهي؛ جنهن جي اندر ۾ سچ جي جوت ٿي وسي ۽ هن جي قدمن کي رستو ٻڌائي ٿي، ٻئي ڪنهن رهبر جي همراهيءَ يا گمراهيءَ جي هن کي لوڙ نه آهي، هو ووپڪ جا واپاري ڪين ٿو پڇي، پر پنهنجي اندر جو طالب آهي. هن کي ڪيترو به ڏک سهڻو پوي، سا ڪيس پرواهه نه آهي. اسٽامپ لڳل قبض، يا دستوري دستاويز، مهر لڳل ۽ صحيح ٿيل؛ اهي سڀ اڻ وڻندڙ ۽ دل کي ڏک ڏيندڙ رستا آهن. وچن ئي بس آهي. ها پر وڏيڪ دليل جي ضرورت ڪهڙي؟ وچن ڪان مٿي لکت آهي ڇا؟ شيطان. توکي ڇا کپي؟ پتل؟ سنگ مرمر؟ ڪا ڳري چيٽي کپئي، ڪو پنو ۽ مس کپئي. ڇو ڇا کپئي؟ جي سڀ کپن ٿي ته سڀ ڏيان..

ميفسٽو: هي جوش ڇا جو؟ اجائي فصاحت ڇڏ. مون لاءِ ته ڪاڳر ٽڪري بس آهي، رڳو ڪٿي صحيح ڪمت- خون جي هڪڙي ڦڙي سان.

فائوسٽ: اجائي پوڪپائي- پر جي تون انهيءَ ۾ راضي آهين- ته....

ميفسٽو: خون ضرور هجي، خون کي پنهنجون وصفون آهن.

فائوسٽ: ڊپ نه ڪر ته آءٌ ڪو هي شرط نامو ٽوڙيندس: منهنجي سموري خواهش آهي ته پنهنجو انجام پاڙيان. مون هن وقت تائين پاڻ کي وڏو ماڻهو پئي سمجهيو آهي، پر منهنجو درجو ڪو توکان مٿي ڪونه آهي: ڏٺيءَ جي مون تي ڌڪار آهي، هن مون کي لاهي هيٺ ڪيو آهي: جڳت مون کان سيل مُهر ٿي لڪي پيئي آهي: منهنجي خيال جي ڄاري ٽٽي ڏاڳا ڏاڳا ٿي پيئي آهي. علم جو نالو ٻڌي، مون کي بيچان ۽ ڪراهت ٿي اچي. هاڻي منهنجي خواهش آهي ته آءٌ پوڳن کي لڳي وڃان. جلائيندڙ ڪامنائون پوريون ڪريان، جادوءَ جو جُبو پايان، حواسن کي ڪرامت جي موج ونايان! اچ ته هلي پاڻ کي زماني جي نهر ۾ اُڇلائي ڦٿو ڪريون. پلي جهان جي جهڳڙندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لهرن ۾ ڏک ۽ سُک، ڪراهت ۽ فرحت، پيا اچن ۽ وڃن. رَجو انسان لاءِ هميشه ڇگهو آهي.

ميفسٽو: توکي ڪابہ جهل ڪانہ آهي، پلي مؤج ڪر، هرڪا منائي چَکُ، هرڪا چُڪي چاڙهہ، دم دم ۾ نواڻ– پل پل جي صورت ماڻ، گل گل جي سُگنڌ وٺ؛ آءُ هليو، آءُ آءُ، نئين جواني پاءِ، لڄ ٻڄ هاڻ لاهي ڇڏ.

فائوسٽ: ٻُڌ هن پَل کان وٺي، مون پنهنجو پاڻ، جيءُ جان ۽ هستي، سڀ عيش ۽ مستيءَ کي ڏنو. نشو نهايت جو، خوشي بيحد جي، اهڙي جيئڻ اُتاهين جبل جي چوٽيءَ تي بيهي هيٺ اوڙاهہ ۾ نهارڻ سان متو چڪر کائي وڃي. اڄ کان وٺي، آءُ پاڻ ارپڻ تو ڪريان، طوفاني شهوت کي، آزاريندڙ اُلفت کي، زور پريءَ نفرت کي؛ جو سَڀُ جوش تو ڏياري، تنهن کي. دل، دماغ جي جاکوڙ کان آجي ٿي، دق ڪندڙ بخار کان ڇُٽي، ڪنهن بہ درد جي آڏو پنهنجو در بند ڪين ڪندي. جو ڪجهہ انسان ذات جي انگ ۾ سمايل آهي، سو سڀ آءُ پنهنجي اندر ۾ پوڳيندس. پنهنجي جيءَ سان سڀ ويچار، اوچا توڙي اونها گرهڻ ڪندس. پنهنجي دل تي سڀ انساني خوشيون ۽ آزار آءُ مڙهيندس. آءُ پاڻ کي ايڏو تہ پکيڙيندس جو انسان ذات منهنجي وجود جو ڀاڱو ٿي وڃي، ۽ آءُ اصل فنا ٿي وڃان.

ميفسٽو: هڪ انسان جي اندر ۾ ايڏو جوش! اعتبار ڪر، مون بہ ڪيئي هزار ورهہ، پٿي هي سخت داڻا چپيا آهن، آءُ تجربي ڪار سڄڻ تي تو چوانءِ، ڪنهن بہ انسان هندوري کان ويندي قبر تائين، سخت ڪچو اٽو هضم ڪين ڪيو. سچو، انسان جي طاقت کان ٻاهر آهي. ڪل رڳو ملائڪ لاءِ آهي، جو دائمي روشنيءَ ۾ تو رهي! اسان کي هُن اوندهہ ۾ هنيو آهي. اوهان انسانن لاءِ ڏينهن ۽ رات نہ آهن.

فائوسٽ: تڏهن بہ آءُ پنهنجيءَ تي آهيان.

ميفسٽو: واهہ جو ڳالهايئي! رڳو هڪڙي ڪَمي تي مون کي ڏسڻ ۾ اچي– ڪم پيو آهي وڏو، سمو آهي ٿورو؛ ڪجهہ وڌيڪ سبق سک ۽ پوءِ ارادو ڪر؛ ڪنهن شاعر جي واهر وٺ، جيڪو خيال جي ميدان ۾ ڏوري ڏوري، تنهنجي مَن ۾ سڀ خاصيتون گهڙيندو وڃي. شينهن جو شان، هرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تيزي، اٽاليءَ (ڏکڻ وارن) جو گرم رت، اُتر وارن جي مضبوطي؛ هڪ ئي جسم ۾، نڳي ۽ ايمان؛ ڪامٽيءَ جي عشق سان، دل سموري گرما گرم؛ ساڳئي وقت دليل جي صفائي سان، دماغ سمورو ٿڌو سرد. اهڙيءَ ريت سڀ ضد هڪ ٻئي سان ملي وڃن. اهڙو حضرت جزو آءٌ ڳانيان ٿو ته مون کي ٻئي ڪنهن هنڌ به مليو هو.

فائوسٽ: آءٌ تڏهن ڇا آهيان؟ جيڪڏهن هي اُميدون ۽ هي حواس سڀ اجايا آهن، ته پوءِ تڏهن انسان ذات جو ڇَٽُ، جنهن اُتانهينءَ تي رکيل آهي، اُتان ڪيئن حاصل ٿيندو.

ميفسٽو: تون جو ئي آهين، سو ئي آهين، نه نه، ڪڏهن به شڪ نه آڻ، ڀل ڪٽي تون ڪيترين به ڪوڙين گهُنڊيدار ٽوپيون مٿي تي پائين، يا گوڏن جيڏن ڏگهن جورابن ۾ پير پائي گهمين، ته به تون جو ئي آهين سو ئي آهين.

فائوسٽ: افسوس افسوس، ساري جهان جو علم مون ڪَٺو ڪيو، طمع جي خوابن ۾ مون مَن جي گهوڙي کي خوب اُڏايو. جنگ به جنگين جهڙي ڪيم. ڏکدائڪ ڇتاپيتي ڪاڌيم؛ ۽ هاڻي بيوس ۽ اڪيلو آهيان، ڪا به نئين شڪتي ڪانه تي مليم. منهنجو قد هڪ وار جي ويڪر جيڏو به مٿي ڪين ٿيو آهي، جهڙو اڳي تهڙو هيئر. اَپار ڪان آءٌ دُور آهيان.

ميفسٽو: ها! ايڏو انسان جو بيهودو خيال! منهنجو خيال ايڏو نه آهي، تنهن ڪري وڌيڪ سچو آهي. چو وينو وِماسين، چو وينو ڏومائون ڪائين، جيسين حياتي آهي، تيسين چو نٿو حياتي ماڻين؟ ڪهڙي نه چريائي! توکي مٿو آهي، هٿ آهن، شڪم آهي، هو هي گهٽي ئي آهن. پر اهي مڙيئي آءٌ نه وينو ماڻيان، پوءِ اهي منهنجا ڪين ٿيا ڇا؟ جڏهن منهنجي گاڏيءَ ۾ ڇهه گهوڙا ٿا ٻڌجن، تڏهن سندن لڱ منهنجا نه ڇئبا؟ مغرور شرطي گهوڙن جي پنيءَ تي مان نه آهيان، تڏهن ڪير آهي. سندن چوهي پنڌ ۾ آءٌ چوُهو آهيان، سندن سگهه ۾ آءٌ سگهو آهيان، سڀ طاقتون منهنجون آهن، جي آءٌ ٿو ملايان. چوويهه ڄنگهون منهنجون آهن. اُٺ! اُٺ! هي مايوسي جو ڪَکر ڪڍي ڇڏ، اجايا خواب تَرڪ ڪر. اهي تنهنجا پندت، آهن مڙيئي، مروُنءَ وانگر، جو سُڪيءَ تي پوت وس تي سارو وقت پيو ڦيريون پائي، اها خبر نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي پويس تہ چوڌاري سبز ساوا ميدان لڳا پيا آهن.

فائوسٽ: ها. پر اُها نئين حياتي شروع ڪيئن ڪبي؟

ميفسٽو: پهريون ڪم جيڪو پاڻ کي ڪرڻو آهي، سو هي، تہ هنان اُڏامي هلون. هي مڪان ڏڪدائڪ شهيديءَ جو آهي؟ هيءَ ڪهڙي حياتي پئي گذاري اٿئي؟ ڇا هيءَ بہ ڪا زندگي آهي، جو پنهنجي ۽ شاگردن جي حياتي ٽڪائي ڇڏجي. ڇڏ ڇڏ هي سڀ اجايو ڪم.

فائوسٽ: هاڻي ڪٿي هلون؟

ميفسٽو: جتي تنهنجي مرضي پوي. پهرين پهرين هلي رواجي عام حياتي ڏسون، پوءِ جيڪڏهن تنهنجي مرضي پوي تہ هلي عيشي دنيا ڏسج، تہ ڪيئن نہ ناچن جي بازار گرم آهي– موڄ ۽ مستي، آزاد هستي.

فائوسٽ: ڇا تنهنجي مرضي آهي تہ هيءَ ڊگهي ڏاڙهي ڪٽي پيو گهمان؟ ڀلاءِ تہ ڪيئن ڏاڙهي ڪترائي. سڀڻي ڪريان؟ ڀلاءِ مون کي، تہ ڪيئن دنيا ۾ هلجي؟ مون کي تہ خبر ئي ڪانہ آهي. نوابن جي دنيا منجهہ ڪهڙا لڇڻ هلجن. مون تہ ڪڏهن سنگت ۾ رلبو مليو ڪين آهيان، تون سمجهاءِ.

ميفسٽو: منهنجا نيڪ دوست، اُنهيءَ جو خوف تون ڪر ئي نہ. رڳو دم رکندو آءُ. اهو اٿيئي حياتيءَ جو هنر.

فائوسٽ: سير سفر جو ڪهڙو بندوبست؟ ڪٿي آهن نوڪر؟ گهوڙا؟ گاڏيون؟

فائوسٽ: ميفسٽو: رڳو هن جُبي جو پلاند پکيڙڻ جي ويرم آهي ۽ هوا ۾ ڪجي بي ڏيہي سير تي پئبو. ڪوبہ ڳؤرو سامان پاڻ سان نہ کڻ. ٿوري باڦ سان، جيڪا اِجها تي تيار ٿئي، زمين کان مٿي کڄي هلنداسين. هلڪا ٿي، ٽڪڙا تي هلنداسين ۽ دُور دُور وڃي پهچنداسين! آءٌ هليو، منهنجا دوست نئين ۽ وڻندڙ زندگي اڳيان اٿئي. خوش رهہ. رڳو خوش رهہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏائڻ جو رڌڻو

ميفسٽوفلس، فائوسٽ کي وٺي سير تي نڪتو. فائوسٽ کي زماني جي حال کان واقف ڪيائين. پياڪن جو ڇا حال آهي، ڪيئن شراب وس ٿي پنهنجو ايمان وڃائيندا ٿا رهن، ڪيئن شراب ۾ غرق ٿي فاحش راڳ کي فرحت ٿا سمجهن ۽ ڪيئن پوءِ نفساني خواهشن ۾ غرق ٿي، هڪ ٻئي سان وڙهن ٿا، مارا ماريون ڪن ٿا. فائوسٽ ڏٺو ته وڏي ۾ وڏو شيطان ته شراب آهي، جو ٿو شهوت کي اُڀاري انسان کي خراب ڪري. ميفسٽوفلس، فائوسٽ کي اهي ڳالهيون ڏيکاري، جلد ئي ڪيس هڪ مڪان تي وٺي آيو. ان مڪان کي "ڏائڻ جو رڌڻو" ٿي ڪوٺيو ويو. هڪ چُلهه هئي، جنهن تي ڪڙاهي چڙهي پيئي هئي. دونهاٰ ٻه گهاٽا پئي نڪتا. دونهي ۾ عجيب غريب روپ پئي ڏسڻ ۾ آيا. ڪڙاهيءَ جي پاسي ۾ هڪ ٻليءَ روپ باندري ويٺي هئي ۽ ڪڙاهيءَ ۾ ڏوئي وجهي پئي گهمايائين. ٻاهه جي پرسان وري ٻلي روپ باندر ويٺو هو، ۽ ننڍڙا ٻچا ٻه اتي ئي ويٺا هئا ۽ پاڻ ويٺي سيڪيائون. رڌڻي ۾ شيون ٻه عجيب غريب ٽنگيون پيون هيون. اهڙي مڪان ۾ اندر فائوسٽ ۽ ميفسٽوفلس لنگهي آيا. فائوسٽ جي دل هي ڪراهت ڏيندڙ مڪان ڏسي پڪارڻ لڳي:

هي بڇان پيدا ڪندڙ ڏائڻ پڙو ڏسي منهنجي دل ڪَني ٿي پئي آهي، بيمار ٿي پئي آهي. ڇا تون ٿو چئين، هن غليظ غار ۾، هن چريائيءَ جي ڪچري ۾ مون کي جيون شڪتي ملندي. ڇا انهيءَ لاءِ صلاح مصلحت ڪرڻ لاءِ مون کي هڪ ڪُراڙي ڏائڻ وٽ اچڻو آهي؟ ڇا هن ڪڙاهيءَ مان دل ڪڇي ڪندڙ رس پيئڻ سان آءٌ ٽيهه ورهيه ننڍو ٿي پوندس؟ بس جي تو وٽ هن کان ڪا ٻي بهتر شيءِ آهي ته ڪين ته منهنجون اُميدون سڀ مري ويون، منهنجي آس سڀ اُڏامي ويئي. ڇا هن کان سواءِ قدرت ۾ ڪو ٻيو آب حيات آهي ڪونه؟ ڇا آتما وٽ حياتي کي نئون ڪرڻ لاءِ انهن اُپائن کان ڪو ٻيو بهتر اُپاءُ آهي ئي ڪين ڇا؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميفسٽو: هاٿي مون پنهنجي دوست جو دليل صحيح ڪيو: هائو! قدرتي اُپاءَ بہ آهن، جن جي وسيلي، حياتيءَ جو قوهہ ۽ طاقت، ملي سگهن ٿا، پر هي سبق ڪنهن ٻئي ڪتاب ۾ لکيل آهي ۽ اهو باب ڪو اور آهي.

فائوسٽ: آءٌ اهو سڪندس.

ميفسٽو: هڪڙو اُپاءُ آهي، انهيءَ لاءِ نڪي سون کپي، نڪي دوا کپي، نڪي جادو کپي. نويڪلائيءَ ۾ نڪري وڃڻ، ڪانيون ڦوڙڻ ۽ زمين کوٽڻ، هڪ تنگ دائره اندر پاڻ پوري جڏڻ، هرڪا خواهش بندي ويهڻ، ڪاڏو سادو کائڻ، پسوئن ۾ پسوئن وانگر گذارڻ؛ کلئي ميدان ۾ ڇيٽو پکيڙڻ ۾ ڪوبہ شرم نہ سمجهڻ، انهيءَ ڪچري مان جيڪي پيدا ٿئي، سو لُٽڻ، اهو بلڪل ڪارگر رستو آهي، حياتيءَ کي نؤبنو ڪرڻ جو، پوءِ تہ 80 ورهين جي ڄمار ۾ ڳاڙهہ ڳتو!

فائوسٽ: اهو تہ مون کان ڪين پڄندو، آءٌ انهي تي هريو ئي ڪين آهيان، نڪي ڪي هينئر مون کي ڪوڏر ڪٽڻ ايندي، اهڙي تنگ رهڻي مون کان ڪانہ پڄندي.

ميفسٽو: جي پلا نہ، تہ پوءِ هي ڏائڻ آهي.

فائوسٽ: ائين ڇو؟ ڪراڙي ڏائڻ جو هن ۾ ڪهڙو واسطو؟ تون نٿو پاڻ اها سُرڪي رڌي سگهين.

ميفسٽو: اهو ٿيو اجايو وقت وڃائڻ. اها ناهڻ ڪو سولو ڪم نہ آهي؛ هزارين پُليون ٻڌجي وڃن، پر هي شيءِ ايتري وقت ۾ بہ نہ نهي سگهي. هن ۾ ڪو وگيان، يا اٽڪل ڪانہ کپي، پر تحمل کپي، جو ويهي مَنُ هلائجيَ. جيوَ ڪي سال ويهي گوشہ نشيني ۾ رهي پيو پاڻ پگهاري؛ وقت ۽ رڳو وقت هن کي صفا ٿو ڪري ۽ سگهو ٿو ڪري. هن جون سڀ شيون غيبي آهن. هن جون طاقتون ۽ هن جا جزا عجيب آهن. برابر، شيطان هو جنهن پهرين اها بنائي، پر تڏهن بہ شيطان هينئر ان کي نٿو ناهي سگهي. ڏس، ڏس، پريان ڏس تہ ڪهڙو حسين جوڙو آهي، ڪنوار ۽ گهوٽ- (باندريءَ ۽ باندر کي ڏسي ٿو چوي) پانڇي ٿو تہ گهرڌياڻيءَ ٻاهر نڪتي آهي.

باندر: ٻُخاريءَ مان لنگهي ويئي هلي. ويئي آهي نشو پيئڻ، ڪُڏ تي وڃي ويٺي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميفسٽو: اڃا تڏهن اڇڻ ۾ دير اٿس؟

باندر: پيرن جون آڱريون، مَسَ سِپڪيون، تنهن ڪان اڳ ۾ هوءَ اڇي وڃي.

فائوسٽ: مون ڪي تہ هي آواز، هي شڪل، هي روش ڏسي، بچان اڇيو وڃي، آءٌ هي ڏسي نٿو سگهان، منهنجي دل بيمار ٿيو پوي.

(ميفسٽو ڪجهہ وقت باندري پوتن سان ڳالهيون ٿو ڪري، اينتري ۾ فائوسٽ رڌڻي ۾ هڪ آرسي رکي آهي، تنهن ۾ وينو نهاري. ڪنهن مهل اڳتي پيو وڃي، وري پنتي پيو هٽي. نهاربندي نهاربندي منجهس ڇا ٿو ڏسي!)

فائوسٽ: هي ڇا ٿو ڏسان، بهشت جي حُور، هن جادوءَ جي آئيني ۾ ڪهڙي نہ موهيندڙ مورت! اڙي! اي عشق ڏينم پنهنجا تکا ءِ بي آواز پَرَ، تہ آءٌ اُتي اُڏامي وڃان، جتي هوءَ آهي. بيني تہ بنهہ اڳيان اٿم، تہ بہ ڏيهان ڏُور آهي، خبر نہ آهي ڪهڙي لوڪ ۾ آهي! افسوس! ڇا ٿو ڏسان! رڳو جي هن جاءِ تان ٿورو ٿو اڳتي چُران، تہ ڪارو ڪڪر ٿو ڪيس ويڙهي وڃي. اي زال جي صورت، پري روءِ پيڪر. اڙي! حُسن بي نظير! ڇا زمين وٽ ايڏي سونهن! ڇا هيءَ زال هوندي؟

هن صورت ۾ تہ ڪيترن بهشتن جا حُسن ءِ ناز اچي ڪَٺا ٿيا ٿا ڏسجن.

ڇا هيءَ زال آهي؟ ڇا هي ڪو خلقيل پراڻي آهي؟

ميفسٽو: عجب بہ واجبي لڳو اٿس! جنهن ستن ڏينهن ۾ هيءَ دنيا رچي، تنهن هي صورت ناهي، پنهنجي ڪاريگريءَ تي حيرت ڪاڏي. واه جي صورت! هائو، پلي پيو مست ٿي مٿس نهار، اهو خزانو مون وٽ سلامت آهي، انهيءَ جو انجام آءٌ ڪري ٿو سگهان. سڀاڳو اُهو انسان آهي، جو ههڙي ڪنوار ٿو گهر آڻي!

(فائوسٽ پيو شيشي ۾ نهاري، ميفسٽو پيو پاڻ لوڏي.)

فائوسٽ: افسوس! منهنجا تہ حواس ٿا خطا ٿين، منهنجي دل ۾ مچُ ٿو مَچي. هل تہ هلون.

(اينتري ۾ ڪڙاهي اُبامي ٿي، هڪ وڏو پنيت بُخاريءَ تائين وڃي ٿو. ڏائڻ خوفناڪ رڙيون ڪندي پنيت مان هيٺ لهندي اچي ٿي.)

ڏائڻ: هان! هان! مصيبت پويئي مِرون! پِٽ پويئي سوئر! ڪڙاهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

أيامي ويئي آهي! شوررو ليٽي پيو، ڏياٽي جلي ويئي! پتَ پويئي مرون.
(فائوسٽ ۽ ميفسٽو کي ڏسي) ۽ هي ڇا آهي؟ اوهين ڪير آهيو؟ ڇو آيا آهيو؟
ڪنهن موڪليو اٿو؟ شال برنڌ سُور، هڏو ۽ ميجالو جلائيوَ!

(ڏائڻ ڪڙاهيءَ مر ٽي ڏوئي وجهي، فائوسٽ ۽ ميفسٽو تي ٽي باهه جا ألا أڇلائي. باندري پوت ٽا رڙن. ميفسٽو هڪدم وِڃٽو ٽو هٽي، ۽ ديگڙيون ديگڙا، ۽ شيشا پرزا پرزا ٽو ڪري.)

ميفسٽو: پڳا پڳا! دوزخ جو شوررو پلي هاريو. شيشا پلي ٽُڪر ٽُڪر ٿيا. ههڙا ٽي لفظ پٽين، هي اٿيٽي أجورو. منهنجي ماڪي! هي سڀ راند آهي! هي سڀ چرچو آهي! ڇا ڏائڻ توکي خبر ئي نه آهي تہ آءٌ ڪير آهيان، پنهنجو خاوند ۽ ڏٽي بہ نٽي سڃاڻين؟ هڏ پڃي ٽُڪر ٽُڪر ٽو ڪري ڇڏيانءِ. سڀ تنهنجا باندر، نولهڙا ڪِپڙا. سڀ ٽو وڃائي ڦٽا ڪريانءِ. ڇا منهنجي ڇيلهہ جو ڳاڙهو پٽو نٽي ڏسين؟ هي منهنجو ڪُڪڙ جو کنڀ نٽي سڃاڻين؟ ڇا منهنجي مُنهن مٿان ڪهڙو برقعو چڙهيل آهي. جو منهنجا پوئلڳ بہ مون کي نٽا سڃاڻين؟ ڇا آءٌ انهن کي بہ ٽڏهن پنهنجو نالو. پنهنجو درجو ٻڌائيندو وتان.

ڏائڻ: معافي. منهنجا سائين معافي. مون ڀُل ڪئي. مون توهان جو پڳل پير (1) ڪونہ ڏٺو، اوهان جون بہ سِرٽيون ڪٿي آهن!

ميفسٽو: چپ ڪر، ڪرازي پوڪڻ، هي دفعو معافي اٿيئي. پاڻ کي مِلئي بہ ڳچ وقت ٽي ويو آهي، ٽينري مر وڏو ڦيرو پئجي ويو آهي، دنيا ڏاهي ٽي پيئي آهي. واڌاري جو رخ پَلُ پَلُ مر پيو ڏسجي: هر شيءِ ٽي پڪڙيل آهي. شيطان بہ سڌريو آهي. جهنگل ڇڏي هاڻي دربارن مر ٽو گذاري. قديمي جهنگلي پوشاڪ ڇڏي ڏني اٿس. اڳي گهنجيل پيشانيءَ ٽي سگَ هوندا هٽس، مڙيل پُڇ هوندو هوس ۽ هيبت ناڪ چنبا هوندا هٽس، هاڻي اهي سڀ ويا. هاڻوڪي تعليم اِهي ڪِدي ڦٽا ڪيا. باقي پڳل پيرُ سو اڃا بہ اڳي جهڙو اٿم. اهو بہ مون کي وڏي ڪين ٽو، ڇو تہ ڪي وڏا شريف جي اهو ڏسي وٺندا تہ مٿن مون نسبت اثر اُڳرو ويهندو. تنهنڪري مون ڪان جيترو ٽي سگهندو آهي، اوترو ڪٽي پير لڪائيندو آهيان، تنهن ڪري پَٽا ڪٽي ٻڌا اٿم، جنهن

(1) شيطان جو، چوندا آهن تہ پير پڳل آهي، تنهنڪري هو منڊ ڪائيندو آهي. هن کي بہ سِرٽيون بہ هونديون آهن. اهي هن جون نشانيون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري هاڻي ايترو منڊڪائيندو آهيان، جيترو هينئر جو رواج آهي. ڪيترا جوان، جن جا نالا بہ اچنم ٿا، سي بہ ساڳي روش ٿا وٺن.

ڏائڻ: شيطان آيو آهي. منهنجو قديمي پيارو آيو آهي. واهہ واهہ، آءٌ تہ خوشيءَ ۾ ٽو ڦاٽان.

ميفسٽو: ٻُڌ، اهو نالو نہ ڳنهہ. مون کي انهيءَ نالي سان نہ سڏ.

ڏائڻ: ڇو؟ ڪهڙو سبب؟ ههڙو شريف نالو، ڇو نہ ڳنهجي؟

ميفسٽو: تمام گهڻو ڪَتب آندو ويو آهي، ۽ هاڻي پَرين جي قصن وانگر پيو ڪَن کي لڳي. انهيءَ نالي ونڻ تي اهڙو تہ ماڻهو هِري ويا آهن، جو پيا پائنين تہ اها بہ ڪا ڏند ڪٿا آهي. اڄڪلهہ ماڻهو پنهنجي تجربي کان ٻاهر ڪي بہ مڃڻ لاءِ تيار ڪين آهن. هو هاڻي سڀ ڪجهہ ناثابت ڪري ٿا سگهن. هو مون نسبت هڪ اکر بہ اعتبار ۾ ڪين ٿا آڻين. پلا انهيءَ ڪري بہ ڪو بهتر ٿيا آهن؟ پاڻ شيطان آهن، ۽ شيطان ۾ اعتبار نٿا ڪن! مون کي اڳتي نواب سائين ڪونج، انهيءَ نالي ۽ لقب تي ڪنهن کي اعتراض ڪو نہ ٿيندو. آءٌ بہ اهڙو ئي نامدار آهيان، جهڙو ڪوبہ خانداني.

ڏائڻ: واهہ واهہ، ساڳيو تون آهن. تون اڳي جهڙو ئي خوش مزاج شودو آهين.

ميفسٽو: (فائوسٽ کي) مون کي روزمرہ جي تجربي سيکاريو آهي تہ ڏائڻين سان هي رستو نهايت ڪارگر آهي.

ڏائڻ: هاڻ ٻڌايو تہ ڇا پيئندا؟

ميفسٽو: مهرباني، بس هڪ گلاس ڪافي آهي. ڪو جهونو پيالو پيارج. (فائوسٽ کي) هن شيءِ جي طاقت سال بسال ٻيٽي ٿيندي آهي.

ڏائڻ: حاضر. ٻيو پيرو چوڻ جي ضرورت نہ آهي. اِجها هيءَ بوتل. آءٌ بہ ڪڏهن ڪڏهن پيئي چکندي آهيان. ڪابہ ٻانس ڪانہ ٿي رهي. وٺ وٺ هي درَامہ. (ميفسٽو کي) ها پر ٻُڌ، هي درامہ ونڻ کان پوءِ هڪ ڪلاڪ بہ ڪين ڪڍندو، بشرطيڪ ڪو جادوءَ جو اثر وجهجيس.

ميفسٽو: هو سنگتي آهي. انهيءَ پيالي مان فائدو پهچندس. هن کي ڏائڻين وارو ڪاج ڪيپي. هن جو شڪم (آندو)، تون جيڪي بہ ڏينديِن، جهلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو. آءُ، ڪڏ گول چڪرُ. پڙهه منتر. پر پيالو پُر. ڪوبه نقصان ڪونه ٿيندو.

(ڏائڻ نمي نئڙي اشارا ٿي ڪري ۽ پوءِ هڪ گول چڪرو ٿي ڪڍي. چَڪري جي اندر عجيب غريب شيون ٿي رکي. ايتري ۾ شيشا گهڻ گهڻ ٿا ڪن. ڪڙاهي ڳائي ٿي. پڇاڙيءَ ۾ ڏائڻ هڪڙو وڏو ڪتاب ٿي ڪڍي اچي، باندريون ٿي چڪري جي اندر ويهاري. هڪڙي باندري جي پٺيءَ تي ڪتاب ٿي رکي، ٻيون باندريون ڏياٽيون ٽيون هٿ ۾ جهلين. فائوسٽ کي ٿي اشارو ڪري ته اچ.)

فائوسٽ: (ميفسٽو کي) نه نه. هي رنگ ڏسي منهنجي دل بيمار ٿي پيئي آهي. هن مان ڪهڙي چڱائي ٿيندي؟ هن جو مطلب ڇا؟ هي رڙيون، هي اشارا ڇا جا آهن؟ هيءَ ٽڪڙي ٻُڙ ٻُڙ ڇا جي آهي. گندي، ڪراهت، نڳڻ، مون اڳي به اهڙيون ڳالهيون ڏٺيون آهن. مون کي انهن کان نفرت هئي.

ميفسٽو: هي سڀ اٽالو هن ڏنڌي جو آهي. تون اجايو سخت نه ٿي. هوءَ به آهي طبيب جيان. هي ٻاهريون ڪٽراڳ رڳو علاج کي هٿي ٿو ڏئي. انهيءَ ڪري پيالي جو اثر چڱو ٿيندو ۽ رفتار پوري هلندي.

(فائوسٽ کي ڏائڻ چڪري اندر ٿي آڻي.)

(ڏائڻ ڪتاب مان ڪَرڙي اُچار سان ٿي پڙهي.)

”سڀ ماڻهو سمجهن، هڪڙي مان ڏهه، ڪڍو ٻه. ٽن جي ٽيڻ. ڪَٽ ڪوڙيءَ مان چار. پنجن مان، ڇهن مان، ڪڍو ست، ڪڍو اٺ، سڀ صفا. نَوَ به هڪڙو، ڏهه به هڪڙو. اهو آهي ڏائڻ جي هڪڙي جو هڪڙو.“

فائوسٽ: ڪراڙي نڳڻ، جوش ۾ اچي وئي آهي. جڻ تپ جي خشڪيءَ ۾ ٿي اُٿر ڪري! منهنجو ته ميڄالو ٿو وڃي.

ميفسٽو: بس بس! هاڻي بس. منهنجي جادوگرڻِ تنهنجو مَٿُ ئي ڪونه آهي. هاڻي ڏي پيالو، ڪرينس تمنار، دپ نه ڪر، ڪوبه نقصان ڪونه ٿيندس. هو اسان مان هڪڙو آهي، اعليٰ درجي جو آهي. هن ڪان اڳ ۾ گهٽو ئي ڪي پيتو اٿس. دپُ نه ڪر.

(ڏائڻ ” گهٽيئي چندُ ڦندُ هلائي، پوءِ پيالو ٿي ڀري. جيئن فائوسٽ ٿو پيالو چپن تي چاڙهي، تيئن هڪ هلڪي باهه جي جهپي ٿي مٿي چڙهي.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلد ٿي، جلد ٿي، دِپُ نہ ڪر. هڪ دفعو اندر ويئي، تہ دل کي گرم ڪري، خوش ڪنديءَ. ھي ڇا؟ منھنجا دوست، تون بہ اسان جھڙو ئي ڇٽبين، ڇيپيءَ کان ٿو ڊڄين!

(ڏائڻ چڪر ڏاھي تي چڙدي. فائوسٽ ٻاھر لنگھي ٿو اچي.)

ميفسٽو: (فائوسٽ کي) ھاڻ! ھل ٻاھر يڪدم! آرام ڪرڻو ناھي.

ڏائڻ: (فائوسٽ کي) بھتر ٿي پوندو. (پاسي کان) اُميد ٿي ڪريان تہ ڀتربن!

ميفسٽو: (ڏائڻ کي) چؤ. آءٌ ڪھڙي تنھنجي خدمت ڪريان. والپور (1) جي رات جو تون مون کي حڪم ڪج، آءٌ جيئن چونديءَ تيئن ڪندس.

ڏائڻ: ھان ھي اتيئي منتر، پيو اُچار. منجھس وڏو گُڻ رکيل آھي، وڏو فائدو ٿيندءِ.

ميفسٽو: (فائوسٽ کي) جلد جلد جيئن چويئي تيئن ڪر. ھي پيالو ھٽي ھنڌ ڪندو، پر ھن جي پوئواري ڪرڻ ضرور آھي. ھاڻي ٿوري ڪثرت ڪبي، پوءِ ساري سَرير جي رڳ رڳ ۾ گھڙي ويندو. پوءِ تہ آءٌ توکي عيش جي مؤج وٺائيندس. اُھي موجون، جن تي نوابن جون آسيسون آھن. جلد تنھنجي دل جي ھندوري ۾ عشق اچي پاڻ جھوليندو. ھينئر ئي لچڙو ليئا پائڻ لڳو آھي، ۽ ڪم تيار پيو ٿئي.

فائوسٽ: ھڪ ڀيرو وري آرسيءَ ۾ نھاريان. اي خوبصورت، تون اھڙي خوب آھين، جو آءٌ پيو پانيان تہ تون اِنسان جي صورت ئي ڪانہ آھين.

ميفسٽو: اچ اچ. ھي بي نظير حُسن جو تون ڏسين ٿو، سو جلد عورت جي روپ ۾ ڏسندين. (پاسي کان) ھي پيالو پيئڻ سان گھڻيءَ گھڻيءَ ۾ حُور.

---

(1) اُھا رات پھرين مئي کان اڳ ايندي آھي. اِھا رات جرمنيءَ جون ڏائڻيون ملھائينديون ھيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهٽي

(فائوسٽ هڪ گهٽيءَ ۾ مارگريٽ کي ٿو ڏسي، وڃي ٿو وجھنس.)

فائوسٽ: (مارگريٽ ڏانهن وڃي) سهڻي سائڻ، منهنجي ٻانهن وٺنديءَ، مان گهر تائين گڏجي هلانءِ.

مارگريٽ: آءٌ سائڻ ڪانه آهيان، آءٌ سهڻي به ڪانه آهيان، مون کي گهر تائين، ڪنهن جي به گهُرج ڪانه آهي.

(پاڻ ڇڏائي هلي ٿي وڃي.)

فائوسٽ: يا الله. پريءَ جو ٻار آهي. هُن اکين ڪڏهن اڳي ههڙو حُسن ڪين ڏٺو. نجا وارِي. لڄڻ واري ء حليم. چپ لعل روشن، ڳل پَٽُ جهڙو. جوانيءَ مون منجهان ڏڌهن وڃي ڪانه آهي! پنهنجا نيڻ مون ڏي ڪنيائين. دل جي اندر ۾ اجا به پيا اُهي نيڻ جهلڪن. منهنجو جيءُ مون کان کِسڪي ويو، منهنجي دِلڙي لُٽجي ويئي.

(ميفسٽو ٿو اچي.)

فائوسٽ: ٻُڌ سائين ٻُڌ، وني ڏينم نينگرِ. جلد به جلد.

ميفسٽو: نينگر! ڪهڙي نينگر!

فائوسٽ: هوءَ جا هڪ پلُ ٿيو ته هتان لنگهي.

ميفسٽو: ڇا- هوءَ؟ هوءَ ته هينئر اجا چرچ ۾ هئي. پادري وٽ ويني ڏوهه ٻاسيائين. آءٌ پادري جي ڪرسيءَ پٺيان وڃي بيٺس. ابوجهه نينگر ٻاسي ڇا! اهڙي نينگر ۾ اڪُ وجهڻ مان پلائي ڪين ٿيندي. هن جي پوترتائيءَ ڪري، شيطان کي ڪوبه مِڪرُ هٿ نٿو اچي سگهي. هن ٻالڪ تي منهنجو وسُ نٿو هلي سگهي.

فائوسٽ: چوڏهن ورهن کان ته ٻاهر آهي!

ميفسٽو: ڇا، هن کان مٿي ڪا پليتائي؟ حيوان لُفنگ جنهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُورکپائي اِها آهي، جو پائڻي ٿو تہ هرڪو حُسن جو گُل مون لاءِ آهي. سڀ سونهن جا هو ڏسي ٿو، سا پائڻي تہ پٽي ڇڏيان. هن جي نظر ۾ سچُ ۽ ايمانُ، فقط نالو آهن— منهنجا دوست ڇڏ هيءَ اجائي راند.

فائوسٽ: مولوي صاحب واهہ جي هدايت! اُميد آهي تہ هاڻي اهو اوهان جو وعظ ختم ٿيو: هاڻي بُڌ تند مزاج، منهنجو ارادو پڪو اٿيئي، چوانءِ ٿو، اڄ رات جو هوءَ منهنجي ٿيڻ کپي. جي نہ تہ منهنجي موڪلاڻي.

ميفسٽو: ڌيرج ڪر. ڪجهہ شعور بہ هلاءِ. چوڏهن راتين جي اندر، آءٌ تنهنجي لاءِ ڪي وجهہ تيار ڪري سگهندس!

فائوسٽ: چوڏهن راتيون! ست ڪلاڪ جي آءٌ ترسي سگهان، تہ مون کي شيطان جي مدد جي ضرورت ڪانہ آهي. پوءِ تہ منهنجي انساني طاقت بس آهي. هڙي بالڪ کي باز اُٿڻ ۾ ڪجهڙي ڏکيائي آهي.

ميفسٽو: توکي رنج ڏسي مون کي ڏک ٿيو آهي. پر ايڏي اُڻ تُڻ؟ جو خزانو دير ۽ دِقتُ ڪان پوءِ ٿو حاصل ٿئي، تنهن جي خوشي اڪثر ٿي ٿئي. نون بہ سڻٽيءَ سان ڪجهہ هرمر، ڪجهہ ريهنس ريبينس، پوءِ نرم نيڻ تنهنجي وس.

فائوسٽ: خوش نصيب، منهنجي نفس کي تيز ڪرڻ لاءِ اهڙين ڳالهين جي ضرورت ڪانہ آهي.

ميفسٽو: دل ۾ نہ ڪج، پر منهنجو چوڻ آهي. تہ هني زبردستي مان ڪين ورندو. توري ٿي وقت ۾، نينگر حرفت سان هٿ ڪري ٿي سگهجي. اتڪل سان قلعو ڪٽڻ سولو آهي، پر چڙهائي اجائي آهي.

فائوسٽ: چڱو پلا، تيسين مون کي ڪا سندس نشاني آڻي ڏي، ڪا پٽي ڪا مُنڊي، يا ڪو سندس برف جهڙيءَ سفيد ڇاتيءَ مان رومال. ڏيکار، مون کي هن جو آرام ڪمرو، هلي ڏيکار!

ميفسٽو: توکي ڏيکارڻو اٿم تہ مون کي ڪهڙي نہ توسان همدردي آهي. تنهنجو دردُ ڇڻائڻ لاءِ آءٌ ڪهڙو نہ آتو آهيان: بنا ڪنهن دير جي، تنهنجي اها خواهش پوري ٿو ڪريان ۽ اڄ ٿو توکي اُتي وٺي هلان.

فائوسٽ: ڇا آءٌ هن کي هتي اکين سان ڏسندس؟ هوءَ مون کي ملي سگهندي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميفسٽو: نه! هوءَ پاڙيسرياڻي جي گهراج وجڻي آهي. آءُ جڏهن ڏسندس ته هوءَ ويئي تڏهن توکي سندس ڪمري ۾ ڇڏي ايندس، تون اُتي اڪيلو وينو سندس ڪمرو ماڻج. جنهن هنڌ تي هوءَ سمهي ٿي تنهن هنڌ جي سڳنڌ وينو ونج ۽ ايندڙ عيش جا پيو خواب لهج.

فائوسٽ: هلون پلا.

ميفسٽو: هيترو سويل.

فائوسٽ: جلدي ڪا سوکڙي تيار ڪري وٺ.

ميفسٽو: ايتري ۾ سوکڙيون؛ چڱ ڪنيئي– هو مڙيئي مٽين تي موهت آهن. هائو، مون ڪي ڪئين عيش محل سُجهن، جتي اهي شيون خوب آهن، جتي قديم وقت کان خزانا پوريل آهن. اجهو آيس. ڪانهِ ڪا دل ڪنيٽي، سهٽيءَ کي موهڻ لاءِ ڪٽي آيس ڪي آيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانجهي
(هڪ عمدو ننڍو ڪمرو)

مارگريت: هو جو سَڪرُ گڏيم، سو ڪير هو، سا خبر هٽ ڪرڻ لاءِ، ڪجهہ هرج جيڪر خوشيءَ سان سَهان. ڪهڙو نہ شاندار ۽ شاهاڻو هو. نوابي خاندان جو آهي، سو تہ سندس پيشانيءَ تي نهارڻ سان پڙهي سگهجي ٿو. جي نوابي گهر جو نہ هجي ها تہ جيڪر وڌيڪ حياءُ سان نهاري ها.
(ٻاهر تي هلي وڃي.)

(ميفسٽو ۽ فائوسٽ ٻئي اندر ٿا اچن.)
ميفسٽو: آءُ هليو، آهستي پير کڻ، پر هليو آءُ.
فائوسٽ: (پَل ڪان پوءِ) مون کي هتي ڇڏي وڃ. مون کي هتي ڇڏي وڃ. عرض مڃ.
ميفسٽو: (ليٽا ٿو پائي) جاءِ واهہ جي صفا ۽ سٺي آهي. هر ڪنهن نينگر جي اهڙي صفا نہ ٿيندي آهي.
(ٻاهر نڪري ٿو وڃي.)

فائوسٽ: (چوڌاري نهاري) ڪهڙي نہ سانت! نرم جوت هن مانيٽي ننڍڙي چرچ ۾ ڪهڙو نہ خوشي ۽ آرام ۾ آهي. سُک جي مِٺي آتما سڀ کي ٻري وينئي آهي، سڀ تي آسيس آهيس. اي سُک ۽ پِريم جي آتما آءُ توکي ٿو پاڻُ اربيان! اي پريم، تنهنجو ساهہ/ حياتي، آس جي رسيليءَ بوند تي ٿو ملي، هن کان پوءِ تون ئي منهنجي جيوت آهين. هتي چوڌاري ماٺ، صفائي ۽ اِضپو آهي.
(فائوسٽ پاڻ کي بستري جي پر ۾ چمڙي جي آرام ڪرسيءَ ۾ نو ڦِتو ڪري.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي پياري! . تنهنجي جاءِ ۾ سک جي آتما پيئي ساهه کڻي، تنهنجي هٿ جو هنر هر شيءِ تي ٿو ڏسان، جنهن هن ننڍڙي مڪان کي جنت بنائي رکيو آهي. هتي جيڪر ڪلاڪن پنيان ڪلاڪ پيو سپنا لهان. ٻقدرت هن جي ڪنواريءَ ڇاتيءَ ۾ ڏينهون ڏينهن، ٻٽي پوترتائيءَ جو انگ وڌو آهي. هن بستري تي هوءَ سمهي ٿي: سندس نرم ڇاتي، حياتيءَ جي خوشيءَ سان پرپور آهي.

۽ تون؟ هتي توکي هينئر ڪهڙي ڳالهه آندو آهي؟ هن ديوانگيءَ جي پل ۾ تون ڇا آهين؟ غريب فائوسٽ! ڇا ڪنهن جادوءَ جي ٺڳ ڪر تہ ڪين تنهنجون اکيون ڇلي وڌيون آهن؟ تنهن جو عقل جهُڪي ويو آهي؟ نہ تہ جيڪر هي باهه جهڙي اُڃ ڇو وڌي؟ هي اوچتي پريت ڪيئن لڳي؟ ڇا اسين تڏهن واءُ جي هر ڪنهن ڦوڪ وهيٽا آهيون. هوءَ جي هن وقت هتي لنگهي اندر اچي توکي ڏسي تہ جيڪر ڪيئن نہ ٻناڪي ڦري ڳيدي تي پوي! ڪيئن نہ سندس پيرن منجهہ اچي ڪري پوان.

ميفسٽو: (اندر اچي) نڪري اچ. اچها ٿي ٿي اچي.

فائوسٽ: آءٌ وڃان ٿو. وري ڪين ايندس.

ميفسٽو: هي بي بها جواهرن جي دٻلي. ڪيئن مونکي ملي، تنهن پڇڻ جو ضرور نہ آهي. ڪي ڳالهيون مٿ ۾ رهيون ڀليون آهن. جلد ڪر هيءَ دٻلي تون سندس خاني ۾ وجهہ. جلد ئي سندس مَنُ کي موهي ڇڏيندي، سندس عقل کي سُمهاري ڇڏيندي. هاڻ تون ڏُکو ٿو. تہ هن سپني جي پڇاڙي ڪهڙي؟ هي دٻلي ۽ هي خسيس شيون جي منجهس آهن، سي مون کي دوست وٽان مليون. منهنجي دوست تي ڀانيو تہ ڪو خوشيءَ جو پل هي ڪيس حاصل ڪري ڏينديون. هو شخص هن ڌنڌي جو ڄاڻو آهي. هن کي معلوم آهي تہ زال ذات جي دل کي ڪيئن کنيجي. ڇا ٻار، ڇا نينگر، ڇ عاشق، ساري دنيا ۾ راند ساڳي ٿي رهي.

فائوسٽ: مون کي ڄاڻ ڪين آهي. مون کي ڪرڻ گهرجي؟

ميفسٽو: پڇين ٿو؟ شايد تنهنجي دل آهي تہ دٻلي رکي ڇڏين: جي ائين آهي، تہ انهيءَ کي هيج ڇٽبو، انهي سستيءَ علت ۾ تون شال راضي رهين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان خوش آهيان، تہ هي عشق جو ڪن پَل سندو ڦوٽو سويل ئي ڦاٽي پيو. هاڻ ٻيون سوليون وندرون گهٽيئي آهن. منهنجي غريب مغز ڪي تہ خبر ئي ڪانہ ٿي پوي تہ توکي ڪيئي چا. آءٌ تہ هٿ پيو مهٽيان، مٿو پيو کِنهان.

(دٻلي تو خاني ۾ رکي ۽ ڪُنجي تو لڳائي.)

آءُ، آءُ. مطلب آهي تہ هن جوانڙيءَ جي دل تنهنجي خواهش ۽ اِرادي پٺاندر هلي. آءُ، هائي آءُ.

(وڃن ٿا هليا.)

(مارگريٽ ٿي اندر اچي، ٻتي هٿ ۾ اٿس.)

مارگريٽ: هتي بہ گهُٽ لڳي پيئي آهي. ٻاهر مون ڀانيو تہ سيءُ آهي. امڙ ڪڏهن ايندي؟ منهنجي بُت منجهان ڪهڙي لرزش ٿي لنگهي. آءٌ ڀانيان ٿي تہ ڪا مورک زال آهيان.

(جيئن ڪپڙا ٿي لاهي، تيئن عشق جا راڳ ٿي ڳائي. ڪنهن وقت ڪُنجيءَ سان خانو ٿي کپڙن وجهڻ ڪاڻ کولي تہ سهڻي دٻلي ٿي ڏسي.)

هي عمدي دٻلي هتي ڪيئن آئي؟ مون تہ خانو بند ڪري ڇڏيو هو- آءٌ ذري گهٽ اهو قسم کڻي وڃان. ٻاهران تہ واهہ جي سُندر آهي. اندر ڇا آهي؟ امڙ تہ ڪين ڪجهہ ڪنهن کي اُڌارو ڏيئي هُندي ونئي کڻي هن دٻليءَ ۾ وڌي آهي؟ کولي تہ ڏسان. دٻليءَ کي ننڍڙي سهڻي ڪُنجي آهي. واهہ واهہ، جواهر ۽ موتي! ههڙا موتي ۽ ههڙا جواهر، ناچ جي وقت ڪهڙو نہ جيڪر جهَلڪن. مون کي جيڪر ڪيئن نہ سونهن.

(پائي ٿي ۽ پاڻ کي آرسيءَ ۾ ڏسي ٿي.)

اڙي رڳو ههڙا دُرَ ڪري مون کي هجن! هنن دُرن سان تہ آءٌ بلڪل بدلجي وئي آهيان. شڪل ۽ سونهن جو قدر بہ هنن کان سواءِ ڪونہ آهي. جڏهن سونُ هجي تڏهن ڪو پڇي، باقي غريب کي ڪير ٿو پڇي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھمڻ جي جاءِ

(فائوسٽ ڪنهن خيال ۾ آهي، اچي ۽ وڃي پيو. ميفسٽوفلس سائنس
گڏ آهي.)

ميفسٽو: عشق جنهن تي منهنجي ڌِڪار آهي ۽ دوزخ جي باهه، تن جم
مون کي سُنهن آهي، هن کان وڌيڪ ابتر ڪهڙي حالت ٿيندي.

فائوسٽ: توسان ڪهڙي ويڌن آهي. ڪهڙو ڏنگُ لڳو اٿيئي؟

ميفسٽو: آءٌ جيڪر پاڻ کي ٻئي ڪنهن جهنم ۾ وجهان، پر آءٌ خو
جهنمي آهيان.

فائوسٽ: ڇا، هن جو مطلب ڇا؟

فائوسٽ: ٻُڌ. ههڙا سهڻا موتي، جي مارگريٽ لاءِ آندم، سي هڏ
پادري جي ملڪيت ٿيا آهن. مارگريٽ جي ماءُ، اچي ڏسي ورتا شڪ پيس ن
ڪو مڙيو ئي خلل آهي. ٻُڍيءَ انجيل ڪڍي ويهي پڙهيو، منُ سندس وي
گهڙت گهڙيندو- هي ڇا ٿيو، هي ڇا ٿيو. ٻڍيءَ جو نڪ ٻه ڏاڍو تيز آهي
تنهن کي دبليءَ مان بانس ڇگي ڪين آئي. ڏيءُ کي چوڻ لڳي: ”ٻُڌ ٻچڙي
هي ناپاڪ شيون آهن ۽ اسان غريبن کي ڪين نهن. هي دل کنپٽيون، منُ کي
موهي رکن ٿيون. تان جو صحت ۽ آرام پرَ ڪيو وڃن. هاڻي ڏيءُ، ڪنواري
ميريءَ وٽ هلي تا پيتا رکون. دنيا جون پاپي شيون اربڻ ڪرڻ سان، خدائ
ميوو ٿو ملي، جنهن تي روح گذر ڪري ٿو سگهي.“ ويچاري مارگريٽ کي
ته هيءَ ڳالهه پسند ڪين آئي ته هيئن سندس سوڪڙي هلي وڃي. سا ماءُ کي
چوڻ لڳي: ”سوکڙيءَ سان ڌڪارڻ ڇو ڪجي؟ يا جنهن ڏني تنهن ۾ شڏ
چو اٿجي؟ جنهن ڏني آهي تنهن جي ضرور دل سخي هوندي. هو ضرور نيڏ
۽ نياءَ وان هوندو، ڇو اسين گُمان آڻيون.“ تنهن تي ماءُ هڪدم گهرايو پادري
کي. پادري آيو ۽ ڇرچو خوب ماڻيائين. شڪل ۾ خوشي پرجي آيس، سه
ويهي وعظ ڪرڻ لڳو: ”پياري عورت تون سچ ٿي چئين. هن نينگر لاءِ هي
موتي رکڻ گناهه جو ڪم آهي. جي جَتن تا ڪن، تن تي مَهر آهي، ۽ جو جيتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو، سو قلُ پائي تو. ههڙا گناهہ جا سامان چرچ کي ڏيئي ڇڏڻ گهرجن. هاضمي جو تہ هتي سوال ئي ڪونہ آهي. چرچ کي حق آهي ڳڙڪائي وڃڻ جو: چرچ کي ڪوبہ اوڪارو ڪونہ ايندو. چرچ ئي آهي، جا ملڪن پنيان ملڪ سندن معنائون ۽ سندن نفعا هپو ڪيو وڃي، تنهن جو ڪوبہ خيال ڪيس ڪين تو رهي. فقط چرچ ئي آهي جيڪا هن شڪي ڪاڏي تي وڏي سگهي ٿي."

ائين چئي، پائي تہ ڪٽي وڏا پنهنجي ڪيسي ۾ دُر ۽ ڪنگڻ، زنجير ۽ لاڪيٽ. موتي ۽ دبلي ائين ڪٽي اندر وڏائين، جيئن ڪي اکروٽ ڪٽي ڪيسي ۾ وجهجن. پوءِ ويهي وعظ ڪرڻ لڳن دنيا جي بي بقائي تي ۽ ڏيرج سان ڏک سهڻ جي خوبين تي. پڇاڙيءَ ۾ آسيس ڏيئي اُٿي هلڻ لڳو.

فائوسٽ: ۽ مارگريٽ.

ميفسٽو: هوءَ بي آراميءَ منجهہ آهي. ڪي بہ نٿو اُجهيس. رات ڏينهن انهيءَ خيال ۾ آهي تہ شيءِ ويئي هلي، پر تنهن سان گڏ سندس مَنُ شيءِ ڏيندڙ جو بہ پيو خيال ڪري.

فائوسٽ: ويچاري ٻُلڙي. هن جو ڏک منهنجي دل کي لڳيو وڃي. وڃ وڃي ٻيا جواهر موتي ڪٽي آءُ، دير نہ ڪر، جلد آءُ. هي اڳي جيڪي آندا هُئي سي جهڙا نهڙا هئا.

ميفسٽو: (ڪاوڙ جو ڏيک ڪري) ها، بس تڇ شيون هيون، جي راند ۾ اڇلائجي ويون. منهنجي محنت بہ تڇ، ڏني جي قيمت بہ تڇ.

فائوسٽ: چپ ڪر، ڇا تون مون تي ۽ منهنجي محبت تي ٺٺولي ڪندين؟ منهنجو ڪم ڪر، منهنجو حڪم مڃ. وڃ وڃي ... . ، وڃي مَنيون مَنيون، نيون نيون شيون، پيدا ڪر. اڙي ڇا ٿيو اٿئي، اهڙو تہ موکِو آهين جهڙو پِت. اُٺ اُٺ، وڃ وڃي ڪٿنني ۽ موتي پيدا ڪر.

ميفسٽو: منهنجا سائين، حاضر.

(فائوسٽ وڃي ٿو.)

انسان، ڪيئن نہ عشق وس ٿي، پانئي تہ معشوق کي سڀُ اُڇلائي ڏيان - سج تارا، زمين، آسمان ۽ چنڊُ هن جي نظر ۾ اهي سڀ ناچيز آهن!

(وڃي ٿو.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڙيسرياڻيءَ جو گھر

مارٿا: (اڪيلي) اي پگوان واهر ڪر، مهر ڪر، ۽ منهنجي ويچاري ٻُڍي مڙد کي معاف ڪج! مون سان ڪانه رهايائين، هو ريت بنا موڪلائي ويو هليو! مون کي رَنڊن ۾ وجهي ويو. اِجها اڪيلن ڪکن تي پيئي ڳران. منهنجو پيارو مڙس جنهن ۾ منهنجو ساهه هو، بنا سبب جي ديس ڇڏي وڃي ٻاهر مئو (روئي ٿي) – پڪ مئو هوندو– پر تڏهن ٻه جي سندس موت جو سرٽيفڪيٽ مليم ته خاصو.

(مارگريٽ ٿي اچي.)

مارگريٽ: مارٿا.

مارٿا: منهنجي مارگري! منڙي، چو، ڇا آهي؟

مارگريٽ: منهنجا گوڏا ٿا وسامن. وري ٻي دٻلي ڏٺي اٿم. جهڙي اڳي خاني ۾ ڏٺي هيم. هن دفعي مُنديون ۽ جواهر اڳي کان، پاڻ وڌيڪ سهڻا.

مارٿا: ماڻهي کي جيئن خبر نه پوي. جي پيس خبر ته سڌي ويندي ٻائي وٽ.

مارگريٽ: ڏس ته سهڻين، ڏس ته سهڻين.

مارٿا: سيا ڳي نينگر.

مارگريٽ: هڪڙو ته مَٽيو ڏس ڪهڙو آهي! چرچ مر يا ٻئي هنڌ ڪيئن پائبو؟

مارٿا: هتي اچي پائج، ڪوبه ڏسندو ڪونه. اجهو هن آرسيءَ وٽ ڪلاڪن پنيان ڪلاڪ ويني هجج، پيئي مٽيا پائي ڏسج، آءٌ به ڏسنديس. ٻئي خوشي ماڻينديون سين. موقعي تي، جيئن ناچ يا مجلس جو ڏينهن ٿيندو، تيئن هڪڙو هڪڙو ڪري پيئي پائج. ڪڏهن ڪئنني، ڪڏهن دُرپوءِ ڪا نه ڪا ڳالهه ناهي پيئي ٻُڌائج.

مارگريٽ: ٻه دفعا جو هي دٻليون آيون آهن، ڇٽبو نه ڪجهه مڙيوئي ڳالهه مر آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(کڙڪو ٿو ٿئي.)

ڀڳوان! امڙ! مون کي نہ ڏسي وٺندي.

ميفسٽو: (اندر گھڙي ٿو اچي) آءٌ بنا موڪلائڻ جي هليو آيو آهيان. معاف ڪجو.

(مارگريٽ اڳيان ادب سان هٽي ٿو.)

آءٌ آيو آهيان، مارٿا مائيءَ کي ڏسڻ. چيائون هيءَ جاءِ اٿس. برابر؟

مارٿا: سائين آءٌ آهيان. حڪم؟

ميفسٽو: چڱو، فرصت جي وقت ايندس. اوهان وٽ ڪو وڏو مهمان آهي. آءٌ ٽن ڪلاڪن ۾ وري ايندس.

مارٿا: (مارگريٽ کي) ٻُڌيءَ، سڪر سمجھو تہ تون وڏي خانداني عورت آهين. مون کي تہ ڪِل ٿي اچي.

مارگريٽ: آءٌ هن سڪر جي گھٽي شڪر گذار آهيان. هي مٽيا بہ منهنجا ڪين آهن.

ميفسٽو: مون تہ رڳو مٽين کي ڏسي ڪين چيو، توهان جي وڏائي تہ شڪل ۾ ۽ هلت چلت ۾ آهي. منهنجو تہ نصيب چڱو جو هتي آيس.

مارٿا: ڪيئن آيؤ، تنهن ٻڌڻ لاءِ تہ آءٌ ماندي آهيان.

ميفسٽو: چڱو ٿئي ها، جي ڪا خوش خبري کڻي اچان ها، پر مون کي ڏوهہ نہ ڏجو، جي منهنجي خبر ڏکدائڪ ثابت ٿئي. توهان جو مڙس وفات ڪري ويو ۽ مون کي پريم جو پيغام ڏنائين.

مارٿا: مري ويو! منهنجو وفادار ساٿي مري ويو! منهنجو مڙس– مان چوَ نہ ٿي مُيس.

مارگريٽ: منهنجي ساهيڙي، من کي آٿت ڏي، ايترو ڏک ڪرڻ نہ جڳائي.

ميفسٽو: ٻڌو ڏک جي ڳالھہ.

مارگريٽ: مون کي تہ محبت جو خيال ڪندي پؤ ٻيو ٿئي. مون لاءِ تہ ههڙو وڇوڙو ڀڪ موت جو ڪارڻ ٿي پوي.

ميفسٽو: غمي اچي ٿي خوشيءَ پنيان– خوشي اچي ٿي غميءَ پنيان.

مارٿا: ٻڌايو تہ ڪو آٿت اچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميفسٽو: پدوئا جي شهر ۾ سينٽ انٿونيءَ جي چرچ ۾ مذهبي سنسڪار ڪري هن کي پوري ڇڏيائون. هاڻي هڪ ڌرتيءَ هيٺ، ٿڌي بستري تي گهريءَ ننڊ ۾ آهي.

مارٿا: ٻيو ڪجهه وڌيڪ؟

ميفسٽو: پڇاڙيءَ جي وصيعت ڪئي اٿس. توهان کي چيو آهيس، ته مون لاءِ ٽي سؤ ارداسون (1) پارائجو ۽ هن جو ٻيون خيال مذهب ۾ هو، اهو آهي سمورو سنيهو، جو مون کي ڏنائين.

مارٿا: ڇا هڪ سِڪو به نه. نڪا ڪا نيشاني، جا پڳل دل تي ڪو ناڙُو جهي.

ڪهڙو به پينگيو مزور به نشاني پنهنجي پيار جي جيڪر ضرور ڇڏي وڃي.

ميفسٽو: مائي صاحب، مون کي هن جي اَنڌ تي افسوس آهي؛ چو ته توهان جي محبت جي قيمت ڪانه ڪيائين، پر اها اوهان جي پل آهي جو پانيو نٽا نه ناٽو لُٽي ڇڏيو هيائين. مرڻ مهل پنهنجي ڪيئي تي سوچ ڪيائين. پڇاڙيءَ ۾ پاپن جو پڇتاءُ ڪيائين، ۽ پنهنجي نياڳ تي افسوس ڪاڏائين.

مارگريٽ: ويچارا دکي مڙس! آءٌ ته هنن لاءِ روئان ٿي! آءٌ ته هن لاءِ ارداس پارائيندس.

ميفسٽو: مِنو بار! ڪهڙي نه نرم دل! مون کي وٽي ههڙي نينگر. تون ته لاڏن ڪوڏن جي لائق آهين، تون ته پرٺائڻ جهڙي آهين.

مارگريٽ: پرڻجڻ وڏو وقت پيچي.

ميفسٽو: تولاءِ ته سَوين سَڏون ڪندا؛ گهوٽ به وقت سر ايندو. اهو ڪم آءٌ ڪرائيندس. جي پورو پورو وهائو نه، ته باقي وچوتي، سهڻي ريت پري ڇڏيندا سين.

مارگريٽ: هن ديس جو اهو رواج ڪين آهي.

ميفسٽو: رواج يا نه رواج، آهي ائين.

مارٿا: ها، پوءِ ڳالهه ڪريو.

ميفسٽو: آءٌ سندس پاسي ۾ هوس: ڪوڙهيا ڪک هئا، جن تي پيل هو، ۽ اُتي ئي مئو. ڪرفتيءَ کان گهٽ غليظ نه هو. بانس ڪراهت جهڙي، هٽ

(1) اِرداسون: نذرانا، پيتائون. (عيسائي مذهب موجب)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ لائي سگھجي. پيچاڙيءَ تائين ڪرستان هو. قرض چڏي ويو. وچي ڏٽيءَ سان ليکا لاٿائين. ڳُني وارن جو بہ ڪجھہ رهجي ويس. چيائين: افسوس، مون پنهنجي زال سان چڳي هلت ڪانہ ڪئي. معافي مليم تہ سانت ۾ مران.

مارٿا: ويچارو! مون تہ گهٽو اڳي معاف ڪيومانس.

ميفسٽو: چيائين، ”پر ڏوهہ سندس هو.“

مارٿا: ڇا! موت جي ٻُنيي وٽ بيهي ائين چيائين؟ ههڙو ڪوڙ؟ توکي چيائين تہ مان بُري ٿيس؟

ميفسٽو: ها ائين چيائين، پر سچ نڪري ٻاهر ٿيو آهي ۽ گمان ڪونہ رهيو آهي. ڪوڙ ڳالهايائين، سو تہ تنهنجي مُنهن ۾ ۾ نهارڻ سان پڌرو آهي! پيچاڙيءَ ۾ اهو وعظ ڪندو ويو: ”پورهيا ڪيم، ٻهرين تہ سندس ٻار پاليم: پورهيو نصيب هوم، مگر آرام رتي بہ نہ.“

مارٿا: ڇا، پيچاڙي تائين ڳلائون؟ پريت، ايمان ۽ سچ، سڀ وسارجي ويا. رات ڏينهن جا محبت ونديسين، سا بہ سموري وسري ويئي.

ميفسٽو: ائين نہ. وڏيءَ سڪ سان توهان کي ياد ڪيائين. چيائين: آءُ جيئن ٿي جهاز ۾ مالٽا کان موٽيس، تيئن مون ڏٽيءَ کي ٻاڏايو. منهنجي دل پرجي آئي، مون کي زال ۽ ٻارن جي اچي يادگيري پيئي. انهيءَ ڏينهن ڪرتار اسان جي دعا ورنائي. انهيءَ ڏينهن.اسان کي چڱو ڏاڙو هٿ لڳو. هڪ ترڪيءَ جو جهاز، جنهن ۾ مال ججهو هو، جو سلطان لاءِ ٿي سامان ڪٺي ويو، سو ور چڙهي ويو. لڙائي بہ سخت هلي، پر اسان جي بهادريءَ هٽي هنڌ ڪيو ۽ ڦل بہ اسان کي ڀلو مليو. جڏهن حصا ورهايا ويا، تڏهن مون کي پنهنجو حق جُڙيو.

مارٿا: ڇا؟ خزانو؟ ڪٿي پورياڻين ڇا؟

ميفسٽو: اها خبر خاوند کي تہ چئن هوائن، خزاني کي ڪٿي اُڏايو؟ پورياڻين؟ نہ، اهڙي ڪميٽائي منجهس ڪانہ هئي، اها ڳالهہ هن جي موت مان ثابت هئي، هن جي سخي دل هن کي اهڙو ڪم ڪرڻ ڪين ڏنو.

هڪ ڏينهن هن پئي هڪ وڏي شهر ۾ ڦيريون پاتيون. ڪنهن وقت، هڪ رنگدار عورت هن جي اڪيليءَ آتما تي مَهر جي نظر وڌي ۽ هُن کي هِن

جي هلڪڙائيءَ جي ٻروڙ پئجي ويئي، تنهن ويهي دل ناريس، پوءِ ته مٿس غالب پئجي ويئي. ناچ جي اهڙي موڄ وناياڻينس جو پاڻ نقد سوڌو پورو ٿي ويو. محبت جون نشانيون به پنهنجي عاشق کي اهڙي قسم جون ڏيئي ڇڏيائين، جو جيسين تُنهنجي مسڪين سنت موڪلايو تيسين انهن جي سَٽ سَهٽي پيس.

مارٿا: بدمعاش هن ريت تي پنهنجي زال ۽ ٻارن جي سارُ لڌي! اسين ٻکن جا چڪُ پيا ڪائون، تن جو به خيال ڪين ڪيائين ۽ اهڙي ڪم ڪان پاڻ کي باز ڪين رکيائين.

ميفسٽو: ضرور خيال رکڻ کپندو هوس. پوڱنا به تڏهن پوڱيائين. پر هاڻ انهيءَ مان ته ڪين ورندو. آءٌ جي تنهنجي حالت ۾ هجان، ته آءٌ عذر جي وڳن ۾ به چوڪي اک ڦيرائيندو رهان، ۽ 12 مهينا پورا ٿين تنهن کان اڳ ۾ وري وهانوَ ڪري ڇڏيان.

مارٿا: هن ساري جهان ۾ مون کي پنهنجي مرد جهڙو ٻيو ڪهڙو مرد ملندو؟ هن جهڙو مهربان ۽ پيار وارو ٻيو ڪٿي؟ منجهس عيب رڳو اهو هو، جو گهر ڇڏي ٻيو رُلندو هو. مونکي سندس جڏهن ٿي يادگيري پوي، تڏهن منهنجون اکيون ڳوڙهن منجهه ٽيون ترن. ڪهڙو نه لائق هو، ڪا به برائي هن ۾ ڪين هئي. رڳو ولايتي شراب ۽ زالن سان سا سنگت هيس ۽ ٻيو ڊاري سان دل هوندي هيس.

ميفسٽو: هو به تو وانگر اهڙو سخي دل هجي ها، ته اوهان جا جهيڙا لهي وڃن ها. اهڙي جي تنهنجي طبيعت آهي، ۽ مون کي به جي ڪن ننڍڙين ڳالهين ۾ ڇُوٽ واڳ ڍيڻ ۾ آرهي نه ٿين، ته جيڪر تنهنجي منڊيءَ سان پنهنجي مُنڊي بدلائڻ لاءِ منهنجو مَنُ هرڪي وڃي.

مارٿا: توهين لائق پريا آهيو، پڪ آهي ته اوهين چرچو ٿا ڪريو.

ميفسٽو: (پاسي ڪان) ڇڱو آهي ته ڪسڪي وڃان، هن ڪُراڙي هچا جو مغز هيءَ شادي جي رٽ ٻڌي، اڳيئي ڦري ويو آهي. پاڻئي تي ته هڪدم پلوَ ٻڌي ڇڏيانس. منهنجي لاءِ سلامتي انهيءَ ۾ آهي ته پڃي ڇُٽان. پٽ پويس! هي ته شيطان کي به سندس ٻول تي ٻڌي رکڻ واري آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(مارگريٽ کي)
تُنهنجي دلڙي ڇا ٿي چوي.
مارگريٽ: امير سائين، ڇا ٿا چوَن؟
ميفسٽو: (ڇڻ پاڻ سان ٿو ڳالهائي) - ويچارو منو ابوجهه ٻار! (ڪلئي آواز) مائي صاحبه، هاڻ الوداع.
مارگريٽ: الوداع!
مارٿا: سائين! سائين! باقي هڪڙي ڳالهه، پوءِ موڪلايو. مونکي شاهد کپي، جو ثابت ڪري ته هو مري ويو ۽ دفن ڪيو ويو؛ ڪيئن، ڪڏهن ۽ ڪٿي، باقاعدي ثابتي کپي جا دفتر تي آڻڻ اوهين ضروري سمجهندا هوندا. چڱو ٿئي جي هن هفتي ئي اخبارن ۾ به خبر پئجي وڃي.
ميفسٽو: "ٻن شاهدن جي مُک مان ڳالهه ثابت." خوش نصيب، هن وقت شهر ۾ هڪڙو شخص آهي، جو به انهي حقيقت بابت اظهار ڏيئي سگهندو. هو نهايت لائق ۽ وڏو ماڻهو آهي، هو ضروري شاهدي ڏيئي سگهندو. آءٌ سانجهي جو هتي وٺي ايندو سانس.
مارٿا: دير نه ڪجو.
ميفسٽو: هيءَ جوانڙي هتي هوندي؟ هيءَ ڪيس ڏاڍو وڻندي؛ نه نه آءٌ خوشامد ڪين ٿو ڪريان، واهه جو جوان آهي، دنيا جو سٺر به خوب ڪيو آهيس. زالون هن تي موهت آهن، هو زالن تي موهت آهي ۽ ڇا هن ۾ فضيلت آهي!
مارگريٽ: مون کي ته دبُ ٿو لڳي، آءٌ ته مَنجهي پونديس. مان ته لڄ ۾ ئي مري ويندس.
ميفسٽو: ههڙي لڄاري نينگر، ته شهزادن جي لائق آهي.
مارٿا: گهر جي پنيان باغ ۾ اوهان کي وينيون نهارينديون سين، تيسين الوداع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڙي

(فائوسٽ ۽ ميفسٽوفلس)

فائوسٽ: ڪيئن ٿو پائنئين؟ سڀ موڄ آهي نه؟

ميفسٽو: واهه واهه. منهنجا دوست، تنهنجي خوش دليءَ جو خمار ڏسي، مون کي فرحت پيئي اچي. بس هاڻي هوءَ تنهنجي ٿي ڪي ٿي: اڄ سانجهيءَ جو مارٿا جي گهر گڏباسين. مون به زالون گهڻيون ڏٺيون، پر هن جهڙي ڦڪڙ مون ڪانه ڏٺي. هيءَ ڏُوتي مارگريٽ کي ڊاڪٽر صاحب جي ڪم واسطي ناهي نيڪ ڪندي.

فائوسٽ: اجا ته رڳو انجام آهن.

ميفسٽو: پر ڪجهه ته بدلي ۾ اسان کي به ڪرڻو آهي.

فائوسٽ: اهو واجبي. چوندا آهن ڀلائي ڪر ته ڀلو ٿئي.

ميفسٽو: اسان کي اظهار هلي پوري نموني ۾ ڏيڻو آهي ته سندس مڙس جو جنازو باادب پدوئا جي شهر ۾ دفن ڪيو ويو آهي، ۽ هو پاڪ زمين ۾ آرامي آهي.

فائوسٽ: اهو وري ڇا؟ هي ڪهڙو گورک ڌنڌو!

ميفسٽو: اسان کي رڳو قسم کڻڻو آهي؛ انهيءَ ۾ ڪهڙي تڪليف آهي.

فائوسٽ: اها تنهنجي رِٿ آهي؟ جي انهيءَ کان ڪا بهتر رِٿ ڪانه اٿئي، ته پوءِ هي قصو ئي نهيو.

ميفسٽو: ڀَلي پاڪ انسان! هاڻي اِتي اچي اوهين بيٺا آهيو. ڊاڪٽر صاحب، اهو آهي اوهان جو ضمير؟ هي اوهان جي حياتيءَ ۾ تڏهن پهريون دفعو آهي جو اوهين ڪوڙي گواهي ٿا ڏيو؟ توهان، خدا، دنيا، انسان ۽ انسان جي غيبي سُڀاوَ، سندس دماغي ۽ اخلاقي طاقتن جي باري ۾ پئي تقريرون ڏنيون آهن؛ اوهان اُنهن جون ويهي حدون نهرايون آهن. اُن مهل ته اوهان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـرڙ تي ڪو بہ گهنج ڪونہ هوندو آهي، نڪو دل ۾ ڪو پڙ هوندو اٿو! جي
ـچار هجو، تہ ضمير جيڪر ضرور چويو- چوي ٿو نہ- توکي انهن ڳالهين
ـي ايتري ئي چاڻ آهي، جيتري مارٿا جي مڙس جي مرڻ جي. وڌيڪ نہ.

فائوسٽ: شيطان، تون آهين، هُئين، ۽ هوندين، هميشه ڪوڙو ۽ مڪريلو.

ميفسٽو: هائو، تون برابر فيلسوف آهين، ٿورو اونهو تہ وڃ. بہ ڏينهن
ـڪين گذرندا، تنهن کان اڳ، هن ويچاريءَ بار جو مَنُ موهڻ لاءِ، وڏا قسم
ـڻندين؛ پوءِ هي تنهنجو مڪر تہ ماٺ ۾ هوندو. ڪيئن نہ پيو چوندينس،
ـهنجو جيءُ جان تنهنجي عشق ۾ آهي، منهنجو پيار توتي سدائين لاءِ آهي.

فائوسٽ: هائو اهو قسم سچو آهي.

ميفسٽو: جيئن ڪو پيو- ۽ پوءِ ايمان ۽ عشق جون ڳالهيون هلنديون،
، تنهنجي سِڪ اُمت آهي، اَجهل آهي، رڳو سندس لاءِ ئي آهي. تون پاڻئين ٿو
، اها زبان، تنهنجي دل تي چوي تہ سچي آهي؟

فائوسٽ: ماٺ، ابليس! هائو اٿين. مون ۾ جو جذبو آهي- پل ديوانگي
ـڪونيمس- تنهن جو نالو پيو ڳوليان، پر لفظ اچا ليپم ڪونہ ٿو. تمثيلون
ـولي تڪو آهيان، سڀ اڻ پوريون آهن. لفظن ۾ ڳالهيون ڪيون آهن زماني
ـون، پر هي برندڙ جذبو بيحد آهي، اَمر آهي، لازوال آهي. ڇا تون چوندين تہ
ـن قسم جي زبان شيطاني ڪوڙ آهي؟

ميفسٽو: هائو، آءٌ صحيح آهيان.

فائوسٽ: ٻُڌ، هي ڳالهہ ڳنڍ ڪٽي ٻَڌ: آءٌ ڦڦڙن تي وڌيڪ پزور ڪونہ
جهندس، وڌيڪ دليل ڪين هلائيندس؛ پر جيئن مون چيو، هيءَ ڳالهہ ڳنڍ
ـٽي ٻڌ، تہ انسان ڪهڙو بہ ڪٽي طرف يا مضمون ڪٽي، تہ بہ جي زبان اٿس، تہ
ـءِ دليلن جي ڪيس ڪمي ڪانہ رهندي. هينئر آءٌ ڳالهائڻ کان ڪڪ آهيان.
ـڳو پلا تون صحيح آهين، آءٌ لاچار آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باغ

(مارگريت: فائوست جي ٻانھن ۾ آھي. مارٿا، ميفسٽوفلس سان آھي. ٻئي جوڙا جدا جدا محبت پيا ونڊين. پيا چڪر ڏين.)

مارگريت: اوھين تہ منھنجي سادي سپاوَ سان ٺٺ ڪريو، مون کي تہ لڄ پيئي اچي. مون کي خبر آھي تہ منھنجي گفتار ۾ ڪا بہ چڪ ڪانہ آھي، جو ڪنھن ماڻھوءَ کي ڪو ھڪ پل وندرائي سگھي، خاص ڪري ان کي جنھن ھيڏي دنيا ڏٺي آھي.

فائوست: تنھنجي اک جي ھڪ نھار، تنھنجي زبان مان ھڪ اکر. تنھنجو ھڪ ھڪ لفظ آءٌ دنيا جي سيني ڏاھن جي ڏاھپ کان وڌيڪ ٿو ڀانيان.

(سندس ھٿ ٿو چُمي)

مارگريت: توھان کي اھو خيال آيو ڪيئن؟ ڪيئن اوھين منھنجو ھٿ چمي سگھيا؟ منھنجو کھرو ھٿ، ھر روز جي پورھئي ۾ خراب ٿيل: منھنجي ماءُ جون عادتون تنگ، مون لاءِ پورھيو بلڪ سخت پورھيو.

(لنگھي ٿا وڃن.)

مارٿا: اوھين ھميشه ھيئن پيا مسافري ڪريو؟

ميفسٽو: افسوس! ڏنڌي ۽ فرض ادائگيءَ جي ڪري لاچار آھيان ڪيترين جڳھين تي، وڇوڙي جا سُور سھڻا پون ٿا.

مارٿا: جوانيءَ جي موھہ ۾ ھيءَ رولڙو ۽ گھومر وٺندڙ ٺٺي ٿي، جو سنگتي مسنت ٿا ٿين. ۽ دل چُنل ٿي رھي. پر جلد ئي ٻڍاپو ۽ ڏک ٿا اچن پڇاڙيءَ جا سال ڏاڍا ڏکيا ٿا لنگھن ۽ قبر ڏي بنا تسلي جي ٿو وڃڻو پوي، اُ مظلوم جيان. جو قيد مان نڪري ڦاسيءَ ڏي ٿو وڃي. ھي ڳالھہ بدن توڙ روح ٻنھي لاءِ چڱي نہ آھي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميفسٽو: ههڙي دل ڏڪائيندڙ آئندي جون ڳالهيون ٻڌي آءٌ ته ڏڪي ٿو وڃان.
مارٽا: سياٽو ٿي ءُ- سويل ٿي، ٻلو ڪري ڇڏ.
(لنگهي ٿا وڃن.)

مارگريٽ: هائو- نظر کان پري، دل کان پري. اوهان اهڙا علم وارا ڄاٽو ٿي، هڪ مون جهڙي غريب، گهٽ پڙهيل، اڻ سُڌريل نينگر سان ڳالهايو، سا اوهان جي مهرباني چئبي.
فائوسٽ: اعتبار ڪر، پياري، منهنجي پياري، ته دنيا جنهن کي علم ٿي ڪوٺي، سو اڪثري فقط ناٽُ آهي، هَٺ جي چمڪ آهي، جنهن ۾ دل جو جذبو ذرو به نه آهي.
مارگريٽ: ڪيئن؟
فائوسٽ: اڙي! دل جي سڪ، بنا ڏيک ۽ ويک واري، اها شيءِ اَملهه آهي. اها ڌٽي جي پَوتر آسيس آهي. ۽ وري اهڙي گُڻ هوندي به ڪو به هٺ نه ڌارڻ! اُها حليمائي ۽ نرمائي، قدرت اُنهن کي ٿي بخشي، جن تي سندس قرب آهي. جنهن بار تي سڀ کان وڌيڪ پيارُ اٿس، تنهن تي سندس بخشيش به اَجهل آهي.
مارگريٽ: وڃڻ کان پوءِ ڪو پل پيا ڪڏهن ڪڏهن منهنجي يادگيري ڪجو. اوهان کي ته ياد ڪرڻ جو مون کي گهڻو ئي وقت ملندو.
فائوسٽ: تڏهن تنهنجو وقت گهڻو اڪيلو ٿو لنگهي؟
مارگريٽ: هائو. گهر جا ڪم ۽ ڳڻتيون. ڪا نوڪرياڻي به ڪانه آهي. آءٌ رڌيان، مڙهيان، سبان، ڪپڙا ڌوئان ۽ سُڪايان، ڏُڪ ڊوڙ ڪريان. پِرهه کان اڳ ۾ اُٿان، ۽ رات جو دير سان سمهان. ۽ ٻيو وري منهنجيءَ ماءُ جي طبيعت اهڙي آهي- رڳي پچ پچ. هٿ به بلڪل سوس اٿس. ذري ذري ڳالهه جي ڳڻتي، ۽ خبرداري. ائين به ڪين آهي، ته اهڙا غريب آهيون جو ٻين جهڙو نه رهي سگهون. منهنجو پيءُ ملڪيت ڪا لائي ڪانه ڇڏي ويو. گهر آهي، باغ آهي جنهن مان چڱو اُپراسو آهي. ٻنيون به ويجهيون آهن. هاڻي مون لاءِ به سانت آهي، چڱي پيئي گذري. منهنجو ڀاءُ لشڪر ۾ ٻاهر آهي. ننڍڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيٽ مري ويم. منهنجي پياري پينڙي. پورهيو سو هوندو هوم، پر ڏهوڻ پورهيو جيڪر پياريءَ لاءِ قبول ڪريان.

فائوسٽ: تو جهڙي سُندر هئي!

مارگريٽ: ڇائي ڪان مون نپايومانس. مون ۾ موهه هوس. ويچاريءِ ڇائي سُورن ۾. بابا سندس ڇائي ڪان اڳ گذر ڪري ويو. امڙ بيماريءَ ۾ نبل ٿي ويئي. اسان پانيو تہ ڪين بچندي. آهستي آهستي چڙهي، پر ڏاڍي ڏبري سا ڪيئن بار نپائي؛ سو مون ويهي پاليومانس؛ کيرَ پاڻي تي رهايوسونس مان تہ هن کي پنهنجو سمجهڻ لڳيس. منهنجي ٻانهن تي، منهنجي ڇاتي تي پيئي رانديون ڪندي هئي، ۽ چنبڙندي هئي.

فائوسٽ: اهڙي پوتر خوشي!

مارگريٽ: تنگ بہ ڏاڍو ٿيندي هيس. پينگهو هوندو هوس منهنجي بستري لڳ، اڌ رات تائين پيئي جاڳندي هيس، پوءِ آءٌ ويني پرچائيندي هيس پنهنجي هنڌ ۾ ڪٺي سمهاريندي هيس. پر جي ماٺ نہ ڪندي هئي، تہ ڪٺي گهمائيندي هيس. لوليون ڏيندي هيس تہ ماٺ ڪري. ڏينهن ٿيو تہ پورهيو شروع. صبوح کان اڳ ٿانوَ مَليان، مارڪيٽ ۾ وڃان، ٻاهر ٻاريان؛ هڪڙو ڏينهن ٽڪُ، تہ ٻئي ڏينهن بہ ساڳيو؛ وقتي ڪڪ ۽ مايوس ٿي پوندي هيس پر انهيءَ ۾ آءٌ غلط هيس، ڇو تہ غريب جي ڪاڏي کي سندس پورهيو ٿو مزو ڏئي، ۽ سندس بستري کي آرامي پورهيو ٿو ڪري.

(لنگهي وڃن ٿا.)

مارٿا: وري بہ ڏُک اسان زالن کي ئي ٿو سَهڻو پوي. اهڙي پليت ما ڇا ورندو؟

ميفسٽو: تہ بہ مون کي زال ذات جي هنر ۾ پُورو ويساهہ آهي، مثلاً مو کي تہ تون جيئن چاهين تيئن بنائي ٿي سگهين.

مارٿا: پر مون کي کُليو ٻڌايو. هن کان اڳي توهان کي ڪا بہ پياري ڪا ملي؟ اڃا شاديءَ جو ويچار ڪڏهن ڪونہ ڪيو اٿوَ؟

ميفسٽو: واهہ شادي آبادي. پهاڪن ۾ اٿين چيل آهي: زال چڱي آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيرن ۽ جواهرن ڪان پلي.

مارٿا: پر اهڙي خاص پياري ڪانہ سُجهيوَ، جنهن جو نالو ڪٿي ٻُڌهو.

ميفسٽو: سڀ فضيلت پريون، سڀ هنڌ ساڳيون.

مارٿا: ڪنهن ڪي شاديءَ لاءِ چيو بہ ڪونہ اٿوَ؟

ميفسٽو: تون ڀانئين ٿي تہ آءٌ ويهي زالن سان چرچا ڪندس.

مارٿا: توهين وري بہ مون کي نٿا سمجهو.

ميفسٽو: افسوس آهي، مان ڪهڙو نہ موڳو آهيان. پر هڪ ڳالهہ تہ مون اڳيان صفا آهي، تون مون تي بلڪل مهربان آهين.

(لنگهي وڃن ٿا.)

فائوسٽ: منهنجي ديوي، سو تو مون کي سڃاتو؟ جنهن پل مِ آءٌ باغ منجهہ آيس، تنهن دمُ تو مونکي سڃاتو.

مارگريٽ: ڏٺوَ ڪين؟ مون اکيون ڪٿي هيٺ ڪيون.

فائوسٽ: تون چرچ مان ٻاهر نڪري گهر ٿي موٽينءَ، تنهن وقت مون جا توسان گستاخي ڪئي تنهن جي معافي – تنهن جي معافي ٿي ڏين نہ؟

مارگريٽ: مون کي ڏاڍو عجب لڳو. آءٌ مُنجهي ويس ۽ ائيس ڏڪيس جيئن ڪو ڏوهي ڏڪي. پاڻ کي چيم: ههڙو خيال هن جي مٿي ۾ اچي ڪيئن سگهيو؟ هو توکي ڇا سمجهندو هوندو؟ تنهنجي هلت ۾ ڪا وڏ هوندي، جنهن مان هن سڪر پاتيو تہ هن ڇوڪريءَ سان ڇُراند ڪري سگهبي؟ پر تڏهن بہ مون کي ضرور قبول ڪرڻو آهي تہ مون تنهن مهل ڪين صحيح ڪيو تہ ڪيئن نہ منهنجي دل تي توکي گهُريو؛ نڪي مون کي اهو شڪ پيو تہ منهنجو جو پاڻ تي غصو هو تنهن سبب جهڙو غصو ڪرڻ کپندو هوم، تهڙو ڪين ڪري سگهيس.

فائوسٽ: مٺي پياري!

مارگريٽ: هڪ پل ترس.

(هڪ موتيو گل چني ٿي گل جا پن هڪ ٻئي پٺيان پٽي.)

فائوسٽ: هي موتيو ڇو ٿي چِنين؟ گُلن جو غنچو کپيئي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارگريٽ: نہ، مونکي اڃا خيال پيو.

فائوسٽ: تنهن جو مطلب؟

مارگريٽ: مون تي کِلندا.

(وڃي ٿي پن پٽيندي ۽ پُڻ پُڻ ڪندي.)

فائوسٽ: ڇا ٿي پُڻ پُڻ ڪرين؟

مارگريٽ: (اڌ ڏاڍيان) مون کي ڀانئي ٿو- مون کي نٿو ڀانئي.

فائوسٽ: منهنجي ديوي!

مارگريٽ: مون کي ڀانئي ٿو- نہ - هو مون کي ڀانئي ٿو- نہ.

(ڀويون ڀَنُ خوشيءَ مان ٿي ڇِڪي.)

هو مون کي ڀانئي ٿو.

فائوسٽ: هائو منهنجا يار، هن گُل جي ٻوليءَ کي تو ديوَ واڻي ٿي سمجهين- ”هو توکي ڀانئي ٿو.) سمجهين ٿي تہ اُن جي سموري معنيٰ ڇا تہ ”هو توکي ڀانئي ٿو؟“

(ٻئي هٿ ٿو جهليس.)

مارگريٽ: آءُ سڄي پيئي ڏڪان.

فائوسٽ: ڏڪ نہ! هي هٿ ۽ هيءَ نهار، توکي اُها ڳالهڙي ٿا ٻڌائين، جا ٻڌائڻ جي زبان کي سگهہ نہ آهي. هن ڪان پوءِ اسان جي سموري هستي هڪ ٻئي ۾ خوشيءَ جي موّج ۾ سمائجي وڃي: سدا بهار، سدا بهار.

(مارگريٽ هن جا هٿ پيڙي، پاڻ ڇڏائي ڀڄي ٿي وڃي. هڪ پل خيال ۾ بيهي سندس پٺيان ٿو وڃي.)

مارٿا: رات بہ اچي ٿي آهي.

ميفسٽو: هاڻي وڃڻ کپي!

مارٿا: مان تہ جيڪر اوهان کي نيند ڏيئي وڌيڪ رهائي ڇڏيان، پر ڀاڙو آهي ڳلاخور. هتي ماڻهن کي ٻيو ڪم ئي ڪونہ ٿو ڀائنجي، رڳو پيا در جاچين، ڪير آيو، ڪير ويو. ڇا بہ ڪريو، ضرور ڳلا ڪندا. پر هو اسان جو جوان جوڙو- توهان ڪين ڏٺو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميفسٽو: خوش دل پوپٽ اُڏامي ويا- مٺيرو پري لنگهي ويا.

مارٿا: ياڻيجي ٿو تہ هو جهپجي پيو.

ميفسٽو: ۽ پڻ هوءَ. اهو آهي دنيا جو ڏنڌو.

منظر ۾

(مارگريٽ اندر ٿي ڊوڙي؛ در جي پنيان بيهي؛ آڱر ٿي پنهنجي چپن تي رکي ۽ چِير مان ٿي نِهاري.

مارگريٽ: اچيِ ٿو.

فائوسٽ: نخريلڻ! مون کي ٿي چيڙين؟ هاڻي پڪڙيو اٿمانءِ.

(چُميس ٿو.)

(مارگريٽ ياڪر ٿي پائيس ۽ چُمي ٿي ڏئيس.): پيارا، دلبر، ساري دل سان ٿي توکي پيار ڪريان.

(ميفسٽو فلس ٿو در کُڙڪائي.)

فائوسٽ: (ڀَٽ تي پير هڻي) ڪير آهي؟

ميفسٽو: دوست.

فائوسٽ: حيوان.

ميفسٽو: وقت چڙهي آيو آهي.

مارٿا: (اچي ٿي) دير ٿي ويئي آهي، سائين-

فائوسٽ: گهر تائين تہ ڇڏي اچان؟

مارگريٽ: منهنجا منڙا... الوداع.

فائوسٽ: آءٌ ڏهن هليو وڃان؟ الوداع.

مارٿا: الوداع!

وري گڏباسين جلد.

(فائوسٽ ۽ ميفسٽو هليا ٿا وڃن.)

مارگريٽ: ههڙي ماڻهو کي ڪيتريون نہ خبرون آهن: مون تہ رڳو پئي چيو "هائو"؛ مان تہ ذري ذري تي مُنجهي ٿي ويس. پر هن منهنجي هرڪا گهٽتائي پئي ڏڪي. ڇا آهي، جنهن ڪيس مون تي موهيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيلو ۽ غفا

فائوسٽ: (اڪيلو) هائو، اي اعليٰ روح، تو سڀ ڪجهہ مون کي ڏنو، جيڪي بہ مون گهُريو. تو پنهنجو اگني روپ مون ڏي اجايو ڪين ورايو. پنهنجو تيجوان درشن ڪرايو اٿئي. مون تي پريم جي نظر ڪئي اٿئي. شاندار جڳتَ تي مون کي راڄ ڏنو اٿئي – پُرلطف ۽ سگهارو! اٿين بہ نہ آهي تہ ڌاريي وانگر ڪن پل مُنهن ڏيکاري، اچرج منجهہ ڇڏي وڃين. نہ نہ تو مون کي قدرت جي اونهيءَ ڇاتيءَ ۾ اٿين نهارڻ ڏنو، جيئن ڪنهن دوست جي ڳجهيءَ دل ۾ اندر نهارجي. تو مون کي پنهنجا اننت جيوَ ڏيکاريا، سڀ منهنجا ڀائر، ڇا وڻن ۾، ڇا هوا ۾، ڇا درياهہ ۾. جڏهن ڪشادي ٻيلي ۾ طوفان گجي ٿو، رڙي ٿو ۽ صنوبر جي شاهي وڻن کي پاڙون پٽي ٿو؛ شاخون جدا ڪري، ديوانگي سان، جهلي، مٿي کڻي، زمين تي هٽي ٿو؛ جڏهن ٽڪري مان، گهگهيون گجگوڙون، پڙاڏا موٽائين ٿيون؛ تڏهن، تون مون کي ڪنهن هيناهين غفا ۾ آڻيو گوشہ نشين ڪرائين ٿو، ۽ اُتي مون کي پنهنجا غيبي ڳجهہ ڏيکارين ٿو ۽ منهنجي دل جون اونهيون ڪرامتون ۽ اندر جو ڳجهو پردو کولين ٿو. جڏهن منهنجي نيتر اڳيان، پوتر چندرما مٿي جي مٿان اُتاهون پنڌُ ڪري ٿو، جبلن تان نرم جوت پکيڙي ٿو، تڏهين وڻن تي پيل پراچين سمن جا هلڪا چمڪندڙ پاڇا پنهنجي اڳيان پوندا ڏسان ٿو، جي منهنجي گنڀير ويچار جي ڪَٺن خوشيءَ کي جهَڪو ڪن ٿا. افسوس! بلڪ هينئر بہ مون کي اٿين ٿو ڀاسي، تہ انساني خوشي بلڪل اڻ پوري آهي. اُهو سُک جو مون کي ديوتائن جي ويجهو ۽ ويجهو ٿو آڻي، سو تنهنجي ذات آهي؛ پر انهيءَ سان گڏ تو مون کي ڏيئي ڇڏيو آهي. ٻُرو ساٿي، جو سدائين سنگُ آهي، جنهن کي آءٌ ڌڪاريان ٿو، پر ڪائنس آجو ٿي نٿو سگهان؛ جو سرد، ڏنگ هڻندڙ ۽ پاپي آهي. هو اهڙا ورُتو ورائي، جو آءٌ پنهنجي اڳيان پيو شرمندو ٿيان، ۽ پوءِ هڪڙي ڦوڪ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي سڀ اُتم ڏاتون. ڪڻ ڀنگ ٿيو وڃن: اهڙي نہ جوش سان، تو منهنجي چاتيءَ ۾ نفساني خواهشن جو مچ مچائي. جو آءٌ، هن سهڻيءَ ۽ پياريءَ شڪل لاءِ ماندو ٿيو وڃان. ڪامنا مان لنگهي آءٌ ڀوڳ ۾ ٿو اچان، پر تڏهن بہ ماندگي ڪين ٿي ڇڏي. بلڪ لُطف ۾ بہ نفساني خواهشن لاءِ ٿو آتو رهان.

(ميفسٽو فلس ٿو اندر اچي.)

ميفسٽو: وري وچي غفائن جي جيوت ڪي لڳين؟ سدائين لاءِ اهڙي حياتي ڪيئن گذاري سگهبي؟ آءُ آءٌ، هل تہ هلي ڪا نئين شيءِ ڏسون.

فائوسٽ: چڱو ٿئي، تہ جڏهن آءٌ ماٺ ۾ هجان، تڏهن تون وچي ڪو ٻيو ڪم ڪرين، ۽ نہ تہ مون کي پيو آزارين.

ميفسٽو: چڱو! چڱو! جي گهُرين تہ آءٌ اتي ئي تنهنجي سُک ۾ توکي ڇڏي وڃان. وري ڪجهہ نہ چئج. تو جهڙو کهَرو، سوٽل ۽ سودائي سنگتي، سارو ڏينهن وَهائيم بہ پيو، وري وڏي سائين جي مُنهن مان اها بہ خبر ڪانہ پوي تہ ڪي بہ وٽيس ٿو يا نہ ٿو وٽيس.

فائوسٽ: اجهو اهو آهي هن جو نمونو. هميشه جو اهو حال اٿس. مون کي تہ ٿڪايو ماريو ڇڏي. وري اٿين بہ پيو پائني تہ آءٌ سندس ٿورائتو ٿيان.

ميفسٽو: ذرتيءَ جا ٻار! چا تون هيسين تائين، مون کان سواءِ پنهنجي حياتيءَ جو بوجو سهي سگهين ها. اهو آءٌ هوس، جنهن توکي اچي سُستيءَ ۽ گمان کان بچايو؛ مون توکي وڏي خبرداريءَ ۽ محنت سان بچايو. اڙي جي مان نہ هجان ها تہ تون جيڪر هينئر بہ ٻين لوڪن ۾ پيو اجايو گذارين ها! چو تون هن غفا ۾ چبري وانگر موڳو ٿي پيو گذارين! چو ڏيڏر جيان سينور کائي جيوت نڪمي وڃائين؟ هي توکي مني وندر ٿو پائني! واهہ هي رهڻ جو نمونو! مون کي ڊپ آهي تہ تو پنهنجو جهونو ڏنڌو ڪين وساريو آهي.

فائوسٽ: توکي جي سُڌ هجي، تہ هھڙيءَ ايڪانت ۾ گذارڻ مان چا ٿو حاصل ٿئي، ۽ تون جي اها ڳالهہ سمجهي سگهين (البت شيطان آهين، سو تون جيڪر پوءِ بہ ساڳيو ئي رهين) تہ پائين ٿو تہ انهيءَ لاءِ اهڙي ڏڪار رکين يا اُن کي اهڙو زهر پائين! پوءِ بہ جيڪر منهنجو سُک ڏسي مون کي ڪين سهين...

ميفسٽو: واهہ سُک! هائو، مها سُک! ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! رات جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوسل ۾ ۽ ٽڪرين ۾ پيو رهين، سوداءَ منجهہ زمين ۽ آسمان کي ياڪر وجهڻ. پاڻ کي ايڏو سڄائڻ جو پاڻ کي ديو ڀانئڻ، ڀُوڪ ٿي زمين جي پيٽ ۾ گذارڻ، انتظاريءَ جي ڇهن ڏينهن جو ڪم پنهنجي ڇاتيءَ ۾ ڏارڻ، ۽ پوءِ چيتنا جي موهہ ۾ خبر نہ آهي ڪهڙو سک پوڳڻ، اڻ ڪٿ پيار جو ساگر جيءَ ۾ اٿين سانڍڻ جو ڪنارا پيچي ساري وسُ کي پاڻ ۾ سمائي، تان جو جڳت ۽ ماٿوءَ جي پرڪرتي قبر ۾ وسري وڃن! ۽ پوءِ خبر نہ آهي ڪيئن اهڙي مها آنند جي ورتي ٽٽڻ بعد- ڪيئن ٿي ٿئي سا ڳالهہ آءٌ ڪين ڪندس.

فائوسٽ: حيف حيف اٿئي.

ميفسٽو: هائو! ”حيف حيف“ ڪرڻ تنهنجي سياءُ تي تہ ڪين ٿو پئي. ”حيف حيف“ - هي فضيلت جو لفظ تنهنجي وات ۾ تمام چڱو ٿو سونهين. ويچارا ڪَنَ آهن بند، سي ٻُڌن چو تا. تہ ويچاريءَ دل کي ڪهڙي لوڙ آهي. خير خير! جيڪي چيئي تنهن جي باري ۾ هڪ اکر ٻُڌ: مون کي اهو ڏک ڪين آهي، تہ تون يا ڪو بيو انسان ڪڏهن ڪڏهن پاڻ نڳڻ جي مؤج نہ ماڻي؛ افسوس آهي جو اها بقاءُ گهڻو نہ ٿي ڪري. تون اڳيئي پنهنجي رستي کان ٻاهر نڪري آيو آهين. ۽ وري بہ ذري گهٽ انهيءَ حالت ۾ آهين جنهن ۾ مون اڃي ڏنومانءِ. هاڻي جي سنڀال نہ ڪندين، تہ جلد ئي ديوانگي ۾ داخل ٿيندين. يا تہ سوداءَ جو تپ چڙهي ويندءِ يا مايوسيءَ جي هيبت ۾ وڪوڙجي ويندين. تنهنجي لاءِ پلو آهي تہ هيءُ نمونو ختم ڪر. اي بندا، تنهنجو معشوق! هُتي اندر آهي- توکي جڳائي تہ هلي آئت ڏينس! هوءَ ويچاري ڏُک ۾ آهي، غم جا ڪڪر چڙهي ويا اٿس. تون هن جي يادگيريءَ کان ڪڏهن بہ ٻاهر ڪين آهين؛ هن ويچاريءَ جو توني پريم پورو آهي، تو ۾ ئي مَنُ اٿس، هميشه تو ۾. جيئن جبل جي ڪسي برف ڳرڻ مهل پرجي ڪنارن کان ٻاهر نڪريو وڃي، تيئن تنهنجي نفساني خواهشن جي زوردار لهر، هن جي دل ۾ اوچتي چوهہ ۾ اندر لنگهي ويئي آهي. هاڻي تو ۾ تہ وَهڪُ وري سُڪي ويئي: آءٌ ڀانيان ٿو چڱو ٿيندو، تہ هن جهنگل ۾ خيال جي تخت تي راڄ ڪرڻ کان، تون وڃي هن جي دل کي ٺار، ۽ سندس پريم جو اُجورو ڏينس. هن لاءِ وقت نهايت ڏک پريو ۽ ٺنبو ٿو لنگهي؛ هوءَ دريءَ وٽ ويهو رهي، شهر جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهوني ديوار مٿان لنگهندڙ ڪڪرن تي اکيون وجهيو پيئي پڪاري: ”اڙي جي آءُ به ڪو پکيئڙو هجان.“ اهو پيئي سُر آلاپي. سارو ڏينهن ۽ ڳوڙي رات جو اڌ! پل مس ڪا خوشي حاصل ٿي ٿئيس، باقي اڪثر غمگين آهي، رويو رويو پئي وقت ڪڍي: پوءِ پاڻيءَ پيو ته آرام ۾ آهي، پر خوشي يا غم، ورتي کهڙي به هجي، اهو سڀ آهي پيار- اونهو، نازڪ، گرم پيار.

فائوسٽ: نانگ- حرفت باز نانگ!

ميفسٽو: (پاسي کان) هائو، ۽ اُهو جو ڏنگ تو هڻي!

فائوسٽ: اپراڌي، نيچ، نڪر هتان! هن جو نالو نه وٺ، منهنجي اڳيئي اڌ هراسيل حواسن کي چيڙي نفساني خواهشن سان نه پرُ.

ميفسٽو: هي ڇا آهي؟- هوءَ پاڻئي تي ته هي کيس ڇڏي ويو- تنهن ۾ صحيح آهي.

فائوسٽ: پري ٿي بلا.

ميفسٽو: تون پيو غش ۾ اُڌرڪين- آءُ پيو کِلان: مار! توتي ڏاڍي اچي ڳري پيئي آهي! تنهنجي شڪل ۾ نهارڻ سان ائين پيو پاڻيجي ته تون جڻ ڪو قاسيءَ ڏي ٿو وڃين. پر ڏس ته سهي، مايوسي ڇڏ، ائين ته آهي ئي ڪين: تون ته پياري معشوق ڏانهن ٿو هلين.

فائوسٽ: هن جي پاڪر وقت، جنت جون خوشيون به ڪجهه ڪين هيون. ڇا هن جي ڇاتيءَ سان لڳڻ ڪري، منهنجي هيءَ بي آرامي ڇُٽي ويندي، يا هن جي نابودي، جنهن جا مون کي پرون پيا پون، سو دُک لهي ويندم! آءُ چنڊال ڪين آهيان؟ دوزخي، نِگهرو، جنهن جو پنڌ بند ٿيڻو ئي ڪين آهي؟ آءُ پوت آهيان. مون لاءِ آرام نه آهي، نه ڪا منزل آهي، نه مراد آهي. آءُ انهيءَ نهر جيان آهيان، جا مينهن جي پاڻيءَ سان سُجي، تڪرن تان لهندي گجي ڪندي، نابودي جو پنڌ ڪري، ذوم منجهان، انڌي اڙواهه مٿان اچيو ڪڙڪي؟ اهڙي ديواني نهر جي پر ۾، هوءَ هڪ بالڪ هئي. بالڪ جا جذبا به بالڪ جهڙا ئي هئا. جبل جي سائي ٽڪر ۾ هن جي نماڻي جهوپڙي هئي، جا ئي هن جي پيار جو، آس جو، اُميد جو جهان هئي؟ ۽ آءُ، ڏٺيءَ جو ڌڪاريل مون کي اهو ڪين خيال پيو. خوفناڪ نهر جنهن جبلن کي جهلي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪين ڏاري، متيءَ جان پرزا پرزا ٿي ڪري ڇڏيو، ۽ جيڪي اڳيان ٿي آيم تنهن کي پاڻ سان گھلِيندو ٿي ويس. اڙي هن کي، هن جو آرام، هن جي خوشي، سڀ کي ٿو نهوڙي نيان؟ دوزخ! دوزخ! هيءَ بہ دوزخ جو بک! تنهنجو پروسو شيطان! باقي وقت جهت پورو ڪر! جيڪي ٿيڻو آهي، سو جلد ٿي ٿئي! هن جي نابوديءَ جو بوجو اچي مون تي ڪڙڪي. نابود نابود سڀ نابود، هوءَ آءٌ ۽ هي سڀ ايڪانت جا خيال سڀ گڏ نابود.

ميفسٽو: ڇا! وري بہ تپ جي غش ۾! ڪيئن نہ متو تو تپي ۽ ڪڙهي! پوڪ، وڃ اندر ۽ وڃي دل وندِنس.

جڏهن تڪليفون ٿيون سامهون پون، يا اوچتو مصيبتون ٿيون مٿان اچن، تڏهن موڙهل متي جو اهو حال آهي. مورک جڏهن رستو ڪونہ ڏسن، تڏهن هڪدم نااُميد ٿيو پون، عقل خطا ٿيو وڃين، ۽ پوءِ وڃيو پوئين آخرت تي موڳيون اکيون اڙائين. آءٌ ٿو چوان، فتح آهي مضبوط دل جي، جا نصيب اڳيان ٿي ڏسي، پر پرواهہ ڪين ٿي ڪري. آءٌ شيطان برابر آهيان، پر دنيا ۾ جيڪي بہ ڪُجسيون شيون آهن، تن مڙني ۾ ڪُجسي آهي نااُميدي. شيطان آهي نااُميديءَ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارگريٽ جي پنهنجي ڪوٺي

(اڪيلي چرخو ويني هلائي، ڳائي ويني ۽ پُور ويني پچائي.)

بيقراري، دل آزاري، دوست وئين هليو. دلبر جتي ناهي، مون لاءِ قبر آهي. جهان مِنو نٿو لڳي، اوندهه انڌوڪار آهي. منُ بيمار، سُورن ڪيو لاچار؛ دل پڳيءَ جا ڏاڳا ڏار. دوست ڪارڻ دريءَ مان اکيون ڪنيو نِهاريان، ڳوڙها ڳلن تان هاريان. ڇڏي گهر اڪيلي، ڦران ٿي البيلي، توکي نت ڍونڍيان ٿي. ٿا سهٽيءَ جو شان آهه، ٿا روش ۽ رَوش؛ ٿا مُشڪ چپن جي. ٿا اک جي حشمت. آواز سندس موهيو ڇڏي، هٿڙو سندس ناريو ڇڏي. محبوب جي چُمي! غائبَ ٿين سڀ غمِ! دل ٿي تولئي تڙڦي، آهُ سهٽا مون قريب؛ ٻاڪر منجهه پري، ڇاتيءَ لڳ جهلي، اچ تہ وهاريان ٻاڻ وٽ، مِنڑا ڏيانءَ مِني. چُمين سندي چاش تان، دوست وڃان قربان، پيارا وڃان مري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارٿا جو باغ

(مارگريٽ ۽ فائوسٽ)

مارگريٽ: انجام ڏينم هينئر ئي.

فائوسٽ: پڪ ڄاڻ منهنجي مِني.

مارگريٽ هاڻ ٻڌائيم، مذهب بابت تنهنجا ڪهڙا ويچار آهن. تون پيارو لائق مرد آهين، پر آءٌ ڀيئي پانيان تہ مذهب لاءِ قُرب تو ۾ گهٽو ڪين آهي.

فائوسٽ: پياري ڇڏي ڏي اهي خيال. تون ڄاڻين ٿي، منهنجو پيار ٿوتي آهي. جن تي منهنجو پيار آهي، تن مٿان منهنجو سِرُ قربان آهي. سندس چرچ يا مذهب ۾ منهنجي دست اندازي ڇا جي.

مارگريٽ: اهو تہ چڱو، پر ڪجهہ صدق بہ تہ ڪپي.

فائوسٽ: سچ؟

مارگريٽ: اڙي منهنجي جي هلي سگهي!– توکي پوتر سنسڪارن لاءِ مانُ ڪين آهي؟

فائوسٽ: مون کي مانُ آهي.

مارگريٽ: پر چرچ ۾ پرساد تہ تون ڪين ٿو وٺين. ڌڻيءَ کي مَڃين ٿو؟

فائوسٽ: منهنجي پياري ڇڏ اهي خيال، ڪير آهي جو سچائيءَ سان چئي سگهندو، ”آءٌ ڌڻيءَ کي مڃان ٿو.“؟ بشپ کان پُڇ، يا بشپ کان پُڇ، ڏس تہ سوال پڇندڙ تي ٺوڪ ٺا ڪن يا نہ؟

مارگريٽ: تڏهن تون ڪين ٿو مڃين.

فائوسٽ: غلط فهمي نہ ڪر. منهنجي پياري، هن کي ٻولي ڪير سگهي؟ ڪير چوي ”آءٌ مڃان ٿو هن ۾.“ هن کي لکي ڪير سگهي؟ ڪير چوي، ”آءٌ مڃان ٿو هن ۾.“ اهڙو ڪير آهي، جو ڇاتيءَ جهلي ڄاڻُ جو دمُ هڻي سگهي؟ ڪڏهن ڏک ٿو ڏئي تہ ڪڏهن آڌار. ڇوَ تہ هو هر هنڌ، جتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿي ڪين ٿو ۽ اڏاري ڪين ٿو ٿوڪي؟- مون ڪي؟- پاڻ ڪي؟ آسمان جو
ُنبذ ڪين آهي اسان جي مٿان؟ ڌرتي مضبوط ڪين آهي اسان جي هيٺان؟ تارا
نا نِنڊ جي، سدا مِني مُرڪ سان ڪين ڏين ٿا چوَنڪي مٿان؟ ڪين پيو آءُ
هاريان تنهنجي نيڻن ۾؟

ائين ڪين آهي تہ هو هر هنڌ آهي- ديد ۾ ۽ ديد کان مٿي، سڀ هنڌ-
نهنجي ٻاهر ۽ تنهنجي اندر، اڻ ڳڻ جنهن جي شڪتي آهي، سو تنهنجي دل
ر ۽ من ۾ ٿو وسي؟

سموري دل اُن سان ڀرپور رک ۽ جڏهن آنند- چت ۾ گُم ٿي وڃين،
تڏهن جيئن وڻي ئي، تيئن سڏينس، آنند! چت! پريم! ڏٺي! مون لاءِ هو بي
ام آهي- اندر جو سوجهرو آهي. نام آهي ڇا؟ آواز ۽ اوندهہ. جي سندس
وت کي جهَڪو ڪيو ڇڏين.

مارگريٽ: اهو تہ سڀ سُٺو ۽ سچو چيئي. پاڻو بہ ائين چوندو آهي، رڳو
ظ ٻيا هوندا آهن.

فائوسٽ: جتي ڪٿي، هرڪو ٿو پنهنجي ٻولي اُچاري. پوءِ تڏهن آءُ ڇو
پنهنجيءَ ۾ اُچاريان؟

مارگريٽ: ائين چوڻ سان لڳي چڱو پيو. تہ بہ ڪا مڙي ئي ڪَمي آهي،
ن ڪرستان ڪين آهين.

فائوسٽ: چپ، مِني.

مارگريٽ: تنهنجي سنگت ڏسي، مون کي ڏُک ٿو ٿئي.

فائوسٽ: ڇا تي چئين؟

مارگريٽ: جو شخص توسان گڏ هر هميشه آهي، تنهن کي آءُ دل سان
ڪاريان ٿي. منهنجي ساريءَ ڄمار ۾ منهنجيءَ دل کي ڪنهن بہ ڳالهہ اهڙو
هاءُ ڪين رسايو آهي، جهڙو هن ماڻهوءَ جي ڪُڏي روپ.

فائوسٽ: پياري مٺان ڪائنس ڊِڄي آهين.

مارگريٽ: هن کي رڳو ڏسڻ سان، منهنجو رت ٿڌو ٿيو وڃي! اڪثر
ڪري ماڻهوءَ ڏانهن منهنجي دل نرم آهي. پر هن کي آءُ ڌڪاريان ٿي. مون
ي تولاءِ پريم آهي؛ پانيان تہ تون مون سان سدائين هجين؛ پر هن کي ڏسڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان، مون ۾ هڪ ڳجهي لرزش پيدا ٿئي ٿي ۽ منهنجو ٻُت ڏڪيو وڃي
مون کي شڪ ٿئي ٿو ته هو پليت آهي. جي هن تي ڪا نگاهه ٿي مڙهيان ته
ڏٺي شال صبر ڏئي.

فائوسٽ: هو هڪ علحدو ماڻهو آهي، تون فڪر نه ڪر.

مارگريٽ: آءٌ جيڪر اهڙي سان ڪين گذاريان. در وٽ پيرُ پائڻ سان
وينو ٺٺول جيان نهاري؛ ۽ پڻ ڪروڌ ۾، هن جو مُنهن ڪارو ٿيو وڃي. تون
ڏس، هو ڪنهن به ڳالهه سان واسطو ڪين ٿو رکي. اِهو هن جي پيشانيءَ تي
لکيل آهي: هن کي ڪنهن به جيوَ لاءِ پريم نه آهي. ۽ جڏهن آءٌ تنهنجي پاڪر
۾ بيحد خوشيءَ منجهه هجان: تنهنجي پريم ۾ توکان سواءِ سڀ وساريو
ڇڏيان، تنهن وقت، بنهه تنهن وقت، هو پڪ آيو رهيو. منهنجي دل سرد ٿيو
وڃي، ٻُڏيو وڃي.

فائوسٽ: منهنجا فرشتا، تون ائين چو ٿي سمجهين!

مارگريٽ: منهنجي دل اهڙي قبض ٿيو وڃي، جو هن جي اچڻ سان آ
پيئي پانيان، ته منهنجو پيار تولاءِ بس ٿي ويو. جتي هو آهي، اُتي منهنجي
بندگي بند آهي. هيءَ ڳالهه منهنجو اندر کائي ويئي آهي. هينئر تون به ضرو
مون وانگر پائيندو هوندين.

فائوسٽ: نه نه، هي سڀ اٽپوٽ آهي.

مارگريٽ: هاڻ آءٌ وڃان ٿي.

فائوسٽ: افسوس! آءٌ اڄان توسان ملان ٿي ڪين، ته ڪونه ڪو پَنگ
اچيو پوي! چا. ڪڏهن ڪو ڪلاڪ به ڪين جڙندم، جڏهن ڇاتي ڇاتي
سان لڳائي، جيءُ جيءَ سان ملائي تو وٽ آرام سان گذاريندس!

مارگريٽ: اڙي، جي رڳو ڪٿي آءٌ اڪيلي سُمهندي هجان، ته اڄ ئي رات
جو در جو تاڪ لاهي ڇڏيان! پر منهنجيءَ ماءُ جي ننڊ به اهڙي ڪا آهي جو
جهُ جاڳيو پوي. پاڻ ڪنهن مهل جاڳي، جي توکي ڏسي، ته پوءِ آءٌ ته پانيان
تي ته ساڻي تي مري وڃان.

فائوسٽ: پياري، ڪدي ڇڏ اهي خطرا: هان، هيءُ اٽئي شيشي؛ رڳو ٽي
ڦڙا وتيءَ ۾ ملائي ڪٽي پيارجانس ته گهاٽي ننڊ ۾ پئجي ويندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارگريٽ: تون جيئن چوندين، تيئن آءٌ ضرور ڪنديس. توکي انڪار ڪيئن ٿي ڪري سگهان؟ نقصان ته ڪونه رسندس؟

فائوسٽ: بنهه نه، نه ته جيڪر آءٌ ههڙي صلاح ڏيانءِ؟

مارگريٽ: منا پيارا، توکي نهاريان ٿي، ته ائين پيئي ڀانيان، ته جيئن چئيم تيئن ڪريان. منهنجو هيڪڙ بند ٿيو وڃي. تو ۾ ڪا اهڙي ڇڪ آهي، جا مون کي وس ڪيو ڇڏي؛ هر ڪنهن ڳالهه ۾ تنهنجو ارادو مون لاءِ رهبر آهي. جڏهن هيترو ڏنم، تڏهن باقي توکان ڇا جو انڪار ڪريان؟

(وڃي ٿي.)

ميفسٽو: (اندر گهڙي ٿو اچي) ڀولڙي! ويئي؟

فائوسٽ: وري- جاسوسي؟

ميفسٽو: هائو، صفا ٻڌم ته ڊاڪٽر صاحب ڪيئن نه مڪتب ۾ داخل آهي. شاگرد ٿي ٿو سکي، ۽ ڪيس سوال ٿي هڪ نينگر وجهي؛ اُميد اٿم ته سکيا ڀاءِ پيئي هوندءِ! نينگريون ڇو پيون مذهب مذهب ڪنديون آهن؟ ڳُٺتي ڇا جي اٿن؟ ڀانئين ٿيون ته جو مرد پُراڻي ڌرم جو پوڄاري آهي ۽ جو ٻائي اڳيان گوڏا کوڙي ڪنڌ نوائيندڙ آهي؛ سو زال ڀنيان به ضرور هلڻ وارو آهي. پوءِ زال ڪاڻ حياتي سکي سولي ۽ سني نهي پيئي آهي. نينگريون ائين پيون ڀانئين ته مذهب جو اثر مڙس کي زال جي پلوَ سان ٻڌيو ڇڏي؛ جي ٻاون جا چيلا، سي زالن جا به چيلا.

فائوسٽ: اڙي! ڪهڙو نه تون راڪاس ڇٽين، جو ڏسين نٿو، ته هن نينگر جو سچو نينهن ٿو ويچاري پڳڻ کي ويچار ۾ وجهي ته متان سندس پياري کي ڪو جوکو رسي. هن جو ڀاوَ اهڙو آهي. هن لاءِ انهيءَ ڌرم منجهه ئي مُڪتي آهي. هوءَ سمجهي ٿي ته متان سندس پياري جي آتما کي ڪو ڇيهو رسي.

ميفسٽو: هل زڙي مورک، ڪامي- پَسون ۽ ٻڻ گياني- ڇوري ڇنيلي ڪيئن نه ٿي نڪ کان جهلي هلائي!

فائوسٽ: راڪاس. گند ۽ باهه جا ٻچا.

ميفسٽو: (نفرت سان) واهه ۽ وري ڏس ته مُنهن پرکڻ ۾ ڪهڙي نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماهر آهي. ڪيئن نہ ماڻهن جا مُنهن پڙهي ٿي ڄاڻي. چوي ٿي تہ منهنجي مُنهن ۾ مُرڪ ۾ ٻچان ۽ نفرت آهي؛ منهنجي مُنهن تي ڪو برقعو چڙهيل آهي، جنهن جي اندر غيب آهي؛ آءٌ ڪو سچ پچ شيطان آهيان. ڇگو اڄ رات...

فائوسٽ: اڄ رات تنهنجو ڇا وڃي!

ميفسٽو: منهنجي بہ وندر- ڏسنداسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوھہ تي

(مارگريٽ ۽ لِزي سندس ساھيڙي، ٻنھي جي مٿن تي دِلا آھن.)

لِزي: ھٿنا جي ھوءَ ڳالھہ ٻڌي اٿئي.

مارگريٽ: نہ اڪر بہ نہ- ٻاھر ئي ڪانہ نڪتي آھيان.

لِزي: ڪيٽيءَ اڄ ٻڌايم- سچ آھي تنھن ۾ نہ رتي بہ شڪ نہ آھي. اھي آھن نتيجا نشن نشن جا. مان تہ ھميشه چوندي ھيس تہ اھو ھٺ نيٺ مارائيندس.

مارگريٽ: ڇا تي چوين؟

لِزي: ھون! توکان سواءِ ٻيو سڀ ڪو تو ڄاڻي... ڪائي ھڪ، ڪارائي بہ.

مارگريٽ: ويچاري؟

لِزي: ھان! ويچاري! چوءَ ڪونہ ڪو مِکر ڪري پيئي، انھي سينڌي سان ڳڌبي ھئي، ھر ڪنھن محفل ۾، ھر ڪنھن مجلس ۾ پاسن ۾ پيئي ڳجھيون ڳالھيون ڪندي ھيس. ٻانھن ٻانھن تي، جيڏانھن تيڏانھن لڳي پيئي ھوندي ھيس. وري سمجھندي بہ پاڻ کي مٿاھون ھئي. رلي پني، وھندا ھئا ڪانن تي، پوءِ ڪاھہ ڪيڪَن تي ۽ لُٽ دارونءَ تي. ڪيڏو نہ وري سونھن جو ٻانور! ۽ ڪميٽي وري ڪھڙي جو چويس تہ عمديون عمديون سوکڙيون بہ ضرور ڏينم. ماڻھو اڳيان ڪونہ ھجي، تہ ھلن مِنيون منيون لانيون. آخر پينگر ڏيئي ڇڏيو، جيڪي بہ ڏيئي سگھي!

مارگريٽ: ويچاري، ويچاري!

لِزي: سڄو تون تي مٿس رحم ڪائين؟

اسين ڇرخن وٽ، سوگھيون ونيون ھونديون ھيوسين؛ اسان جون نائر ٻاھر نڪرڻ يا مردن سان گھمڻ نہ ڏينديون ھيون، تڏھن ھو ڏس تہ يا در جي ٻاھر يا اوندھہ منجھہ پيا لتڪندا ھئا. ھاڻ تہ آيو آھيس پڇتاءَ جو سمو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاٺ تي ويهي ڪاتڻ جو. مون کي تہ هن جي سزا جو ٻڌي ڪوبہ ڏک ڪونہ ٿو ٿئي.

مارگريٽ: ويچاري غريب! پر هو ساڻس پرڻبو تہ ضرور.

لِزي: هو! هو اهڙو پُوڪ چو ٿو ٿئي- شيطان پاڻ ڪٽي وجيس- چون ٿا تہ هو تہ ويو نڪري، جلد ئي نئين ڳولي لهندو.

مارگريٽ: اهو انصاف نہ آهي.

لِزي: پر جي پاڻئي ٿي تہ پڪڙي هٿ ڪنديس، تہ ڏسج تہ شاديءَ جو هار بہ ڀاڙي جا ٻار گل گل ڪري، پٽي چني ڪيئنَ نہ ٽا پورو ڪن. ڏس تہ اسين بہ ڪيئن ٿيون ڪيس آزاري ماريون ۽ سندس در تي هلي ٿيون مٿس ٺٺوليون ڪريون، ۽ ڪيس واڌايون ڏيڻ وقت چوڏا لاهيون.

(وڃي ٿي.)

مارگريٽ: (گهر موٽي) اڳي جڏهن ڪا نينگر اُبتي پير تي پوندي هئي، تڏهن آءٌ ڪيڏي نہ ٺوڪبازي ڪندي هيس. ڪنهن ڪُڏي ڪرم جو ٻڌندي هيس، تہ زبان تي مهڻن ۽ عتابن جا لفظ چڙهي ايندا هئم. چوندي هيس: ههڙو ڪُڏو ڪم، ههڙو ڪُڏو ڪم. ٻيئي ڪاري کي وڌيڪ ڪارو ڪندي هيس؛ هر قسم جا لفظ پنيندي هيس؛ تہ بہ دل پوري ڪانہ ٿيندي هيم. پاڻ کي ڏاڍو چڱو ڀانئيندي هيس، ۽ ڪنڌ اوچو ڪري هلندي هيس. ۽ هاڻ، آءٌ ج ائين ڀانئيندي هيس، سا آءٌ ساڳي آهيان؟ پر منهنجو ڪهڙو وسُ! ڪنهن ۽ وسَ هلي سگهي ها؟ سڀ ڪهڙو نہ چڱو ٿي لڳو. ڪهڙو نہ مِنو ٿي ڀاسيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چرچ

(پِٽ ۾ ڪنواريءَ ميريءَ جي مُورت آهي. گل چڙهيا پيا اٿس. ارگريٽ نوان گُل ٿي چاڙهي.)

مارگريٽ: ماتا مهربان، ڪر ڪا مون تي مهر، تون درد وند ديوي. هنجي پياري پُٽ جو تو ڏٺو ڏک اَجهل. پيءُ کان آسيس نت، تون، مگّي ٿي ڙ. نماڻيءَ جا ڦڙا ديوي ڇُنائج. تون ڄاڻين ڄاڻڻ هار. سخت درد آهي؛ مٿي ۽ ڏي ڪي ڇيريو تو ڇڏي. منهنجي غريب دلڙي، سُورن منجهه پُري، لڇي، ندي گهٽي، ڏکن ۾ ڏجهي ٿي، ڏبُ ۾ ڏڪي ٿي. نه اوهي نه واهي، نه اَجهو آسرو، بنان تو ديوي. درد وند ديوي، تون ڄاڻين ڄاڻڻ هار. ڪٿي وڃان، ڪيڏانهن وڃان؛ مصيبت بنا ٻيو ڪجهه نٿي ڏسان.

رويو روئان ٿي، آهون ڀريان ٿي، دلڙي پگل، آءٌ ڇاتي ڇنل.

ڳلڙا ڳوڙهن ۾ پَسيو پون ٿا. ٻيا سڀ ننڊن ۾، هڪ آءٌ ئي ڏُکن ۾، رويو ئان ٿي. دردوند ديوي، سڀ ڪجهه ڄاڻين ٿي؛ انت جي سمي ۾، بچائج ن کي؛ مهر ۽ ميا سان نهارج مون کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات

(مارگريت جي درُ اڳيان وئلنٽائين، مارگريت جو ڀاءُ، جو لشڪر ۾ آهي، بيٺو آهي.)

وئلنٽائين: رڳو ٿورا ڏينهن ٿيا، تہ سنگتي، محفل منجھہ ملي ڳالهيو ڪندا هئاسين، خوشيون ملهائيندا هئاسين. موج منجھہ هرڪو واري تہ پنهنجيءَ پياريءَ جي نالي، پيالو چپن تي چاڙهي، ساراهہ منجھہ چُٽڪند هو. جڏهن منهنجو وارو ايندو هو، ۽ مون کي چوندا هئا تہ ٻڌاءِ تہ تنهنج دلڙي ڪٿي آهي، تڏهن آءٌ چوندو هوس: منهنجي دلڙي منهنجي گهر آهي. منهنجي ڀيڻ جهڙي ڪا ڪنيا! جهڙي سچي، تهڙي سُندر. منهنج ائين چوڻ تي سڀئي خوشيءَ ۾ واهہ واهہ ڪندا هئا: ”برابر، برابر، جا آو أٿندا هئا، شيشا ۽ پيالا چمڪات ڪندا هئا: ”برابر برابر ڳوٺ جو فخر آهي. پر اوچتو ئي اوچتو، ساراهيندڙ سڀئي گونگا ٿي پيا. ۽ هاڻ! اڙي آءٌ ڪريان. مٿي جا وار پٽي سڀ ڦنا ڪريان. نااُميديءَ ۾ ميجالو پيچي ڇڏيار دل منهنجي رتورت آهي. جيڏانهن تيڏانهن اُگرا لفظ ٻڌيو دل ۾ خنجر تا لڳر جيڪو بدمعاش لنگهي، سو اک،ٿيڏي ڪيو، پيو نهاري. نفرت جا ط منهنجو تحمل ڪڏيو وجهن. لاچار آءٌ دک پيٺو وڃان. منهنجو حال قرضدار وانگر آهي، جنهن کي قرضي گاربون پيو ڏئي، پر ويچارو ڪٿل سہ پيو وڃي! عتاب سچو آهي، پوءِ وڙهان ڪيئن؟ اڙي! اُجهو هو بدمعاش؟ ه صحيح ڪين آهيان؟ اهو آهي. انهيءَ کي تہ آءٌ ڇڏڻ وارو ڪين آهيان.

(فائوسٽ ۽ ميفسٽو)

فائوسٽ: ڏس تہ هن دريءَ مٿان ڏيٺو آهي، سندس لاٽ سدائين ه آهي ۽ پاسن کان، روشني جهڪي آهي؛ پر چوڌاري ڪاري رات آهي. ه سان بہ ساڳي ڪار آهي. منهنجي چوڌاري اوندهہ مون کي وڪوڙي ويئي آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميفسٽو: آءٌ آهيان، چور دڪ ٻلي وانگر، جو ڀتين جي چوڏاري وارا ٿو ڏئي، باهہ جي اُڀين ڏاڪڻين مٿي ء هيٺ ٿو لهي؛ اوندهہ ۾ هيا ٿو هٽي؛ لڪ چپ ۾ مزا ٿو ماڻي. بس، بس؛ موڄ جو وقت آيو ڪي آيو. والپور رات آئي ڪي آئي. ڇا شان ڇا چرچو، ڇا مزو. منهنجو لڳ لڳ ٿو هوش ۾ اچي، باقي هڪڙي رات، ء هڪڙو ڏينهن، پوءِ خبر پوندي تہ حياتي جي قيمت ڪهڙي آهي.

فائوسٽ: ڏسين ٿو نيلي روشني؟ اهو آهي ڇا خزانو؟ اتي آهي ڇا؟ اونداهي ڏرتيءَ مان ٽپ ڏيئي ٻاهر ايندو ڇا؟

ميفسٽو: تحمل ڪر- ڍبلي ڄڻ پڌري ٿي- مون منجهس ليئو پائي ڏنو، وڏيون مُهرون پيل هيون.

فائوسٽ: ڇا! رڳو ناڻو؟ انهيءَ مان ڪهڙو فائدو؟ نڪا منڊي، نڪو دُر؟ پياريءَ لاءِ ڪوبہ مٽيو نہ؟

ميفسٽو: ها ها؛ ڪي موتي بہ منجهس آهن.

فائوسٽ: واهہ واهہ. هن وٽ بنا سوڪڙيءَ جي وڃڻ، سُهڻو نٿو لڳي.

ميفسٽو: ڇا. تون پاڻئين ٿو تہ اهڙي ڪا خوشي آهي ئي ڪانہ. جا ناڻي ڪان سواءِ ماڻي نٿي سگهجي؟ آءٌ انهيءَ ۾ توسان شامل راءِ نہ آهيان؛ پر ڏس تارن سان ڀريل آسمان ماٺ ۾ اچي ويو آهي. هينئر هڪ پل سانت ڪر تہ آءٌ ڌرمي راڳ جي ڪا اهڙي مِني لات ڳايان، جا دل موهي ڇڏيس.

(سُرندو وڄائي ڳائي ٿو.)

ڪنيا پياري، گهر ڇڏي تون متان گهارين. يار جي در تي پير نہ پائج، سترُ ٻنهنجو ڪين وڃائج. سُندريون ناريون اوهين ويچاريو، مصلحت منهنجي متان موتايو، دلڙيون پنهنجون خوب سنڀاليو، متان آخر ۾ پڇتايو. جوانن ڪان اوهين پاسو ڪجو، ڇيو سندن مُور نہ ونجو، پلي زبان جا قول ڪن، ڪهڙا بہ وڏا قسم ڪڻن؛ هيءَ سڀ اجائي ڳالهہ آهي، جيسين آڱر ۾ منڊي ناهي.

(وئلنٽائين ٿو اچي.)

وئلنٽائين: ڪيئن هتي آيا آهيو؟ ڪوتا- پڪڙائو، ڇا مارڻ لاءِ آيا آهيو؟ هي دل جهڻيون ڇا جون آنديون اٿو. هان وٺ بدمعاش.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميفسٽو: شاباس، ڇوڪر شاباس. ويچارو سُرندو ڪري پيو.

وئلنٽائين: هاڻي باقي هن جو متو ڦوڙيان.

ميفسٽو: ڊاڪٽر صاحب وجهه اٿئي. هٿ تنهنجو آءُ هلائيندس- همٿ ڪر- سو گهو پوينس- واهه دلبر- پري وڃاءِ- ڪڍ ترار، ڪوڙي وجهينس.

وئلنٽائين: اچيئي ٿو.

ميفسٽو: ٻاراڻي! هي ڇا ڪندو.

وئلنٽائين: وٺ پلا.

ميفسٽو: ساڳيو ساڳيو.

وئلنٽائين: شيطان ٿو واهر ڪريس. هٿ منهنجو اوڇتو ڦٽجي پيو.

ميفسٽو: هاڻي گهسينس.

وئلنٽائين: ماري وڌائين، اڙي پڳوان.

(ڪري ٿو پوي.)

ميفسٽو: ويو پُوڪ مري. آءُ هليو، نڪري هلون. پل به نه وڃاءِ. خون خون جي راڙوراڙ اچيئي لڳي ويئي آهي. جيتوڻيڪ پوليس وارن سان منهنجي ڄاڻ پڇاڻ آهي، ۽ منهنجا منجهن سنگتي آهن، پر هي حادثو وڏو آهي، انهيءَ ڪي ناهڻ سولو نه آهي.

مارٿا: (دريءَ وٽ) آهي ڪو، آهي!

مارگريٽ: (پنهنجي دريءَ وٽ) ڪا بتي، بتي!

مارٿا: اڙي اڙي ڪيئن ٿا وڙهن، ڪيئن ٿا لڙن!

ماڻهو گهٽيءَ ۾: هڪڙو ته مري ويو.

مارٿا: پڪڙيو، خونين کي- ڀڄي ويا ڇا؟

مارگريٽ: (ٻاهر نڪري) ڪير ڏٺو؟

ماڻهو: ماڻهوءَ جو پٽ.

مارگريٽ: او ڏٺي!

وئلنٽائين: مران ٿو. سويل ئي خلاص. اڙي رڙو ڇو ٿيون؟ روئو ڇو ٿيون؟ ٻڌنديون ڪين؟ آءُ مران ٿو، مارگريٽ ڪجهه ويچارج، تون اڃا ننڍي آهين، پر ڪم چڱا نه اٿيئي: ڪَن ۾ ٿو چوانءِ، تون اڃا ننڍي آهين، پر تون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجري آهين: مگر ڇڏي، پڌري ٿي. اهو بهتر اٿيئي، يا هي، يا هو.

مارگريٽ: ڏٺيءَ منهنجا! ياءُ منهنجا، ڇا ٿو چوين؟

وئلنٽائين: ڀڳوان جو نالو تہ نہ ڳنهہ. افسوس! جو ٿيو، سو ٿي چڪو. هاڻي جيڪي ٿيڻو هوندو سو ٿيندو. هيءَ بڇڙي راند صفا پيئي آهي. شروعات لِڪ اٿس، پڇاڙي شرم اٿس. پهرين هڪڙو آيو، لِڪ گهٽ ٿي. ٻيو آيو، ٽيون آيو، تان جو اوائل جي لڄاڙي، هاڻي پڌري پَٽ اُڌاري.

شرمندگي جڏهن ڄمي ٿي، تڏهن روشنيءَ کان لِڪي ٿي، اوندهہ جو برقعو پائي ٿي؛ ڪا ڇُر ٿئي ٿي تہ ڏڪي ٿي؛ نيچپائي جا پوش پائي ٿي. جيسين پاپ سان هري ڪانہ آهي، تيسين اڻ ڏٺي ۽ اڻ ڄاتي گهمي ڦري ٿي، اندر جي آواز کي، گهُٽي ٿي. پر ٿورو وڏي ٿي، تہ اگهي پير ڪڍي ٿي. خواريءَ سان هٿ ۾ هٿ ڏيئي، پڌري پٽ شاهي سڙڪ تي هلي ٿي. ڏينهون ڏينهن روش وچينس ٿي کهري ٿيندي، بڇڙي ٿيندي؛ ماڻهو ڏسي هاڻي تهن ٿا، پوءِ ڏينهن ڏٺي جو هوءَ اُگهاڙي رُلي ٿي.

ٻڌ، آءٌ هينئر ئي اُهو ڏينهن پيو ڏسان، جڏهن تو کان سڀ ڀڄان ۽ نفرت سان تهي اٿين پاسو ڪندا، جيئن پليگ جي مُردي کان تهي پاسو ڪجي. آءٌ پڇتاوَ جا اُهڃاڻ ڏسان ٿو. اڙي، پوءِ رستن جي رولو، نڌڻڪي نينگر، ڪيئن تون سندس سنمک بيهي سگهندينءَ. پوءِ سونيون ڪنٺيون وريَ ڇُٽيون! پوءِ اُهو سُندر روپ ڪٿي، جو مڙهيءَ ۾ ۽ مجلس ۾ پيو ڀڙڪندو هو.

وري ڪنهن مجلس ۾ ڪين ڏسينءَ، وري تنهنجي ڳچيءَ ۾ سفيد جهالر ڪانہ ڏسبي؛ پر ڪنهن غليظ ڪنڊ ۾ ڪجرين وٽ پيئي هوندينءَ؛ تڏهن معلوم ٿيندءِ، دل پرزا پرزا ٿيل نينگر، تہ ڏٺي در ٻاجهہ آهي، پر ماڻهو کي ٻاجهہ نہ آهي.

مارٿا: ٻئي جهان ڌاڻهن ويندڙ پراڻي، تون ٻاجهہ لاءِ عبادت ڪر. ڏٺيءَ جون پٽون پنهنجي سِر تي وسائڻ کان خوف ڪر.

وئلنٽائين: راڪاسڻ، اها تنهنجي ڪوڙهي ڳل جيڪر ڦاڙيان! ڏوتي! گناهہ جي ٽوڪري، گولي! پوءِ جيڪر منهنجو ضمير نري، ۽ دل تان سڀ بوجا لهي وڃنم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارگريٽ: منهنجو ياءُ: اڙي ڪهڙو نہ ظلم. ياءُ! معافي، روئان ٿي.

وئلنٽائين: مون لاءِ روئڻ بند ڪر. تنهنجو بدچلن ٿيڻ مون لاءِ سڀ ڪان وڏو ڦٽ هو. آءٌ بنا ڪنهن ڀوَ جي وڃان ٿو، جيئن جڳائي بهادرن کي- ڏٺيءَ ڏي ۽ جوڌي جي قبر ڏي.

(مَري ٿو.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چرچ

(عبادت چالو آهي، شبد پيو ٿئي، ڪيترائي ماڻهو آهن. مارگريٽ بہ منجهن آهي. مارگريٽ جي پٺيان پاپ آتما بيٺي آهي.)

پاپ آتما: ڪيئن ڙي مارگريٽ، هينئر تہ قصو ٺي ڦري ويو. تون هن چرچ جي ابوجهہ ۽ پوتر پُتلي هوندي هئينءَ: پاڪڪتاب مان وچن وننڊي هئينءَ، تنهنجو باراڻو من اڌ راندين روندين ۾ مشغول هو تہ اڌ ڏٺيءَ سان لڳل هو.

هاڻي ڇا ٿي پائنين؟ ڪيئن ٿي پائنين؟ تنهنجي منُ ۾ ڇا ٿو وسي؟ تنهنجي دل ۾ ڪيڏو نہ گناهہ جو بوجو آهي، پاپ جو بارُ آهي! ڪي ماءُ جي آتما لاءِ عبادت ڪرين ٿي؟ تو پنهنجي ماءُ کي ننڊون ڏيئي ماريو. ٻڌاءِ تنهنجي ٻنيي تي ڪنهن جو خون ٿيو؟

تنهنجي ڇاتيءَ ۾ تہ وڏي مونجهہ آهي؛ رويو پيٽي روئين: پرون پيا پوني تہ آخرت آئي ڪي آئي.

مارگريٽ: توبهہ توبهہ! اڙي ڪهڙا نہ ڪارا خيال ٿا منهنجي منُ مان هلن، سڀ ٿا مون کي ڏوهہ جا ڏنبُ ڏين! اڙي ڪيئن ڇٽان، ڪيئن بچان؟

(شبد جي ڏمر ٿي مچي.)

پاپ آتما: قيامت اچي ٿي، توتارو وڄي ٿو، قبرون کُلن ٿيون، تنهنجو جيءَ موت جي ننڊ مان جاڳي ٿو، ڏڪي ٿو، باهہ جي دوزخ لاءِ تياري ٿئي ٿي.

(شبد جي ڏُمر ٿي مچي.)

مارگريٽ: آءٌ تہ هتي گهُٽجان ٿي؛ هي ٿنيا ٿا مونکي ڳهن، ڪمانون ڪرن ٿيون: مون کي ٻُوساٽين ٿيون- هوا... هوا!

پاپ آتما: پاڻ ٿي لڪائين! توکي گناهہ ۽ شرم ڳولي ڪڍندا! هوا؟ روشني؟ آفت! سڀ روشنيءَ جا ڪرڻا ٿا توکان مُنهن موڙين، سڀ پوتر آتمائون ٿيون توکي ڇهڻ کان ڪنبن. آفت!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏائڻين جي رات

ميفسٽو فلس ۽ فائوسٽ هارٽز جبلن تان، چوپڻن گهوڙن کي ٽپالون ڪٽائيندا وڃن ٿا. واٽ تي اوندهہ انڌوڪار مان لنگهن ٿا. شر ۽ طلسم ڏسن ٿا. سنڌن پنڌ اُنهيءَ جبل جي چوٽيءَ ڏي آهي، جتي سال بسال ڏائڻين جو ميلو رات جو لڳي ٿو، جنهن کي والپور (والپرجا) جي رات تي چئجي. انهيءَ ميلي تي قسمن قسمن جا جادوگر، ڏائڻيون، شهوتي، نيچ، طمع رکندڙ وغيره وغيره روح گڏ ٿين ٿا. اهو ميلو دنيا جي براين ۽ چريائن جي هڪ مُورت آهي. جبل جي بلڪل سوڙهن پيچرن تان، ميفسٽو ۽ فائوسٽ کي لنگهڻو پوي ٿو، جن جي هينان اوڙاهہ آهن. پير کِسڪي وڃي تہ چڪنا چُور! جيئن جبل جي چوٽيءَ کي ويجهو ٿا پون، تيئن متو چڪر تو ڪائي. قسمن قسمن جي ڀوتن ۽ راڪاسن جون شڪليون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. انيڪ شر ۽ طلسم، باهہ جي روپن ۾ ڏسجن ٿا. واٽ تي سخت طوفان ٿا لڳن: ۽ ائين پيو ڀائنجي تہ هوا جا شيطان، ڏائڻين جي ميلي ڏي مزمان تي ٿا وڃن. هوا جا جهٽڪا سوڙهن پيچرن تي لڳن ٿا، جيئن نہ ڪي هٿيارن جون تکيون چهنبون ٿيون مُنهن ۾ چُڀن. اُن وقت آهستي آهستي مسافر هلن ٿا، طوفان جي ذوم ۾ وڏي گجگوڙ ٿي ٻڌڻ ۾ اچي. اوندهہ جا تهہ گهاٽا ۽ وڌيڪ گهاٽا پون ٿا. ڇپرا ۽ ٻيا رات جا پکي دپ ۽ حراس ۾ هوا ۾ ڦڙ ڦڙ ڪن ٿا. هوا شاهي درختن کي پاڙون پٽي ڦٽو ٿي ڪري. ڏرتي ڦاٽي ٿي، وڻ متي ڪجي ٿا وڃن. درخت ٻيلي جا پائر هڪ ٻئي کي ڇُهتي پاڻ بچائين ٿا، پر ٻيوس ٿي ڪِرن ٿا، پرزا پرزا ٿي پون ٿا. سخت هوا جي گهُوگهار، ماترين ۾ لڳي ٿي. انهيءَ گهوگهار ۾ جادو جو راڳ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو: ڏائڻيون، جادوءَ جي گهوڙن تي اُڏامنديون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ڏائڻيون گهوڙن تي ٻي ڊپائيءَ ۾ چڪر پائين ٿيون. آواز عجيب عجيب ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. منزل اچي ويجهي پيئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميفسٽو: هوا ڳوڙي آهي، ۽ گهٽي ٿي: ۽ مٿو ڦيرينڊڙ گهمسان، از حد آهي. دوزخ جو سمورو دنبلو حاضر آهي. سندن شڪليون اول جهَڪيون، اَڻ چٽيون آهن، پوءِ گهاٽيون ۽ پاري ٿينديون ٿيون وڃن. تون ڪٿي آهين؟

فائوسٽ: (پري کان) اجهو هتي آهيان.

ميفسٽو: هينئر ئي ايڏو دُور. هن گوڙ ۾ توکي جاءِ نٿي ملي. تڏهن آءٌ ٿو ڏيکاريانءِ ته خاوند هتي آءٌ آهيان. جاءِ ڪريو، هن منهنجي جوان دوست لاءِ جاءِ ڪريو. مِنا ماٺهو جاءِ ڏيو. ڊاڪٽر هيڏانهن مون کي ڇهٽي پؤ ته هڪئي ٽپ سان هن سموري گلي مٿان نڪري ٻاهر ٿينداسون. هي بلڪل ٻچڙا آهن، ايڏو ته شور ڪٽي مچايو اٿن، جو منهنجن ڪنن لاءِ آزار آهي. نهار هوڏانهن روشنيءَ جي پنيٺ ڏي، جيپي صفا آهي. باقي هن گندرفَ جي ڏياتين ۽ جهنگلي ٻاهين کان علحدي آهي: هل ته هن گمسان کان ٻاهر نڪري هلون.

فائوسٽ: منڪر روح- هل وني هل. جبل جي چوٽيءَ جي ايڪانت ماڻڻ جو مون کي شوق آهي.

ميفسٽو: ڏس ڏس روشنايون: ڏس ته ڪيئن ٽيون ٻرن ۽ خوشي پکيڙين. انهيءَ هنڌ ته ڪا ٽورن جي مؤجي ٽولي وڃي ڪَني ٿي آهي، جنهن ۾ ڪي ڇيدا ڇيدا روح آهن.

فائوسٽ: آءٌ جيڪر گهران، ته مٿي هجان. ڏس! ڏس! ڪيئن ڦيريون پائينڊڙ دونهن مان، ٽي لعل جوت نڪري، ڀڪي ٿي ۽ شغل ڪري ٿي. ڪيئن نه لهرن مٿان لهرون آهن. وڃن ٿا گلر وڌندا، عدد وڃن ٿا گهاٽا ٿيندا، اڳتي ۽ اڳتي ڌوڪيندا وڃن ٿا. سڀ هڪ ئي شيطان جا پوڄاري آهن، هن جي طلسم هيٺ آهن، جنهن طلسم جي ڇِڪ اَجهل آهي. گهٽين ڳجهارتن جون پروليون، هتي صحيح ڪري سگهبيون آهن. اڄ رات اُهي منجهيل ڏاڳا سمجهي سگهبا.

ميفسٽو: اڄ رات ٻيون ڪيتريون پروليون رٿبيون، جن جو جواب ڪين ملندو. پر هاٺي اڄ ته دنيا جو گهمسان ڇڏي هن ايڪانت جي ڪُنڊ جو مزو ونون. هميشه دستور آهي ته مزمان ننڍي ننڍين ٽولين ۾ پکڙجي ويندا آهن. ڏس، هو جوان ڏائٽيون، سڀ مگن آهن، ۽ وڏڙيون سڀ لڄ ۾ پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونهن ٽيون لڳائين. آءُ آءُ. چهرو خوش رک؛ من مون تي مهرباني ڪرين. هتي تڪليف ڪانه آهي، اڪثر فرحت آهي. راڳ ٿو بڌڻ ۾ اچي. پهرين اُگرو ٿو لڳي، پوءِ هِري وڃبو ته بهتر لڳندو. اچ اچ، ضرور اچ؛ آءُ پنهنجي معزز دوست کي هلي هتي سان ملاقات ڪرائيندس. ڪيئن ٿو ڀانئين، هي ڪمرو ڏڳهو ۽ عمدو ڪين آهي؟ پڇاڙي ته ڏسڻ ۾ ئي ڪانه ٿي اچي. باهين جي قطار آهي. گهٽ ۾ گهٽ سؤ ته خوب ٽيون ٻرن! ڏس ڏس، ته ڪهڙي مؤج لڳي ويئي آهي. چرچو، ڪل ڪل، ناچ جي ڌم. دارونءَ جا دنگ نڪري ويا آهن، ڪاڏا تيار پيا ٿين، عشق جي بازار گرم آهي. ڇا دنيا ۾ هن کان متي ڪا بي مؤج ٿي سگهي ٿي؟

فائوسٽ: توکي ڇا سمجهون؟ شيطان يا جادوگر؟

ميفسٽو: آءُ اڪثر ڪري، ويس بدلائي مسافري ڪندو آهيان؛ پر وڏن ڏينهن تي، جڏهن وڏا ماڻهو پنهنجا ٻلا ڏيکاريندا آهن، تڏهن مون کي ته ڪا اهڙي پڌرائي جي گهرج ئي ڪانه هوندي آهي، جو ته لنگڙي پير جو هت وڏي ناموس آهي. اهڙي موقعي تي آءُ ويس بدل ڪري نٿو سگهان. ڏس، ڏسين ٿو هو شنبوڪ جو پيت تان ٿو ترڪندو اچي. ڏسڻ، سُنگهڻ ۽ ڇُهڻ سڀ هڪ ۾ ئي گڏ آهن. هيڏانهن ٿو سُرندو اچي. سونديون باهر ڪڍيون اٿس. سياويڪ ڪيس سُڌ پئجيو وڃي ته آءُ هتي آهيان؛ سو جنهن وقت هن کي اهو سماءُ ٿو پئي، تنهن وقت گهاتي نند مان به اوچتو اُٿيو ڪڙو ٿئي ٿو. پوءِ ڇُهندو، سُنگهندو، ۽ ڏسندو بيو چؤڌاري سونجهيندو. اچ، اچ مون سان. باهه مان لنگهي ٿا باهه ڏي هلون. جنهن وٽ آءُ توکي وٺي هلان، تنهن سان تون عاشق ٿي رهاڻ ڪج.

(اڳتي هلن ٿا ته هڪ ٽولي ٿا ڏسن. باهه جا فقط ڪي وسايل ٽانڊا پيا آهن. ٽوليءَ ۾ آهن سپهه سالار، وزير، پوءِ ڊاول، ۽ پاڪ ڪتاب به پڙهائيندڙ.)

ميفسٽو: ڪيئن آهيو پريا مڙس، ڪيئن پيا هِن ڪُنڊ ۾ گهاريو؟ جو هتي سنت ٿيا وينا آهيو. اُٿي ڏسو وائسو، چست رهو، رهاڻ ڪريو. ڏسو ته پريان هُو جوانڙيون، ڪيئن نه ڪل ڪل لڳائي، پيون خوشي ڪن. هتي به اچي جي موڳا رهيا، ته اچڻ مان سُود ڪهڙو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سپهہ سالار: ماڻهن جي ساراهہ تي ڪهڙو ڀروسو آهي؟ پل عمر ڪٽي سندن لاءِ لڙايون ڪائجن. جهڙا ماڻهو تهڙيون نينگريون: بلڪل بي شُڪر. جوانڙيون آهن مِٺيون، ٻُڍيون آهن ڪَٺيون.

اڳيون وزير: هينئر باقي رهيو ڇا اڃي آهي؟ اڳيان وقت واهہ جا هئا. اُن سمي ۾ بادشاهہ ۽ سندن درٻاري، اسان جي محبتا ۾ هئا. ۽ اُنهن وقتن ۾ هوندا ئي اسين اختيار وارا هئاسين، جيڪي ڪريون سو نهي.

ٻوءِ ڊاول: آءٌ ڪنهن وقت دولت جي ڀنيا هوس: سڀ شڪ ۽ ضمير پورا ڪري ڇڏيم: سندس سونيون سوڪڙيون ڳولي لڌيم. پر افسوس! چڪر ڦري ويو.

ٻاڪ ڪتاب پڙهائيندڙ: ڪيئن نہ ماڻهن جا زائفان ڦرندا وڃن ٿا! جي ڪتاب اڳي اسين مڪيہ سمجهندا هئاسين، سي هاڻ ڪو پڙهي ئي ڪونہ ٿو. ۽ وري نڪتہ چين جي ساماٿا آهن، سڀ پاس خاطري ڪندڙ، ٻڪ ٻڪ ڪندڙ، مُورک ۽ ڪُندا.

ميفسٽو: (اوچتو هڪ پيرسن جهڙو روپ ٿو ٺئيس.) ٻانيان ٿو تہ دنيا هاڻي پوڙهي ٿيندي تي وڃي؟ قيامت جو ڏينهن آيو ڪي آيو، هي پويون دفعو، ڏڪندو ڏڪندو نبل قدمن سان، ڏاڻين جي ٽڪريءَ تي چڙهي آيو آهيان. حياتيءَ جو آب، مون ۾ ڪم آهي: تنهن ڪري آءٌ پوڙهو، پيو ٻانيان تہ دنيا بہ هلڻ هاري آهي.

هوڪو ڏيندڙ ڏائڻ: آهي ڪو خريدار؟ آهي ڪو خريدار؟
وڏو واپار! وڏو واپار!
هجي ڪو شوقين پرکڻ وارو: اچو اچو اچي ڏسو!
اڪثير مال، عجيب مال.

جانچي ونو، اڻ لپ ۽ آملهہ. هڪ هڪ چيز زمين تي پنهنجو پنهنجو ڪم پورو ڪيو آهي.

وننڊو ڪير خنجر هي- هِن پيتو آهي پاءُ جو رت. وننڊو ڪير پيالو هي- هِن ۾ هئي پڙي، جا جنهن ڳٽي سو پورو ٿيو. وننڊو ڪير ڪٽوري هيءَ- ٻائي جنهن ۾ زهر وجهي، ماريو ابوجهہ ڇيليءَ ڪي. وننڊو ڪير زنجير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي، وندو ڪير موتي هي. اي جوان، تون وٺ هي: انهن موتين سان هڪ شاهوڪار هڪ عورتءَ جو سَتُ بگاڙيو هو. ويچاريون عورتون! ويچاريون عورتون! جهڙيون مهربان، اهڙيون چڱيون، پر جهٽ پَٽُ ۾ جهُري پون ٿيون. دليون جن جون آهن انڌيون، تن جي پچاڙيءَ جو ڪهڙو حال! عشق گهٽو ئي منجهن آهي، پر عقل جو ذرو اصل نه اٿن. نابود ٿي وڃن ٿيون. ويچاريون عورتون! ويچاريون عورتون! وندو ڪير هي تراريون- بادشاهن جون عمديون سوڪڙيون، بغاوت سان هي آهن پريلون.

ميفسٽو: اڙي بُڍي، تون پُلي آهين. اڄ اهي پراڻيون، شيون ڪير ٿو وٺي. انهن کي هاٽي ڪير ٿو پُڇي، اڄ هرڪو ٿو نيون پڇي. اڳيون زمانو مري ويو، هاٽي گهرجن ٿيون نيون شيون.

فائوسٽ: مون کي ته خبر ئي نه ٿي پوي ته آءٌ ڪير آهيان؟ ڪٿي آهيان؟ ڪيڏو نه ميلو مچي ويو آهي!

ميفسٽو: سيپئي هڪ طرف وڃن ٿا ڌوڪبا، تولين پنيان توليون. اڄ هرڪو انهيءَ موهه ۾ آهي، ته هو پنهنجو شاهه پاڻ آهي، ۽ سندس خيال ٿا حڪم هلائين. اها لڪا ڪانه پوي ٿي ته ندي ڪشادي هڪڙي آهي، موڙهلن کي لوڙهي وڃي ٿي.

فائوسٽ: هوءَ ڪير آهي؟

ميفسٽو: پهرئين انسان جي پهرين زال.

فائوسٽ: ڪير؟

ميفسٽو: آدم جي پهرين زال لِللت. سنيال، هن جي چمڪندڙ وارن ۽ ڀهڪندڙ وڳن ڪان سنيال! ڪيترائي جوان هن پنيلايا آهن، ڳپروئن کي ريجهائي، ڪنيي وڃي ٿي؟ پر آفت انهيءَ تي، جنهن کي پاڪُر وجهي ٿي.

فائوسٽ: (بيءَ توليءَ ڏي نهاري) هوءَ سانوري ڏائڻ ڪيئن نه وڻي آهي: ساهه پيو مُنجهيس. اڌ مئل- ساٽي ٿي پيئي ڪِري ۽ هوءَ جوان ڏائڻ به پيئي ڏُڏي.

ميفسٽو: چو. هي مزو پورو ٿيڻ جو نه آهي. وڌ منهنجا دوست ۽ هلي عشق ڪماءِ. ڏس، نينگر ته واهه جي اٿيءِ. ناچ ٿا شروع ٿين. هل هلي شامل ٿيءُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(فائوسٽ ۽ ميفسٽو فلس ٽا نچن.)

فائوسٽ: (ننڍي ڏائڻ سان ٿو نچي) هڪ پيري مون خواب لڌو، خواب ۾ مون وڻ ڏٺو. منجهس گلابي صوف هئا. هڪ- ٻه- ٽي؛ اچ پڻ اُنهيءَ مِٺي خواب جي مستيءَ ۾، پيارو وڻ ٿو ڏسان ۽ وڻندڙ صوف ٿو پَسان.

جوان نچڻي: پيارا ننڍڙا صوف- بهشت ۾ سندن قيمت سون کان مٿي ٿي. ڏسڻ ۾ ۽ چکڻ ۾ وڻندڙ. آءُ اهڙن باغن مان ٽي موٽي آهيان.

ميفسٽو: (ٻڍي ڏائڻ سان ٿو نچي) مون خواب لڌو پر ڏاڍو ٻچڙو. هڪ ڦاٽو سڙيل وڻ ڏٺم، ته به قبول ٿو ڪريان ته وٽيم ٻي.

ٻڍي نچڻي: نئوڙي وڏي ادب سان، لنگي پير جي سردار کي آءُ ٽي سلام ڪريان: ڇاڻ جو وڻ، ٽڙ ۽ پاڙ به هن جا آهن؛ ۽ ميوو به سندس هوندو.

ميفسٽو: (فائوسٽ کي) ڇو، سويل ئي پنهنجي مِني وڻندڙ سهڻي جٽي کي ڇڏي ڏنو اٿئي؛ کهڙو نه عمدو ٿي ڳايائين، ۽ ڪيئن نه ٿي نچيائين!

فائوسٽ: ڳالهه ڪندي پيو ڊپ ٿئيم. جيڏي مهل ڳايائين، تيڏي مهل هن جي وات منجهان ڳاڙهو ڪوئو ٽپ ڏيئي نڪري آيس.

ميفسٽو: خسيس ڳالهه تي ٿو چرڪ مارين! چڱو ٿيو ته ڪوئو نه ته ڪارو هو، نڪي پيلو. هنن موڳن شڪن مان ڇا ورندو. رڳو ڪوئو هو، ڪوئي مان بنائي پريت ڇو ڪيو اٿيئي! انهيءَ ڪري تون سهڻيءَ جي ڇمين مان پڇي آئين!

فائوسٽ: ۽ تڏهن مون ڏٺو...

ميفسٽو: ڇا؟

فائوسٽ: ميفسٽو هوڏانهن ڏس ٻريان، پاڇي وانگر هڪ سهڻي نينگر، جنهن جي شڪل وڻندڙ ڇوڪري، ذري گهٽ بار- اڪيلي بيٺي آهي، مِنيون مِنيون ڏک پريون ۽ نماڻيون اٿس. اسان ڏي بيٺي نهاري- ڇُري ٿي؛ جاءِ ڇڏي ڪانه، هن جا پير ٻَڌا پيا آهن. دک پرئي قدم سان ٿي گِسڪي. آءُ پنهنجي دل مان هي خوفناڪ خيال ڪڍي نٿو سگهان ته هن جو مُنهن ته منهنجي مارگريٽ جهڙو آهي.

ميفسٽو: اهو خيال ڪڍي ڇڏ؛ هي سڀ تنهنجي گرم مٿي جو سوداءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿيئي. جا شڪل تون ڏسين ٿو، سا فقط جادوءَ جي نتولي آهي. انهيءَ تي نهارڻ مان وڏو خطرو آهي. ڏس سندس سنگِ مرمر جهڙي سخت نگاهه رت کي گهاٽو ڪيو ڇڏي ۽ رت پٿر ٿيو وڃي.

فائوسٽ: اڙي، نه. هوءَ آهي، اُها شڪل، اُها شبيهه، اُها ڇاتي جا ڪئي دفعا منهنجي سيني سان لڳي.

ميفسٽو: مورک! طلسم اٿيئي. هرڪو عاشق پنهنجي معشوق ج مهاندا انهيءَ شڪل ۾ ڏسي سگهي ٿو.

فائوسٽ: هتي ڪيڏي نه محفل مَتي پيئي آهي. افسوس! هوءَ شڪل ڏسي، مون کي ڪيڏو نه ڏک ٿو ٿئي. ڏس هن جي ڳچيءَ ۾ سنهي زنجير آهي، جنهن هن جي برف جهڙي سفيد چمڙيءَ تي ڳاڙهو ڇِٽو ڪيو آهي. اهو ڇٽو ائين ته ڪپ جي ڇهنب ڪان متي ڪين آهي. ڏسڻ ۾ هڪ عجيب زيو پيو اچي.

ميفسٽو: هائو، تون صحيح آهين؛ ڇو ته مان به پيو ڏسان. پر عجب ؛ ڪائج، جي هن کي پنهنجو مٿو هٿن ۾ ڪٽندو ڏسين. اهڙيون ڳالهيون غي رواجي ڪين آهن. پر ڏس، بيا سڀ هتي خوش آهن. ڊومائون نه ڪاٺ، وقد ماٺي وٺ. چوڌاري خوشي لڳي پيئي آهي، هھڙو ميلو ڪنهن به شهر ، ڪين ڏسندين. پريان نهار، ڪليو ناٽڪ ٿو ڏسڻ ۾ اچي. ڏرتيءَ جا سڀ نَه نکت هتي هيٺ جا حقدار آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مايوسيءَ جو ڏينهن (ميدان ۾)

فائوست: ڏک ۾ - نااُميديءَ ۾ - هيترو وقت، مصيبتن ۾ گرفتار ٿي پئي ڀٽڪي آهي! ويچاري حليم نياڳيءَ نينگر کي ڏوهي نهرائي ترنگ منجهه هنيو اٿن، جتي هوءَ انيڪ قسمن جا سُور پيئي سهي! ڇو ههڙو حال ٿيس؟ اڙي بي وفا، ڪميڻا روح! هي قصو سمورو پئي لڪايو اٿئي! بيهه! هاڻي بيهه! پنهنجون شيطاني اکيون، مٿي ۾ شوخيءَ سان ٿو ڦيرائين: تون ته هاڻي مون کي ڏنو نٿو وٽين. ڇا، هن ويچاريءَ جو حال ٿيو آهي! هن لاءِ ڇٽڻ ناشدني آهي. پاپي آتمائن جي هٿن ۾ ڏني ويئي آهي. انسان تي فتويٰ ڏئي ٿو ۽ همدردي ڪين ٿو رکي. هي قصو پي سمورو وقت هليو آهي، ۽ تو مون کي پئي لوليون ڏنيون آهن ۽ هندورن ۾ لوڏيو اٿئي، گندي عيش ۾ پئي مون کي گمراهه ڪيو اٿئي؛ هن جو روز بروز وڌندڙ آزار پئي مون کان لڪايو اٿيئي ۽ هن کي پئي موت جي مُنهن ۾ ڏنو اٿيئي!

ميفسٽو: هوءَ ڪا پهرين نه آهي.

فائوست: ڪتا، نالائق، ڪميڻا!

اي پاڪ روح، تون ڪو هن نانگ کي، وري ڪتي جي شڪل ڏي، جنهن روپ ۾ رات جي وقت هو منهنجيءَ پر ۾ ڦيرا پائيندو هو ۽ بي خيالي لنگهائوءَ جي پيرن ۾ پيو اٽڪندو هو. ڪنهن ويچاري ٿابو کاڌو، ته جهٽ ڪُلهن تي چڙهي ويندو هوس. وري ڪتي جو روپ ڏينس ته منهنجي اڳيان ڌاريءَ ۾ پيو ليٽڙي ۽ آءٌ لتنُ سان ڇِهيانس. چنڊال! ڇي پهرين نه آهي. آفت! آفت! هڪڙو انسان، سورن جي پاتار ۾ پيو هجي، اڻ ڪُٿ ڏک سَنو هجيس ته به هن جي پيڙا جي پوڳنا ٻين کي سُورن کان نه ڇڏائي! اڙي هن جو دُک ڏسي، منهنجو ساهه نپوڙجي ويو آهي؛ رڳو هن هڪڙيءَ جو دُک ڏنو اٿم! پر تون هزارن جي بدنصيبيءَ تي نهاريو ڏند ڪڍي پيو کِلين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميفسٽو: هاڻي اچي سمجهه جي ڇچاڙيءَ وٽ پهتا آهيون. اهڙيءَ مهل اوهان انسانن جي عقل جو ڌاڳو ٽٽيو وڃي. پوءِ ڀلا اسان جي سنگت لاءِ ڇو ڏ آنا ٿيو؟ دل ڪريو ته اُڏامون، پوءِ ڇي مٿو تو ڦري! اسان توتي زوريءَ اچي پ هٿاسين؟ ڪين تون اسان تي اچي پئين؟

فائوسٽ: هاڻي اُهي پنهنجا رت پياڪ ڏند ته ڪرٽڻ بند ڪر- آءٌ توکي ڌڪاريان ٿو.

تون اي پاڪ روح! تو جنهن مون کي درشن ڏنو، تون جو منهنجي د اندر جو ڄاڻو آهين، تو ڇو ڪٺي مون کي هن سان جڪڙيو آهي، جنهن ج کاڌو آهي خرابي، ۽ جو نابوديءَ تي تُلو مڇي.

ميفسٽو: هاڻي بس ڪيئي؟

فائوسٽ: بچاءِ هن کي، نه ته ڪا آفت پونديءِ! هزارن ورهن تائين، پٽ پونديءِ.

ميفسٽو: آءٌ ڦهار جون ڄاڙهيل ڪڙيون نٿو ڇوري سگهان. آءٌ هن ڪُلف نٿو لاهي سگهان. هن کي بچايان! ڪير هو جنهن هن کي نابوديءَ وڌو، مون يا تو؟

(فائوسٽ شوخي ۾ ڇوڏاري نهاري ٿو.)

ڇا، آسمان جي وڄلي تو ڳولين؟ حق تي، اوهان ڪميڻن انسانن جي ا هٿ نه آهي! نه ته اوهان جو حال اهڙو آهي، ته جو به اوهان جي اڏو اچي پ کهڙو به ابوجهه هجي، ته اوهين هميشه جيڪر پانيو ته ڪيس زبون ڪر ڇڏيون. ظالم ائين ئي ڪندا آهن.

فائوسٽ: اُتي وني هل مون کي- هوءَ ضرور آزاد ٿيندي!

ميفسٽو: اهو ڪي خيال ڪيو اٿيئي، ته ڪيڏو خطرو تو پاڻ تي کڻي خون جو ڏوهه اڃان توتي آهي. شهر ۾ جنهن جاءِ تي خون ٿيو آهي، اُ حساب وٺندڙ روح پيا ڦرن، ته ڪٽي خوني موٽي اچي ته بدلو وٺونس.

فائوسٽ: تون ٿو هيئن چوين؟ راڪاس دنيا جا خون ۽ موت تنهنج سِر تي آهن؟ آءٌ تو چوان ته وني هل مون کي اُتي، ۽ آزاد ڪر هن کي.

ميفسٽو: حاضر، ۽ سڀ جيڪي مون کان پُڇي سگهندو سو ڪنده ڇا منهنجي وسُ آهي سو ٻُڌ. تون پائيئن ٿو ته مون کي آسمان ۾ ۽ ڌرتيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سموري طاقت آهي؟ آءٌ هلي تو جيل جي سنتريءَ جا حواس خطا ڪريان، تون هن جون ڪُنجيون هٿ ڪري، انساني هٿ سان هن کي ٻاهر ڪڍي اچج. تيسين آءٌ ٻيئو نهاريندس، جادوءَ جا گهوڙا تيار آهن، آءٌ توکي وٺي تو هلان. ايترو آءٌ ڪري سگهندس.

فائوسٽ: هل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات (کليل ميدان)

(فائوسٽ ۽ ميفسٽو فلس ڪارن گهوڙن تي چڙهيا منجهان ڀڄيا هلن.)

فائوسٽ: ڦاسيءَ جي پڙ ۾ هو ڇا پيا ڪن؛ پائنجي پيو ته ڪجهه اُڻن پيا.

ميفسٽو: نه. شايد ڪو ديگڙو چاڙهيو اٿن. گندو شوروو پيون ڪاڙهين؛ ڪو ڦند ڇند پيون اُچارين.

فائوسٽ: پورب پشچم پيون ڦرن؛ ڪڏهن گوڏا ٽيون ڪوڙين؛ ڪڏهن ڏنڊوت ٽيون ڪن.

ميفسٽو: ڏائڻيون ٽيون پنهنجي گروءَ جي پوڄا ڪن.

فائوسٽ: زمين تي پيون ڪُڇ پکيڙين؛ هاٿي پاڻي ٽيون ڏين؛ ڪجهه هوا ۾ ٽيون ڇنڪارين.

ميفسٽو: اڳتي! اڳتي! تکو! وڌيڪ تکو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيل

(فائوست جي هٿ ۾ ڪُنجين جو جهڳٽو آهي ۽ بتي به اٿس. جيل جي هڪ انڌاريءَ جي لوهي دراڳيان.)

فائوست: هنڙو آءٌ ڪڏهن ڪو ورلي ڏڪيس. مصيبت مٿان مصيبت. ايڏو ته بوجو مٿان پيو اٿم. جو جُهڪي پيو آهيان. هن پوسل ۾ هوءَ پيئي آهي، هاڻي ڦاسيءَ جي سزا جُڙي آهي، جو نه ديواني ٿي پيئي آهي؛ دماغ ڦِري ويو هوس، تنهن ڪري مرڻو اٿس. ۽ تون هن وٽ ويندي پيو ڏڪين! وري هن جي شڪل ڏسڻ کان پيو ڊڄين! جلد ڪر. ڪمزور دل وارا! تنهنجي هيءَ هُبڪ هن جي موت ۾ دير ڪانه وجهائيندي.

(ڪُلف تي هٿ ۾ جهلي! اندران ڳائڻ ٿو ٻُڌجي.)

اندران: آمڙ! منهنجي آمڙ!

ماءُ منهنجي بڇڙي، مون کي ماري وڌائين،

پيءُ منهنجو شودو، مون کي کائي ڇڏيائين،

هڏو هڏو منهنجو، پينڙيءَ رکيو،

"اُڏام پکي، اُڏام پکي،" سهڻي پکيءَ کي مون چيو.

فائوست: (در ٿو کولي) کيس خبر نه آهي. نه سندس پيارو، زنجيرن جي کڙ کڙ ۽ ککن جي چرچر ٻڌي وينو.

(اندر ٿو گهڙي.)

مارگريت: (پنهنجي هنڌ جي ککن ۾ مُنهن لِڪائي) مصيبت! مصيبت! اچن ٿا! اچن ٿا! موت! موت!

فائوست: (جهَڪي آواز ۾) ماٺ! ماٺ! آءٌ آهيان. توکي ڇڏائڻ آيو آهيان.

مارگريت: (سندس پيرن تي پئي) تون انسان آهين؟ مون تي رحم ڪر.

فائوست: ماٺ! ماٺ! هي تنهنجون رڙيون ۽ ڪُوڪون. سنترين کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ٻانهن ڇڏيندين.

(زنجيرن جي وڃي ٿو ڪولي.)

مارگريٽ: (هن اڳيان گوڏن ڀر ڪِري) جهنگلي، ههڙي ڪنور طاقت توکي ڪنهن ڏني؟ اڃا اڌ رات مسُ آهي، رحم ڪر؟

(اُٿي ٿي بيهي.)

مان اڃا ننڍي آهيان، بلڪل ننڍي آهيان! ايڏڙي ئي مري وڃان؟ اها منهنجي سونهن هئي، اها منهنجي سونهن هئي، جنهن مون کي چَٽُ ڪيو.

اڙي، منهنجو پيارو جي هجي ها– پر هُو ويو هليو، هارُ منهنجو ڇڇي پيو، گُلَ سڀ ڪِري پيا، اڙي مون سان اهڙو ڪهرو نہ پؤ. اڙي ڇڏ مون کي. مون توکي ڪونہ ڇيهو رسايو؛ مان روئان ٿي، توکي هٿ ٿي ٻَڌان، مون کي ڇڏ. مون تنهنجي شڪل اڳي ڪڏهن نہ ڏٺي آهي.

فائوسٽ: ههڙو ڏک سَهان، ههڙو ڏک سَهان.

مارگريٽ: مون کي ڄبر آهي، آءٌ سموري تنهنجي وس آهيان. رڳو رخصت ڏينم تہ ٻنهنجي ٻچڙي کي ڇڳڙ ڏياريان؛ سڄي رات ڇاتيءَ سان جهلي وڃي سانس پوءِ مون کان کسي ويا تہ پلي پيئي لُڇي مري؛ ۽ هاڻ ٿا چون تہ مون بارُ ماريو. منهنجو سُک هاڻي ويو، سدائين لاءِ ويو. هاڻي ٿا مون تي راڳ ڳائين، "ڪُڌو ڪم ڪيئي ڙي ڪُڌو ڪم ڪيئي."

فائوسٽ: (پَٽُ تي ٿو پاڻ کي اُڇلائي) مارگريٽ تنهنجو عاشق تنهنجي قدمن ۾ آهي، تنهنجا بندُ خلاص ڪرڻ آيو آهي.

مارگريٽ: (سندس پرَ ۾ تي پاڻ کي اُڇلائي) آءٌ تہ گوڏا کوڙي سنتن وٽ ٻاڏايو. ڏس! ڏس! اسان جي هيٺان جهنم پيو ٻري، شيطان اندر پيو گجي.

فائوسٽ: (ڏاڍيان) مارگريٽ– مارگريٽ.

مارگريٽ: (ڌيان سان نهاري) هي تہ منهنجي پياري جو آواز!

(ٽپ ڏيئي ٿي اُٿي– زنجيرون ڪِري ٿيون پون.)

هو ڪٿي آهي؟ – ڪٿي– مون تہ ٻنهنجي پياري جو آواز ٻُڌو!

هاڻي آءٌ آزاد آهيان، هاڻي ڪير مون کي قيد ڪندو. آءٌ ڪُرانڙي پائيندي سانس، ڇاتيءَ تي ليٽندي سانس؛ مون آواز ٻڌومانس؛ هو ٻنيي تي بيٺو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو نالو ڳنهندي ٻڌومانس: جهنم جي گوڙ گهمسان، ڌمڪين، طعنن ۽ شيطان جي کِل کِل ۾ مون پنهنجي پياري جو آواز ٻڌو. سندس پيار ڀريو آواز!

فائوسٽ: مان آهيان.

مارگريٽ: تون آهين! وري هڪ ڀيرو چؤ!

(ڇاتيءَ سان ٿي لڳائيس.)

هو آهي، هو آهي؟ ڪاڏي ويا سُور؟ قيد، زنجيرون، ڦاسي، ڪٿي آهن؟ تون آهين، ۽ تون مون کي بچائڻ آيو آهين؟ مان ته هينئر ئي آزاد آهيان: ڏس-هوءَ گهٽي، جتي پهرين گڏياسين- جتي مون پنهنجو پيارو اول ڏٺو. هو آهي اُهو فرحتي باغ، جو مُرڪي پيو، جتي آءٌ ۽ مارٿا توکي ملڻ لاءِ ترسيون هيون سين.

فائوسٽ: (ڪوشش ٿو ڪري هن کي ڪڍي وڃڻ جي) آءُ، آءُ مون سان.

مارگريٽ: ٿورو ترس- ڪي ٿورا پل- توسان ترسڻ مون کي وڻي ٿو.

(چميون ٿي ڏئيس.)

فائوسٽ: جلد- جلد، هڪ پَلُ ويو ته آفت آئي.

مارگريٽ: پريتم، رڳو ٿورو وقت مون کان پري ٿيو آهين، ته چُمي ڏيڻ ٻه وسري ويئي اٿيئي: تنهنجي ڀاڪرُ ۾ مون کي چو ٿي ههڙي مايوسي وٺي. ڪو وقت هو، جڏهن تنهنجي لفظن ۾، تنهنجي هڪ هڪ نهار ۾، مون کي جنت پئي ڀاسندي هئي. تڏهن تون مون کي ائين ته چُميون ڏيندو هُئين، جو ڄڻ چمين سان مون کي ٻُوساتي ڇڏيندو هئين! ڏينم چُمي- پيارا، هاٺي ڏينم چُمي- يا مان ٿي توکي چُمان!

(ڀاڪر ٿي پائيس.)

تنهنجا چپ ٿڌا ٿي ٿڌا- موڳا ٿي موڳا- مُردا ٿي مُردا. ڪٿي آهن منهنجون چُميون، ڪٿي آهن؟ ڪنهن وٽ ڇڏي آيو آهين؟ ڪٿي آهي منهنجو پيار؟ ڪنهن ڦُريو مون کان تنهنجو پيار؟

(ڪانئس مُنهن موڙي ٿي.)

فائوسٽ: اچ، اچ، همت رک، منهنجي پنيان اچ، منهنجي پياري منهنجو پيار ٻولن کان ٻاهر آهي، هاڻي اچ. رڳو هڪڙو، رڳو هڪڙو عرض.

مارگريٽ: (هن کان مُنهن موڙي) ۽ تون آهين، سچ پچ تون آهين؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فائوسٽ: هائو، هائو، پراچ!

مارگريٽ: ۽ تون ٿو منهنجون زنجيرون ڇين! تون ٿو مون کي وري ڇاتيءَ ساڻ ڇُٽين! مون کي ڏسڻ سان ڇو نہ ٿو ڏڪين؟ خبر ٿيئي تہ ڪنهن کي ٿو بچائين؟

فائوسٽ: اچ! رات جي ڪارنهن گهٽبي ٿي وڃي.

مارگريٽ: منهنجي ماءُ- تنهن کي مون ماريو: منهنجو ٻار- تنهن کي مون ٻوڙيو. اهو ٻارُ مون لاءِ ۽ تو لاءِ بخشيش ڪين هئو! هائو تولاءِ- هائو تنهنجو! ۽ تون هتي آهين. مون کي تہ اعتبار ئي نٿو اچي. مون کي هٿ ڏي، خواب تہ ڪين آهي. تنهنجو پيارو هٿ. او ڏٺي! هٿ آلو ٿي آلو. اُگهينس، اُگهي ڇڏينديس! مون ڀانيو تہ ڪا رت جي آلاڻ آهي.

ڇا ڪيو اٿيئي؟ اها رت هاٺي ترار مياڻ ۾ وجهي ڇڏ، منهنجو عرض اٿئي، مياڻ ۾ وجهي ڇڏ.

فائوسٽ: اڙي، ٿي گذريئي جو خيال نہ ڪر. جو ٿيو سو ٿيو. مون کي تہ ڪُهين ٿي.

مارگريٽ: نہ تون جيئرو رهندين، توکي رهڻو آهي، سڀاڻي ٻڌ توکي ڪهڙيون قبرون ناهرائڻيون آهن. سڀني ۾ سٺي جاءِ ڏج منهنجي ماءُ کي؛ پر ۾ سمهارج منهنجي ڀاءُ کي؛ تن جي لاڳو، ٿورو پريرو پر نہ تمام پري، منهنجي جاءِ هجي؛ ننڍڙو ابهم هجي منهنجي ساڄي ٿڻ تي؛ انهيءَ بستري تي مون سان ٻيو ڪير نہ سمهي! تنهنجي پاسي ۾ سمهندي هيس، ڪهڙي نہ خوشي هوندي هئي. بس اُها خوشي هاٺي وري ڪانہ ايندي، مان ڀيٽي ڀانيان تہ مان توتي بارُاچي پيئي هيس، تہ تون منهنجي پاڪر ڪان پٺي پري ٿئين. پر تون اڃا بہ تہ ساڳيو آهين. تنهنجو مُنهن اڳي جهڙو ئي مهربان آهي.

فائوسٽ: جي تون ڀانئين ٿي تہ آءٌ آهيان، تہ آءُ، آءُ.

مارگريٽ: ڇا؟ هتي ٻاهر؟

فائوسٽ: هائو! ٻاهر، آزاد هوا ۾.

مارگريٽ: هان- قبر ۾- موت ڪين ٻاهر اکيون وجهيو ويٺو آهي. وارا پيو ڏئي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ آءُ، هميشه لاءِ آرام جي بستري تي. هائو هائو، هاڻي بس- هاڻي بس- وڌيڪ قدم بہ نہ. وڃين ٿو، هينري؟ مان توسان هلان؟

فائوسٽ: آءُ آءُ در کُليا پيا آهن. رڳو اچ.

مارگريٽ: وڃڻ جي مون کي همٿ نہ آهي. مون لاءِ ڪو علاج نہ آهي. ڀڄڻ مان ڪهڙو سُود؟ جيڏانهن وڃان تيڏانهن جاسوس. پينڻ ڏکيو آهي، پر چيندڙ ضمير جو آزار وڌيڪ ڏکيو آهي. ڌارين ديسن ۾ رُلڻ مشڪل آهي. پوءِ مان ڇا بہ ڪٽي ڪريان، نيٺ بہ اچي مونکي پڪڙيندا.

فائوسٽ: آءُ توساڻ هونديس.

مارگريٽ: (بلڪل شوخيءَ سان) ”ٻچ ٻچ، پنهنجو غريب ٻارڙو بچاءِ. رستي ڪان پري، ڪَسيءَ جي پاسي، پيچرو وٺي وڃ ٻيلي ۾، پوءِ ورُ ڏائي پاسي، تلاءَ ۾ پيو اٿيئي. ترسج نہ، اجان بہ ساهہ اٿس. هٿڙا ننڍڙا، ڏڪنس ٿا، ڏڪنس ٿا. بچاءِ! اڙي بچاءِ!

فائوسٽ: مون کي نہ پتڪاءِ- سانت ڪر! سانت ڪر! رڳو هڪڙو قدم، ۽ پوءِ تون آزاد.

مارگريٽ: اڙي جي رڳو هوءَ ٽڪري پٺتي ڇڏيون ها. ڏسُ منهنجي ماءُ پٿر تي ويٺي آهي. منهنجي پيشانيءَ تي برف جهڙو ٿڌو مُردي جو هٿ آهي. منهنجي ماءُ پٿر تي ويٺي آهي. سندس اچو مٿو پيو ڏڪي، سندس اکيون ٽيون پُورجن. هاڻي ڪنڌ ڌڏڻ بہ بند ٿي ويو، هن جو مٿو ڳرو پيو ڏسجي، ننڊ گهٽي تي ڪري. اڙي، جڏهن گهري ننڊ اچي ويندي هيس تڏهن ڪهڙو نہ سين خوش ٿيندا هئاسين، ڪهڙو نہ مزو ماڻيندا هئاسين.

فائوسٽ: هاڻي تہ هيءَ ٻڌي ئي نٿي. هوءَ لفظ سمجهي ئي نٿي. ٻيو ڪو رستو ڪونہ آهي. زوريءَ سان تو کڻي وڃانس.

مارگريٽ: هٿ نہ لاءِ. نہ نہ، آءُ هٿ لائڻ ڪين ڏينديس. خونيءَ هٿ سان مون کي نہ پڪڙ. جيڪي ڪيم سو تولاءِ، منهنجا پيارا. جيڪي پيار ي ڪيم سو خوشيءَ سان تي ڪيم، دل سان تي ڪيم.

فائوسٽ: ڏينهن ٿو ٿئي؛ اڙي جلد اٿي منهنجي پياري! منهنجي پياري!

مارگريٽ: ڏينهن! هائو، ڏينهن آهي پويون، قيامت جو ڏينهن! اڄ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪر سمجهي وهانوَ جو ڏينهن ٿئي ها. ڪنهن کي به نه چئج ته تون ڪو غريب مارگريٽ وٽ هُئين. افسوس! منهنجو هارُ اڳيئي سڙي ويو. وري گڏباسين، پر نه ناچن تي پيارا. ماڻهن جا حشام مِڙندا ٿا وڃن، هزارين ڪَنا تي ويا آهن، گهَنڊُ وڳو آهي. موت جي لڪڙي ڀڳي. منهنجون اکيون ٿا ٻَڌن، گهلي ٿا وڃن، ڦاسي وٽ وني آيا آهن. رت جي ڪرسيءَ ۾ مون کي ٻڌن ٿا. هزارن جا سينا مٿي ٿا نهارين. ڦٽ ٿو پڇي، جان تي ٿئي. دنيا هاڻي قبر وانگر ماٺ ۾ آهي!

فائوسٽ: اڙي شال آءٌ ڄمان ئي نه ها!

ميفسٽو: (دروازي وٽ ٿو ڏسڻ ۾ اچي) جلد ڪر نه ته وِئين. هي ڏڪ ڏڪ، دير، ۽ اجائي بڪ بڪ تولاءِ نابودي آڻيندي. نڪري آءُ، نه ته وِئين. منهنجا گهوڙا ٿڌ ۾ پيا ڏڪن.

مارگريٽ: هي ڪهڙي شڪل آهي، جا ڌرتيءَ مان ٿي ٻاهر نڪري؟ هو آهي، هو آهي. اڙي ڪڍينس هن ڪوٺيءَ مان؛ هتي ڇا کپيس؟ اڙي هتي ڇو آيو آهي؟ هن پاڪ زمين تي ڇو ٿو پيرُ رکي؟ مون لاءِ آيو آهي؟

فائوسٽ: تون جيئري رهندينءَ منهنجي پياري.

مارگريٽ: ڏٺيءَ جي دربار ۾ آءٌ ٿي پڪاريان، ڏٺي اڳيان ٿي مٿو نِوايان.

ميفسٽو: (فائوسٽ کي) آءُ هليو، نه ته ڇڏي ويندوسانءِ، پوءِ ڪٿيئي نصيب.

مارگريٽ: ڏٺي منهنجا! مهرُ ڪر پنهنجي ٻالڪ تي. ديوتائون، پوتر ديوتائون، رکي وٺو هن نماڻيءَ کي. هينري- آءٌ توتي نهارڻ کان ڀيئي ڊڄان.

ميفسٽو: آءُ- حڪم ٿي ويو، ختم ٿي!

آڪاس واڻي: مُڪت ٿي!

ميفسٽو: (فائوسٽ کي) هيڏانهن، مون ڏانهن!

(فائوسٽ سان گڏ غائب ٿي ٿو وڃي.)

آواز (اندران، جهَڪو ٿيندو ٿو وڃي) هينري! هينري!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Rs. 30.00

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ

ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاڙو، پاڇوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَڙهندڙ نَسُل . پ ن The Reading Generation

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها تَوڙي نيرا، ساوا تَوڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book